آزمائشي اشاعت

# مذهبي تعليمات

## آئين ڪلاس لاءِ

(نئين نصاب مطابق)

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

ڇپيندڙ: اعظم سنز ڪراچي.

سڀئي حقَ ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.

تيار ڪندڙ: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو

منظور ٿيل: صوبائي محڪمه تعليم و خواندگي ، حڪومت سنڌ

مراسلہ نمبر: سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي
نمبر SO(C)SELD/STBB-18/2021، مؤرخ: 06 اپريل 2021 موجب
سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ اَخلاقيات جو واحد درسي ڪتاب

ڪتابن جي ڇڪاسڻ جي صوبائي ڪميٽي ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، ڄام شورو جو ڇڪاسيل

**نگرانِ اعلىٰ:** پرويز احمد بلوچ (چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ)

**نگران:** عبدالباقي ادريس السندي

**ليکڪَ:**
پونجراج ڪيسراڻي
مولانا نياز احمد راڄپر
پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ

## صوبائي جائزه ڪميٽي

* انجنيئر اي ايل جڳرو
* ڊاڪٽر چمن منشا
* عبدالباقي ادريس السندي
* جيون منشا روپاڻي
* چيتن ميگھواڙ
* نڪٽ سنگھ سوڍو
* پروفيسر محمد وسيم مغل

ڇپيندڙ: هي ڪتاب حميد پرنٽنگ پريس، ڪراچي ۾ ڇپيو.

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| باب پهريون: مذهبن جو تعارف | 1 |
| 1. سماجي پلائيءَ ۾ مذهب جو ڪردار | 2 |
| 2. اخلاقي سڌاري ۾ مذهبن جو ڪردار | 8 |
| 3. ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جو تعارف ۽ ترقي | 13 |
| 4. ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جا مقدس ڪتاب ۽ سکيائون | 21 |
| باب ٻيو: سماجي ۽ اخلاقي قدر | 28 |
| 1. حُب الوطني | 29 |
| 2. هڪ شهريءَ جا فرض ۽ ذميداريون | 35 |
| 3. قانون جو احترام | 40 |
| 4. 1973ع وارو آئين ۽ بنيادي انساني حق | 46 |
| 5. سماجي زندگيءَ ۾ وقت جي پابندي ۽ ان جي اهميت | 51 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| باب ٽيون: سماجي آداب | 56 |
| 1. ميل جول جا آداب | 57 |
| 2. ميل جول جا طريقا | 62 |
| 3. وڏن جو احترام | 67 |
| 4. بيمار جي طبع پُرسي | 72 |
| باب چوٿون: شخصيتون | 77 |
| 1. ميران ٻائي | 78 |
| 2. مقدس اگستين | 84 |
| 3. ابن مسڪويہ | 90 |
| 4. ابراهام لِنڪن | 95 |
| باب پنجون: مذهبي ڏڻ | 102 |
| 1. ڏياري | 103 |
| 2. جنم اشٽمي | 108 |
| 3. ويساکي | 114 |

باب پهريون

# مذهبن جو تعارف

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۾ شاگرديائڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- سمجهي سگهندا ته هڪ سٺي انسان هئڻ ناتي لازم ٿئي ٿو ته هو سماجي ڀلائي لاءِ بي غرض ٿي ڪوشش ڪري.
- مکيه مذهبن مان ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي ترقي جي وضاحت ڪري سگهندا.
- ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي مذهبي ڪتابن بابت ڄاڻي سگهندا.
- ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي ڌرمي سکيائن بابت وضاحت ڪري سگهندا.




مذهب يا ڌرم اخلاقي تعليم جو سرچشمو آهن مذهب ۽ مذهبي اڳواڻن جو بنيادي مقصد انسانن کي مالڪِ حقيقي سان جوڙڻ سندن اخلاقي ڪردار بلند ڪرڻ آهي. ان اخلاقي تعليم جو دائرو انسان جي اندروني ڪيفيتن، ظاهري ڪردار، سماجي تعلقات توڙي روحاني ترقي واري راهه تائين ڦهليل هوندو آهي.

مذهبي اڳواڻ انسان کي انهن اخلاقي سکيائن تي هلڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ يقيني طور اخلاقيات جي تعليم کي سکي ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان انسان ذاتي، سماجي ۽ روحاني اعتبار سان ڪامل ٿي وڃي ٿو.

هن باب ۾ مذهب ذريعي ”سماجي ڀلائي“، ”اخلاقي ڪردار جي سڌاري“ ۽ ”ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم“ جي بابت معلومات تي مشتمل سبق شامل ڪيا ويا آهن.

# سماجي ڀلائيءَ ۾ مذهب جو ڪردار

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائڻيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- سماجي ڀلائي جي وصف بيان ڪري سگهندا.
- دنيا جي مذهبن جي مختلف النّوع هجڻ باوجود انهن جي ڀنيان اتحاد واري جذبي کي تلاش ڪري سگهندا.
- عوام جي سماجي بهبود لاءِ مذهبن جي ڪردار جو جائزو پيش ڪري سگهندا.
- عوامي بهبود لاءِ ٿيندڙ سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندا.
- سمجهي سگهندا ته سماج جي معذور ماڻهن کي همت افزائي ۽ ترغيب ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي.




انساني فطرت آهي ته هو سماج کان الڳ نه ٿو رهي سگهي. ان ڪري دنيا جي سمورن مذهبن ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته انسان جنهن سماج ۾ رهي ٿو، ان جي ڀلائي لاءِ ڪوشش ڪندو رهي. بائبل مقدس، قرآن مجيد، پراڻ، ويد، اَوِستا، گرو گرنٿ صاحب جي ۽ ٻين سڀني مقدس ڪتابن ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو آهي ته يتيمن، بيمارن، ضرورتمندن، بيواهن ۽ پرديسي مسافرن جون گُهرجون پوريون ڪيون وڃن. بائبل مقدس ۾ لکيل آهي:

"اسان مان هر هڪ پنهنجي پاڙيسري کي ان جي بهتري لاءِ خوش ڪري جيئن هو ترقي ڪري سگهي". (رومنس 15:2)

مذهب جيئن ته سماج جي ترقي ۾ فرد جو ڪردار ڏسڻ چاهي ٿو، ان ڪري هر مذهب ان لاءِ هڪ نظام ترتيب ڏنو آهي، اسلام ۾ زڪوات جي ادائگي ڪئي ويندي آهي، ٻڌمت ۾ دان جو تصور آهي، سک مت ۾ دس ونڌ يعني ڏهه سيڪڙو، مسيحيت ۾ ڏهه يڪي يا عُشر (ڏهين پتي) جو نظام ۽ هندومت ۾ دشما ڀاڱ وِرت موجود آهي، جنهن جو مطلب اهو عهد ڪرڻ آهي ته انسان پنهنجي ڪمائيءَ مان ڏهه سيڪڙو غريبن لاءِ دان ڪندو. مذهب

انسان کي تلقين ڪري ٿو ته مالڪِ حقيقي جڏهن ڪيس پنهنجي نعمتن سان نوازي، ڪيس وسيلا عطا فرمائي ته اهو سماج جي غريبن ۽ مسڪينن کي فراموش نه ڪري، پر ايثار کان ڪم وٺندي پنهنجي ڪمائي جو ڪجهه حصو مالڪِ حقيقي جي مخلوق لاءِ به وقف ڪري. اسان سيني کي گهرجي ته پنهنجي پنهنجي مذهبي تعليم مطابق انسانيت جي ترقي ۽ ڀلائيءَ لاءِ پنهنجي ڪمائي مان ٻين لاءِ حصو ضرور ڪيون. ان سان نه صرف مالڪِ حقيقي خوش ٿيندو پر اسان پنهنجي دل ۾ پڻ هڪ قسم جو اطمينان ۽ حقيقي خوشي محسوس ڪنداسين.

اهو ضروري ناهي ته سماج جي ترقي لاءِ پنهنجو ڪردار رڳو پئسن ذريعي ادا ڪري سگهجي. اوهان پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرائيندؤ ته اوهان کي گهٽ ۾ گهٽ ڪي قسمن جا ضرورتمند ڏسڻ ۾ ايندا. ڪو اهڙو ٻار هوندو، جنهن جي تمنا هوندي ته هو تعليم حاصل ڪري سگهي، پر سندس گهرو حالات ڪيس ان جي اجازت نه ڏيندا هوندا. شام جو ڪجهه وقت ڪڍي اوهان اهڙن ٻارن کي پڙهائي سگهو ٿا. بيمارن جي آرام جو خيال رکي سگهو ٿا. جيڪي ماڻهو ذهني مريض آهن، انهن جي خدمت جو طريقو هي آهي ته انهن تي ٺٺول نه ڪئي وڃي يا انهن کي ڪا تڪليف نه ڏجي، پر ڪين ڪنهن سني ڊاڪٽر ڏانهن علاج لاءِ رهنمائي ڪئي وڃي. ياد رکو ته زندگيءَ جو هڪ اهم مقصد ٻين ڪاڻ جيئڻ به آهي.

مذهب صرف سماجي تعمير ۽ ترقيءَ جي ڳالهه نه ٿو ڪري پر ان کان پهرئين ماڻهوءَ جي پنهنجي ڪردار سڌارڻ تي زور ڏئي ٿو. انساني تاريخ جي شروعاتي دور جي ڳالهه ڪجي ته انسان جهنگن ۾ رهندو هو، قبائلي نموني جي زندگي گذاريندو هو. زندگي گذارڻ لاءِ ڪيس ڪيترين ئي تڪليفن سان منهن ڏيڻو پوندو هو، مثال طور: سَخت سردي گرمي ۾ پنهنجي حفاظت ڪرڻ، خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ هٿرادو اوزار مثلاً: تير ڪمانن يا ڀالن سان ڊوڙندي شڪار ڪرڻ، اهڙي قسم جي حالتن ۾ وسيلا گهٽ ۽ مشڪل سان هٿ ايندا هئا.

هڪٻئي کان اڳتي نڪرڻ جي جاکوڙ ۾ دشمنيون به جنم وٺنديون هيون. ٿوري ٿوري ڳالهه تي تلخ ڪلامي ٿيڻ ڪري هڪ ٻئي تي تلوارون اڀيون ٿي وينديون هيون. ماڻهو هڪ ٻئي کي دشمن سمجهندا هئا ۽ اهي جنگيون نسل در نسل هلنديون رهنديون هيون. ”جيڪو ڏاڍو، سو ڳابو“ وارو قانون هو. ان وقت ماڻهن ۾ صلح ۽ امن قائم ڪرڻ جو فيصلو مالڪِ حقيقيءَ جي موڪليل نبين سڳورن ئي سرانجام ڏنو. جيڪڏهن اڄ به مذهب جي تعليم توڙي نيڪيءَ جي هدايت ۽ آخرت جو خوف سماج مان نڪري وڃي ته سماج جهنگ

جهڙو تي وجي. حقيقت ۾ سماج ماڻهن مان ٺهي ٿو، ان ڪري دنيا جو هر مذهب سڀ ڪان پهريان انفرادي طور هر ماڻهو کي نيڪيءَ جي تلقين ڪري ٿو، ڇو تہ جيڪڏهن هر ماڻهو سڌي واٽ تي هلڻ لڳي تہ هوند هڪ مثالي سماج قائم ٿي پوي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ

انساني ترقيءَ ۾ مذهب جو وڏو اهم ڪردار رهيو آهي. ڪنهن مذهبي مفڪر جي چوڻ مطابق ڌرتيءَ تي امن و امان ۽ انتظام قائم رکڻ لاءِ مذهب ضروري آهي. ابراهيمي مذهب ۾ جيڪي احڪام ڏنا ويا آهن، سي انساني سماج جي تعليم ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بابت آهن. دنيا جي مذهبن سماج جي ترقي لاءِ انسانن کي ايثار ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. دنيا جا سڀئي مقدس ڪتاب، ضرورتمندن ۽ اُبوجهن جي پرگهور لهڻ لاءِ زڪوات، ڏهه يڪي، دان، دشما ڀاڱ ورت وغيره ادا ڪرڻ تي زور ڏين ٿا. اسان سڀني جي اها ذميداري آهي تہ سماج جي ترقي لاءِ مذهبي تعليم تي عمل ڪندي ڀرپور نموني سان پنهنجو ڪردار ادا ڪريون.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1. انساني ترقيءَ لاءِ مذهب جي اهميت ۽ افاديت بيان ڪريو.
2. سماجي ڀلائيءَ لاءِ مذهبَ ڪهڙين ڳالهين جي تلقين ڪن ٿا؟
3. سماجي ڀلائيءَ لاءِ اسين پنهنجو ڪردار ڪهڙي نموني ادا ڪري سگهون ٿا؟ مثالن سان واضح ڪريو.
4. اڳوڻي زماني جو انسان ڪهڙي نموني زندگي گذاريندو هو؟
5. عام ڀلائي واري رجحان سان ماڻهو تي ڪهڙو اثر پوي ٿو؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:

1. زڪوات جي ادائيگي ڪئي ويندي آهي:

(الف) مسيحيت ۾ (ب) سناتن ڌرم ۾

(ج) اسلام ۾ (د) سک ڌرم ۾

2. ”دان“ جو تصور آهي:

(الف) ٻڌ ڌرم ۾ (ب) سک ڌرم ۾

(ج) مسيحيت ۾ (د) اسلام ۾

3. گرو گرنٿ صاحب جي ڪي مڃين ٿا:

(الف) سک مت وارا (ب) جين ازم وارا

(ج) مسيحيت وارا (د) ٻڌ ازم وارا

4. پنهنجي ڪمائي مان ٻين کي حصو ڏيڻ سان خوش ٿئي ٿو:

(الف) غريب (ب) سماج

(ج) مالڪِ حقيقي (د) هر انسان

5. تاريخ جي شروعاتي دور ۾ انسان رهندو هو:

(الف) جبلن ۾ (ب) جهنگ ۾

(ج) آسمان تي (د) زمين تي

(ج) هيٺيان خال مناسب لفظن سان ڀريو:

1. انساني فطرت آهي ته هو ______ کان الڳ نه ٿو رهي سگهي.
2. سماج ۾ بيواهن، مسڪينن ۽ يتيمن جي مدد لاءِ مذهب اسلام ۾ ______ جو حڪم ڏنو ويو آهي.
3. سماج جي ڀلائيءَ لاءِ ايثار جو سبق ______ ڏنو.
4. مسيحيت ۾ پنهنجي ڪمائيءَ مان ڪجهه حصو غريبن لاءِ مقرر ڪرڻ کي ______ چئبو آهي.
5. هندومت ۾ پنهنجي ڪمائي جو ڏهه سيڪڙو ڏيڻ کي ______ چئبو آهي.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مذهب انسان کي سماج جي اهميت ۽ ان ۾ رهڻ جا طور طريقا سيکاريا. | | |
| 2. انسان کي سماج ۾ رهندي ان جي ڀلائي لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. | | |
| 3. اڳئين زماني ۾ جنگيون نسل در نسل نه هلنديون هيون. | | |
| 4. انسانيت جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ پنهنجي ڪمائي مان ٻين لاءِ حصو ڪڍڻ گهرجي. | | |
| 5. سماجي ترقي لاءِ ماڻهو پنهنجو ڪردار پئسن ذريعي ئي ادا ڪري سگهي ٿو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون سماج ۾ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڀلائي جي ڪمن جي فهرست تيار ڪن ۽ ان بابت ڪلاس ۾ بحث منعقد ڪري نتيجا اخذ ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

ڀلائي جي ڪمن جي فهرست مرتب ڪرڻ ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي رهنمائي ڪئي وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| معنیٰ | لفظ |
|---|---|
| خوبيون، سنايون | وصف (ج) اوصاف |
| پنهنجي مقابلي ۾ ٻئي کي ترجيح ڏيڻ | ايثار |
| وسارڻ | فراموش ڪرڻ |
| پاڪيزه، صاف سٿرو | مقدس |
| ضرورتون | گهرجون |
| خير خيرات | دانُ |
| بغير قيمت جي ڪنهن جو نفعو خيرات ڪرڻ | وقف ڪرڻ |
| آسرو، اميد | تمنا |
| ٻئي کي گهٽ سمجهڻ | ٺٺول |
| سخت ۽ اڻ وڻندڙ ڳالهائڻ | تلخ ڪلامي |
| قديم جنگين جو هڪ هٿيار | ڀالو |
| مسافر، اجنبي | پرديسي |
| مختلف قسمن جا | مختلف النّوع |

# اخلاقي سڌاري ۾ مذهب جو ڪردار

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ ڪان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- اخلاقي سڌاري جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- وضاحت ڪندا ته مذهب اخلاقي سڌاري ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪن ٿا.
- هر مذهب ۾ موجود ”عام سنڻ روين“ بابت بحث ڪري سگهندا.
- مثالن سان ڏيکاري سگهندا ته ڪهڙن طريقن ذريعي بين مذهبن لاءِ برداشت، اجتماعيت ۽ احترام وارو جذبو اجاگر ڪري سگهجي ٿو.

**مفهوم:**

جڏهن ماڻهو پنهنجي مذهبي تعليم جي بنياد تي هر هڪ ڪم ۾ دنيا سان گڏ پنهنجي اڳئين جهان واري زندگي تي نظر ڪري بهتر ڪان بهتر ٿيڻ جو مظاهرو ڪري ٿو ته سندس هر قول ۽ فعل سڌاري جي طرف وڌي ٿو ۽ هو پاڻ ڪي نيڪي ۾ مطمئن ۽ برائي ۾ پريشان محسوس ڪري ٿو. ان ڪيفيت جو نالو ”اخلاقي سڌارو“ آهي.

سوال پيدا ٿيندو ته انسان لاءِ آخر مذهب جو ضروري آهي؟ ان جو جواب ڪنهن مفڪر هن طرح ڏنو آهي ته:

”انساني سماج ۾ هن پوري دنيا ۾ امن و امان ۽ انتظام قائم رکڻ جي چابي مذهب ئي آهي.“

ٿورو غور ڪريو، دنيا ۾ جڏهن ڪوبه قانون نه هو ته ان وقت مذهب ئي انسان کي سماج جي اهميت ۽ ان ۾ رهڻ جا طور طريقا مهيا ڪري ڏنا، مثال طور موسوي شريعت کي ڏسجي ته ابراهيمي مذهبن مان اها پهرين شريعت آهي، ۽ حضرت موسیٰ کي مليل ڏهن احڪامن مان پهريان پنج احڪام انسان کي مالڪِ حقيقي ۽ پنهنجي خاندان سان سنئي تعلق رکڻ جي تعليم ڏين ٿا ۽ آخري پنج احڪام سماج ۾ رهڻ جي آدابن سان تعلق رکن ٿا. ”منوسمرتي“ ۾ ڏنل ڌرم جي ڏهن لڪشڻ (نشانين) تي عمل ڪرڻ به اخلاقي سڌاري جي ڪردار جي نشاندهي ڪري ٿو.

ماڻهن کي پنهنجي اندر روحاني خوبيون پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي سماج جي ڀلائيءَ لاءِ ايثار ڪرڻ جو سبق مذهب ئي سيکاريو آهي، جيڪڏهن انسان بين ڪاڻ ايثار جو جذبو نه رکندو، ضرورتمندن تي ڪهل نه ڪندو، انصاف نه ڪندو، بين جي ڀلائيءَ لاءِ نه

سوچيندو تہ سماج ڪڏهن بہ ترقي نہ ڪندو، پر هڪ جاءِ تي ئي بيٺل رهندو.

مذهب ۾ انسان جي عملن جو دارومدار سندس ارادي تي رکيل آهي. سٺي ارادي سان سٺي ثمر ۽ اجر جي اميد هوندي آهي. ساڳي نموني عقيدو بہ انساني ڪردار توڙي عملن جي پختگي جو سبب هوندو آهي. جهڙي طرح هر هڪ مذهب سمجهائي ٿو تہ ٻئي جو ناحق مال ڦٻائڻ، ان جي بي عزتي ڪرڻ ۽ ان جي جان وٺڻ ناجائز ۽ بڇڙا ڪم آهن. هاڻي جنهن ماڻهوءَ جو انهن سڪيائن مٿان عقيدو مضبوط هوندو سو انهن ڪمن جي ويجهو ڪين ويندو. پر اهڙو رويو ڌاريندو جنهن ۾ ڪائنس ٻيا ماڻهو بہ راضي هجن ۽ اهڙي بهتر رويي ڪي هر مذهب اپنائڻ جي هدايت ڪري ٿو. جهڙوڪ: معاف ڪرڻ، نرمي ۽ درگذر کان ڪم وٺڻ، سٺو ڳالهائڻ، اوڙي پاڙي ۽ دوستن جي ڪم اچڻ، ضرورتمندن ۽ بي پهچن جي سهائتا ڪرڻ، قول، فعل ۽ ڪردار ۾ حق ۽ انصاف ڪي اختيار ڪرڻ وغيره.

هر مذهب ۾ ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي انساني ڪردار ڪي سڌارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ سڀني مذهبن ۾ موجود عقيدن توڙي عملن ۾ هڪجهڙائي رکندڙ ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان سماج ۾ برداشت، اجتماعيت ۽ ٻين مذهبن لاءِ احترام وارو جذبو اجاگر ڪري سگهجي ٿو.

تنهنڪري انسان پنهنجي دل ۾ مالڪِ حقيقيءَ جو خوف رکي ۽ سندس ڏنل حڪمن تي عمل ڪري. دنيا جي سڀني مذهبن جي تعليم بہ بلڪل اها ساڳي آهي تہ اهي انسانن ڪي سٺو انسان ٿيڻ جي تلقين ڪن ٿا. هندومت ۾ ”ڪرما“ جو فلسفو موجود آهي، جيڪو سيکاري ٿو تہ جيڪڏهن انسان سٺا عمل ڪندو تہ مُڪتي حاصل ڪندو ۽ جيڪڏهن برا ڪم ڪندو تہ ڪيس اعمال جي حساب سان ٻيو جنم ڏنو ويندو ۽ ”شريمد ڀڳود گيتا“ ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ ڪي واضح طور تي نرڳ جو دروازو چيو آهي سک مت جي تعليم آهي تہ ست شيون اهڙيون آهن جيڪي انسان ڪي ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان روڪين ٿيون:

(1) اهنڪار معنيٰ تڪبر (2) ڪام معنيٰ اجايون خواهشون (3) ڪروڌ معنيٰ ڪاوڙ (4) لوڀ معنيٰ لالچ (5) موهہ معنيٰ دنيا جو پيار (6) مَن مُک معنيٰ پنهنجو پاڻ وڏائڻ (7) مايا معنيٰ مال جي محبت.

اهڙيءَ ريت مسيحيت ۾ بہ بڇڙن ڪمن کان جهليو ويو آهي، بائبل مقدس ۾ لکيل آهي:

”هاڻي جسم جا ڪم تہ ظاهر آهن، مثال طور: حرامڪاري، ناپاڪي، شهوت پرستي، بت پرستي، جادوگري، دشمني ڪرڻ، جهيڙا جهٽا ڪرڻ، حسد، ڪاوڙ، نا اتفاقي،

جدائي ڪرڻ، بدعتون، ساز، نشي بازي، ناچ گانا ۽ ان جهڙا ٻيا“

## ٻين مذهبن لاءِ بهتر رويي جا طريقا:

ٻين مذهبن لاءِ برداشت اجتماعيت ۽ احترام پيدا ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏنل ڪجهه اهم اصول ياد رکڻ گهرجن:

1. سڀئي انسان مالڪِ حقيقي جي مخلوق آهن. مالڪ حقيقيءَ کي پنهنجي مخلوق سان ڏاڍو پيار آهي. اسان کي به هر انسان جو قدر ڪرڻ گهرجي.
2. اوهان عقيدي جي ڪري ڪنهن کي گهٽ نه سمجهو.
3. مالڪِ حقيقي اوهان کي پنهنجي جن برڪتن سان نوازيو آهي اوهين انهن برڪتن ۾ ٻين غريبن ۽ ضرورت مندن کي شريڪ ڪريو.
4. ڪنهن به موضوع تي گفتگو دوران ممڪن آهي ته ماڻهو اوهان سان اتفاق نه ڪن. تنهنڪري ٻين جي ڳالهه توجهه ۽ ڌيرج سان ٻڌو ۽ ان جي راءِ جو احترام ڪريو.

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

مذهب ۾ انساني ڪردار کي سڌارڻ جي وڏي اهميت آهي. نيڪيءَ جي تلقين، برائيءَ جو خاتمو ۽ آخرت جو خوف رکڻ جهڙيون انيڪ خوبيون سماج کي بري بڻجڻ کان روڪين ٿيون. سماج ماڻهن سان جڙيل ٿو، تنهن ڪري مثالي سماج تڏهن ئي قائم ٿي سگهي ٿو، جڏهن هر هڪ ماڻهو سڌي رستي تي هلي. سٺي انسان بڻجڻ لاءِ عقيدو ۽ اعمال ٻئي ضروري آهن. دنيا جي سڀني مذهبن انسان کي دل ۾ مالڪِ حقيقيءَ جو خوف رکڻ ۽ سندس حڪمن کي مڃڻ جي تلقين ڪئي آهي. انسانن لاءِ ٻين جي عزت ڪرڻ به لازم قرار ڏنو ويو آهي. جيتوڻيڪ اهي عقيدي، سماج، مرتبي ۽ سوچ جي لحاظ سان اوهان کان مختلف هجن، هر حال ۾ اوهان کي پنهنجي قول ۽ فعل سان ٻين جي عزت ڪرڻ گهرجي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. سنڌو انسان تيڻ لاءِ مذهب ڪهڙين ڳالهين جي تلقين ڪئي آهي؟
2. ٻين جي عزت ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟ ائين ڪرڻ سان ڪهڙو فائدو ملندو؟
3. 
4. سک مذهب مطابق ناڪامي ڏانهن وٺي ويندڙ شيون ڪهڙيون آهن؟
5. هر مذهب ڪهڙين چڱين ڳالهين جي تلقين ڪري ٿو؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. پوري دنيا ۾ امن امان قائم رکڻ جي چابي آهي:

| | |
|---|---|
| (الف) تعليم | (ب) سائنس |
| (ج) سٺا رويا | (د) مذهب |

2. نرگ جو دروازو ڇيو ويندو آهي:

| | |
|---|---|
| (الف) ڪام | (ب) ڪروڌ |
| (ج) لوڀ | (د) سيئي |

3. مُڪتي حاصل ٿئي ٿي:

| | |
|---|---|
| (الف) سٺا عمل ڪرڻ سان | (ب) خراب عمل ڪرڻ سان |
| (ج) لالچ ڪرڻ سان | (د) چوري ڪرڻ سان |

4. هر مذهب تعليم ڏئي ٿو:

| | |
|---|---|
| (الف) برداشت جي | (ب) اجتماعيت جي |
| (ج) احترام جي | (د) سيئي جي |

5. انساني ڪردار مضبوط ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| (الف) ارادي سان | (ب) عملن جي پختگي سان |
| (ج) عقيدي سان | (د) معاف ڪرڻ سان |

(ج) هيٺيان خال مناسب لفظن سان پريو:

1. عقيدي جو ______ سان گهرو تعلق آهي.
2. اسان نظرياتي اختلاف باوجود هڪ ٻئي جا ____ تي سگهون ٿا.
3. سٺي ڪم جي جزا ۽ بري ڪم جي سزا لاءِ هندو مت ۾ ______ جو فلسفو موجود آهي.

.4 مذهب ۾ انساني ڪردار ڪي سڌارڻ جي وڏي ______ آهي.

.5 هر حال ۾ اوهان پنهنجي جي قول ۽ فعل سان ٻين جي ______ ڪرڻ گهرجي.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| .1 ظلم خلاف آواز بلند ڪرڻ اسان جي ذميداري آهي. | | |
| .2 جيئن ته ٻيون ثقافتون اسان کان مختلف آهن، ان ڪري انهن سان اختلاف ڪرڻ ضروري آهي. | | |
| .3 ٻين جي عزت ڪندؤ ته اوهان جي به عزت ٿيندي. | | |
| .4 سک مت جي تعليم مطابق مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ 20 شيون ضروري آهن. | | |
| .5 دنيا جو هر مذهب ماڻهو کي نيڪي جي تلقين ڪري ٿو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي گهرجي ته مکيه مذهبن مان چونڊ هدايتون گڏ ڪري "هر هڪ مذهب جو اخلاقي سڌاري ۾ ڪردار" جي عنوان سان مضمون تيار ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي اخلاق جي سڌاري جي اهميت کان آگاهه ڪري، مذهب ۾ ان جي ڪردار کان واقف ڪيو وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تلقين | نصيحت ڪرڻ | ايثار | قرباني |
| ڌرما ۽ ڪرما | عقيدا ۽ عملَ | قبائڻ | ڪائي وجڻ |
| لاڳو ڪرڻ | جاري ڪرڻ، عمل ڪرائڻ | سهائتا | مدد |
| ڪيفيت | حالت | | |

# ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جو تعارف ۽ ترقي

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ ڪان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا تہ اهي:

- لفظ ”ڪنفيوشس ازم“ ۽ ”تاؤ ازم“ جي وضاحت ڪري سگهندا.
- ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي بڻ بنياد، ترقي ۽ اوسر بابت ٻڌائي سگهندا.
- ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي خاص اصولن کي ڄاڻي سگهندا.
- ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي خاص علامتن ۽ تصورن جي باري ۾ ڄاڻي سگهندا.

## ڪنفيوشس ازم:



ڪنفيوشس ازم ڪو الهامي مذهب ڪين آهي بلڪ اها چين جي عظيم فلسفي ”ڪونگ زي“ جي فڪر ۽ فلسفي تي مشتمل هڪ جماعت هئي جيڪا ترقي ڪري هڪ ڌرم جو روپ اختيار ڪري چڪي آهي. لفظ ڪنفيوشس لاطيني ٻوليءَ مان ڦري جڙيو آهي جنهن جو اصل ڪنگ فوتز (Kung-Fu-tez) آهي. ان جي معنيٰ بادشاهہ استاد (Master King) آهي. ڪنگ فوتز مان ڪنفيوشس ٿيو، جنهن ۾ ”ازم“ لفظ جو واڌارو ڪري ”ڪنفيوشس ازم“ ڪيو ويو آهي. جيڪو انگريزي لفظ آهي ان جو مطلب آهي ڪونگ زي فلسفي جو عقيدو يا نظام. قديم چين ۾ ”شي“ عالمن جو هڪ طبقو هو، جيڪو پنهنجي وقت جي علم توڙي انتظامي ڳالهين ۾ ماهر ليکيو ويندو هو. حڪومت جي معاملن ۾ سندن مشوري جي وڏي اهميت هوندي هئي. ڪنفيوشس جو تعلق بہ ان ”شي“ طبقي سان هو.

## تاؤ ازم:



تاؤ ازم بہ ڪنفيوشس ازم وانگر چين جو هڪ فڪر آهي جنهن جو باني تاؤ ”چو“ نالي رياست ۾ پيدا ٿيو، سندس ٻيو نالو ”ار“ ۽ خانداني نالو ”لي“ هو، اهڙي ريت سندس پورو نالي ”ارلي“ ٿيو. ”تاؤ“ قديم چيني ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنیٰ آهي ”رستو“. ڪنفيوشس وانگر هن جو بہ ”شي“ طبقي سان تعلق هو ۽ پاڻ هڪ وڏو عالم ۽ فلسفي هو ۽ سندس دور بابت اختلاف آهي، ڪن مؤرخن جو چوڻ آهي تہ سندس زمانو بہ لڳ ڀڳ اهو ئي هو، جيڪو ڪنفيوشس ازم جي باني ءَ جو زمانو هو. پر ڪجھ مؤرخن سندس دور 600 ق.م بيان ڪيو آهي، ڪن روايتن مطابق سندس عمر بہ سؤ ورهيہ هئي. تاؤازم جي نظر ۾ تاؤ سموري مخلوق جو بنيادي سرچشمو ۽ طاقت يا ٻَل آهي. وجود رکندڙ هر شيءِ پنهنجي واڌ ويجهہ لاءِ ان جي محتاج آهي. وو _ ويئي (wu_ wei) عدمِ عمل (Non_action) واري پنهنجي تصوّر يا قياس جي ڪري، مُتفڪّر ۽ مُستَغرق ڪيفيت کي پڪيڙي ٿو، جنهن ۾ دنياوي سرگرمين جي مٿاهين درجي کان پرهيز هجي. اها ڪيفيت ڪنفيوشس ازم کان ڪافي مختلف آهي.

## بڻ بنياد ۽ ترقي:

ڪنفيوشس ازم جي شروعات چين ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ فلسفي ڪنفيوشس کان ٿي. پاڻ 551 ق.م دوران چين جي لو (LU) رياست ۾ پيدا ٿيو، جيڪا رياست موجوده صوبي جزيره نماشين ڊونگ جي پرسان واقع آهي. سندس اصل نالو Kong Qiu هو.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ لفظ ”ڪنفيوشس“ يورپي مسيحين جي ايجاد آهي. جيڪي 1860 ڌاري چين ۾ داخل ٿيا، اهي ان لفظ کي غير مسيحي چينين لاءِ استعمال ڪندا هئا. هن نظام جو اثر چين، جپان، ڪوريا ۽ ڏور اوير جي ملڪن ۾ وڏيڪ آهي.

هن نظام جي باني ڪنفيوشس (551BC — 470BC) بابت اسان کي گهٽي معلومات انهن مخطوطن مان ملي ٿي، جيڪي 221 کان 403 ق_م سان تعلق رکندڙ ”وارنگ“ رياست بابت لکيل آهن. ان زماني ۾ چيني قوم سياسي اعتبار سان متحد ڪانہ هئي. بلڪ ننڍيون ننڍيون رياستون هڪ ٻئي خلاف جنگ جوٽيو بيٺيون هونديون هيون. قبائلي زميندارن کي جڏهن جنگ ۾ شڪست ملي ۽ ”وارنگ“ سلطنت جي راجائن تي بہ

زوال آيو تڏهن شي طبقي جي عالمن مٿان راجائن جي سرپرستي نه رهي. نتيجي ۾ غريبي ۽ خانه بدوشي سندن مقدر بڻي. تنهن هوندي به انهن جي عظيم علمي روايت جي ڪري ڪجهه راجائن انهن جو قدر ڪيو. هو انهن جي علم مان فائدو وٺڻ چاهين پيا ته گذريل زماني جو وڃايل قومي اتحاد ڪيئن بحال ڪيو وڃي.

ان ئي دور ۾ ڪنفيوشس جو والد ”شيوليان“ جيڪو پنهنجي ضلع جو حاڪم هو. ان سياسي بحران مان نڪرڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو. ليڪن هو فوت ٿي ويو ته سندس ٻڍائپ ۾ پيدا ٿيل اڪيلي پٽ ڪنفيوشس پنهنجي والد جو مشن جاري رکڻ جو پڪو پهه ڪيو. ڪنفيوشس شروعات ۾ ملازمت سان وابسته رهيو. ان دوران هو پنهنجي ذميدارين کان علاوه ڪتابن جي مطالعي کي به وقت ڏيندو هو. جنهن سان سندس ذهن ۽ سوچ کي ڪشادگي ملي ۽ هو زندگي جي فلسفي بابت سوچڻ لڳو آخرڪار ملازمت ڇڏي درس و تدريس ۽ تعليم جي شعبي سان وابسته ٿي ويو سندس فلسفي جي مشهوري ٿي ۽ هزارين شاگرد وٽس پڙهڻ لڳا. جن وٽس سڪيل فلسفي کي اجان وڏيڪ ڦهلايو. گڏوگڏ سندس علمي خدمتن جي مڃتا ۾ کيس حڪومتي عهدو ڏنو ويو. پر ڪجهه ئي وقت ۾ کيس جلاوطني جو منهن ڏسڻو پيو. تيرهن سال جلاوطن رهڻ بعد هو وري پنهنجي فڪر ۽ فلسفي کي ڦهلائڻ ۾ مصروف ٿي ويو ۽ قوم کي تاريخي مواد، عوامي ڪهاڻين، سماجي رسمن، شعروشاعري ۽ اخلاقيات بابت تعليم ڏيندو رهيو. اهڙي ريت هي فڪر ۽ نظام صدين تائين چين ۽ ڏور اوپر جي ملڪن ۾ ڦهلجندو رهيو آهي.

## خاص اصول:

**ڪنفيوشس ازم:** ڪنفيوشس ازم جا اصول سياست، سماج، گهريلو زندگي ۽ ڪائنات بابت سوچڻ ۽ انهن کي سمجهڻ لاءِ بهتر رهنمائي ڪن ٿا. سياست بابت سندس خيال آهي ته اها جيڪڏهن عوام جي خيال موجب هوندي ته اهي به حڪومت جا قانون چڱي طرح اپنائيندا. حڪمرانن کي پنهنجي عمل ذريعي عوام لاءِ مثال قائم ڪرڻ گهرجن. ڪين ماڻهن جي ڀلائي جو اُنو هجڻ گهرجي ۽ انهن سان اهڙو سلوڪ نه ڪن جهڙو هو پاڻ سان ٿيڻ پسند نه ٿا ڪن. سماجي زندگيءَ کي پنجن قسمن جي رابطي ذريعي مضبوط ۽ بهتر بڻائي سگهجي ٿو.

(1) حاڪم ۽ عوام جو رابطو. (2) پيءُ ۽ اولاد جو رابطو. (3) ننڍي ۽ وڏي ڀاءُ جو رابطو. (4) زال ۽ مڙس جو رابطو. (5) دوست جو دوست سان رابطو.

ڪائنات بابت هو چوي ٿو، ڪائنات مالڪ حقيقي جي هڪ نظام تحت وجود ۾

آئي آهي ۽ هڪ مقرر وقت تائين قائم رهندي تنهنڪري انسان کي ڪائنات جي نظام ۾ غور فڪر ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي مالڪ کي ياد رکڻ گهرجي.

**تاؤ ازم:** تاؤ ازم اطمينان ۽ سڪون کي زندگيءَ جو مقصد قرار ڏئي ٿو. تنهن ڪري سندس زور آهي تہ زندگي ڪيئن گذارجي. انهن جو ايمان آهي تہ زندگيءَ ۾ جيڪڏهن توهان کي اطمينان ملي ويو تہ توهان جي زندگي آسان آهي. سندن عقيدوآهي تہ سموري مخلوق جي ابتدا هڪ ئي طريقي سان ٿي آهي.

تاؤازم جو مؤقف آهي تہ انسان کي "تاؤ" جي برخلاف عمل نہ ڪرڻ گهرجي، بلڪ ان جي فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي ۽ ان سان هڪ جهڙائي پيدا ڪرڻ گهرجي. تاؤ کي ڪنهن بہ صورت ۾ مات نہ ٿي ڏئي سگهجي. ان سان موافقت رکڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. مضبوط ترين جبلن جو مثال ونجي تہ اهي بہ وقت جي اڳيان بي وس ٿيڻ جي پوندا آهن.

## خاص علامتون:



ڪنفيوشس جي علامت ان جي نظرين ۽ عقيدن کي ظاهر ڪري ٿي. اها علامت چيني ٻوليءَ جي چئن لفظن جو مرڪب آهي: ڪنفيوشس، پاڻي، ماهر شخص ۽ خير خواهي.



تاؤ ازم جي هڪ علامت تاؤ يا رستي يا واٽ کي ظاهر ڪري ٿي جيڪا وفادار دوست جي واٽ آهي ۽ انسان جي ڪاميابي جي واٽ آهي.

## بنيادي تصور:

**ڪنفيوشس ازم:** ڪنفيوشس ازم جو بنياد اخلاقيات ۽ اهڙي حڪمراني سان لاڳاپيل آهي جنهن ۾ عوامي فلاح ۽ بهبود کان علاوه بهترين حڪومت جو تصور بہ شامل هو. تنهن هوندي ڪنفيوشس جي فڪري تصورن ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل آهن:

**ين:** منفي، اونداهو ۽ مؤنث ڪردار رکندڙ آهي. جنهن جي لفظي معنىٰ چنڊ آهي.

**يانگ:** يانگ جي معنىٰ سج آهي. جيڪو مثبت، روشن ۽ مذڪر ڪردار جو اهڃاڻ آهي. اهڙي طرح ڪائنات جون شيون هڪ ٻئي جي ضد طور انهن ٻنهي جي گرد گهمن ٿيون.

**ين ۽ يانگ:** هي بہ اصول ڪنفيوشس ازم جا بنيادي اصول آهن، جن مان هر هڪ لفظ خاص صفتن جو ڏيکاءُ ڏئي ٿو ۽ پوري ڪائنات ۾ انهن جو اثر رهي ٿو، اهي هڪ ٻئي جا مخالف ۽ ضد وارو اثر رکندڙ آهن ۽ هر هڪ واحد ۽ جمع طور استعمال ٿي سگهي ٿو.

**تاؤ ازم:** تاؤ ازم جو بنياد پڻ عوامي فلاح ۽ بهبود ۽ حڪومت جو تصور آهن. جن ۾ هيٺيون

ڳالهيون شامل آهن:

تاؤ: تاؤ جي لفظي معنىٰ رستو يا واٽ آهي. ان کان سواءِ اصول، زندگيءَ جو قانون ۽ فطرت بہ تاؤ جي مفهوم ۾ شامل آهن، ان مان اها حقيقي واٽ مراد آهي جيڪا وفاداري جي واٽ هجي. ان جي اصولن ۽ فطري گهرجن مطابق عمل ڪري ماڻهو ابدي ڪاميابي ماڻي سگهي.

جين: جين جو مطلب ”محبت“ يا ”انسانن لاءِ شفقت ڀريو رويو رکڻ“ آهي.

لي: ريتن رسمن، اخلاق ۽ آداب جي درستگي جو نالو آهي. انسانن لاءِ اهي ٻئي (جين ۽ لي) خصوصيتون بلند فطرت، بلند فڪر ۽ اعلىٰ مقصد جي حصول ۾ ڪارآمد ثابت ٿينديون آهن.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

ڪنفيوشس ازم ڪو الهامي مذهب ڪين آهي بلڪ اها چين جي عظيم فلسفي ”ڪونگ زي“ جي فڪر ۽ فلسفي تي مشتمل هڪ جماعت هئي جيڪا ترقي ڪري هڪ ڌرم جو روپ اختيار ڪري چڪي آهي. تاؤ قديم چيني ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنىٰ آهي ”رستو“. ڪنفيوشس وانگر هن جو بہ ”شي“ طبقي سان تعلق هو ۽ پاڻ هڪ وڏو عالم ۽ فلسفي هو تاؤازم جي نظر ۾ تاؤ سموري مخلوق جو بنيادي سرچشمو ۽ طاقت يا ٻَل آهي. ڪنفيوشس ازم جا اصول سياست، سماج، گهريلو زندگي ۽ ڪائنات بابت سوچڻ ۽ انهن کي سمجهڻ لاءِ بهتر رهنمائي ڪن ٿا. تاؤ ازم اطمينان ۽ سڪون کي زندگيءَ جو مقصد قرار ڏئي ٿو. تنهن ڪري سندس زور آهي تہ زندگي ڪيئن گذارجي. ڪنفيوشس جي علامت ان جي نظرين ۽ عقيدن کي ظاهر ڪري ٿي. اها علامت چيني ٻوليءَ جي چئن لفظن جو مرڪب آهي: ڪنفيوشس، پاڻي، ماهر شخص ۽ خير خواهي. تاؤ ازم جي هڪ علامت تاؤ يا رستي ۽ واٽ کي ظاهر ڪري ٿي جيڪا وفادار دوست جي واٽ آهي ۽ انسان جي ڪاميابي جي واٽ آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي وضاحت ڪريو.
2. ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي بڻ بنياد بابت اوهين ڇا ٿا ڄاڻو؟
3. ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جا خاص اصول ڪهڙا آهن؟
4. ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جون خاص علامتون ڪهڙيون آهن؟
5. ڪنفيوشس ۽ تاؤ ڪير هئا؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. ڪنفيوشس جو اصلي لفظ آهي:

(الف) ماسٽر ڪنگ (ب) ڪنگ فوتز

(ج) تاؤ ازم (د) ڪونگ زي

2. "جين" جو مطلب آهي:

(الف) سلطنت (ب) فطرت

(ج) فلسفو (د) محبت

3. ڪنفيوشس جا اصول سوچڻ سمجهڻ لاءِ بهتر رهنمائي ڪن ٿا:

(الف) سياست ڪي (ب) سماج ڪي

(ج) گهريلو زندگي ڪي (د) اهي سڀ

4. "انسان کي تاؤ جي برخلاف عمل نہ ڪرڻ کپي" جي ڄاڻ ملي ٿي:

(الف) تاؤ ازم مان (ب) ڪنفيوشس ازم مان

(ج) ين ۽ يانگ مان (د) انهن سڀني مان

5. ڪنفيوشس جي علامت مرڪب آهي:

(الف) ڇئن لفظن جو (ب) ست لفظن جو

(ج) ٽن لفظن جو (د) پنج لفظن جو

(ج) هيٺيان خال مناسب لفظن سان پريو:

1. لفظ ڪنفيوشس ________ ٻوليءَ مان جُڙيو آهي.
2. چيني فلسفي تاؤ جو ٻيو نالو ________ هو.

3. ڪنفيوشس ملازمت کان بعد ______ جي شعبي سان وابسته ٿي ويو.
4. انسان کي ______ جي برخلاف نہ هلڻ گھرجي.
5. تاؤ جي معنيٰ ______ يا ______ آهي.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ”لي“ اخلاق ۽ آداب جي درستگيءَ جو نالو آهي. | | |
| 2. ”جين“ جو مطلب ”دشمني“ آهي. | | |
| 3. ”تاؤ ازم“ جو بنياد عوامي فلاح ۽ بهبود تي آهي. | | |
| 4. ”ين“ مذڪر ۽ روشن ڪردار رکندڙ آهي. | | |
| 5. ”يانگ“ جي معنيٰ سج آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون چين ۾ ھلجندڙ قديم مذھبن ۽ فلسفن بابت انٽرنيٽ تان معلومات گڏ ڪري هيٺين ڳالهين جا نوٽس تيار ڪن.

* چين ۾ موجود مذهب
* چين جا فلسفا ۽ فڪر

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي اصطلاحن ۽ خاص لفظن جو مطلب انٽرنيٽ جي مدد سان سمجھايو وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مؤرخ | تاريخ دان | خانہ بدوشي | لڏپلاڻ |
| ٻَل | طاقت | مات ڏيڻ | شڪست ڏيڻ |
| متفڪر | سوچيندڙ | گِرد | چوڌاري |
| مستغرق | ٻڏل | مخطوط | هٿ سان لکيل، خطي ڪتاب |

# ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جا مقدس ڪتاب ۽ سکيائون

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي مقدس ڪتابن جا نالا ٻڌائي سگهندا.
- ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي مقدس ڪتابن جون بنيادي سکيائون بيان ڪري سگهندا.
- مذهبي هم آهنگي ۾ ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي ڪردار جو مثال بيان ڪري سگهندا.

## ڪنفيوشس ازم:



ڪنفيوشس ازم جي باني ڪونگ زي پنهنجي پنيان ڪو به ڪتاب نه ڇڏيو. ان ڏانهن منسوب ڪتاب سندس وفات کان پوءِ ان جي شاگردن سندس تعليم جي روشنيءَ ۾ ترتيب ڏنا. ڪنفيوشس ازم جي مقدس ڪتابن جا نالا هن طرح آهن:

**لُن يو/اينالِيڪٽس (Lunyu/Analects):** ڪنفيوشس ازم جو هيءُ سڀ کان وڌيڪ مشهور ڪتاب آهي، حالانڪ اهو ڪتاب ڪنفيوشس صحيفن ۾ گهڻو بعد شامل ڪيو ويو آهي. اهو بزرگ استاد ڪونگ طرفان شاگردن ۽ پنهنجي هم عصر ماڻهن کي ڏنل جوابن تي مشتمل آهي. ان ۾ اهي روايتون به شامل آهن، جيڪي سندس شاگردن کي ٻين ذريعن سان حاصل ٿيون.

**پنج ڪلاسڪ/ ڪلاسيڪي ادب (Wujing):** ووجنگ يا پنج ڪلاسڪ اصل ۾ ننڍن ننڍن پنجن صحيفن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ترتيبوار يي—yi، شي—Shi، شُو—Shu، لي—li ۽ چن قن—chunqiun شامل آهن. جنهن جا موضوع ڪائنات جي تبديلي، شاعري، مذهبي رسمون، سالها سال بهار ۽ سرءَ جو بيان وغيره شامل آهن.

**چار ڪتاب / چار دفتر (Shishu):** هاؤچنگ ۽ يي چنگ نالي ٻن پائرن لي جي، لِن يو، مينگ زي ۽ زونگ يونگ نالي چئن ڪتابن کي ملائي، هڪ ڪتاب ٺاهيو، جنهن کي چيني ٻولي ۾ "سي شو" يعني چئن ڪتابن جو مجموعو چون ٿا جيڪي ان جي تعليمات جو بنياد آهن ۽ ان کي ڦهلائڻ ۾ انهن ڪتابن جي تعليم جو وڏو ڪردار آهي ان ۾ مناجات ۽ رسمن جو

بيان آهي.

**لُن يو:** جنهن کي ايناليڪٽس به چوندا آهن جيڪو ڪنفيوشس جي تحريرن تي مشتمل آهي.

**چنگ ينگ:** هي ڪنفيوشس جي فلسفي جي تشريح تي مشتمل آهي، جيڪو سندس پوٽي "ڪيد" ڏانهن منسوب آهي.

**تاشيو:** "عظيم سکيا" نالي هي ڪتاب به هڪ وضاحتي ڪتاب آهي.

**مينگ زو:** جنهن کي "اعتدال جو نظريو" به چوندا آهن، جنهن ۾ ڪنفيوشس ۽ سندس پوئلڳن جا اقوال جمع آهن.

## تاؤ ازم:

تاؤ ازم جا ٻه ڪتاب مشهور آهن. جن جا نالا هيٺين ريت آهن.




**لاؤتزي / تاؤتي چنگ:** هڪ ڪتاب هن مذهب جي باني لاؤتزو ڏانهن منسوب آهي، جنهن کي "لاؤتزي" يا "تاؤتي چنگ" چيو وڃي ٿو. چيني تاريخ ۾ هن ڪتاب وڏي شهرت ماڻي آهي، جو ان کي "تاؤتي چنگ" يعني "سڌي واٽ" نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ان جي شهرت چين مان وڏي هر طرف پکڙجي وئي. چيو وڃي ٿو ته بائيبل کان پوءِ دنيا جي سڀ کان وڌيڪ ٻولين ۾ هن ڪتاب جو ترجمو ٿيو آهي.

**چوانگ تزو:** تاؤازم جو ٻيو مشهور ڪتاب "چوانگ تزو" آهي. جيتوڻيڪ هيءُ ڪتاب "تاؤتي چنگ" کان پوءِ شايع ٿيو، پر ان جي تاليف جو ڪم اڳي شروع ٿي چڪو هو. هي ڪيترن ئي ماڻهن جي اقوال زرين جو مجموعو آهي.

## ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جون سکيائون:

**ڪنفيوشس ازم:** ڪنفيوشس ازم ۾ ايندڙ جهان بدران هن دنيا تي ئي سڄو زور ڏيڻ جو سبب انهن جي ايمان جو هڪ منفرد نڪتو آهي. انهن جو هن ڳالهه تي يقين ۽ ايمان آهي ته انسان بنيادي طور سنو آهي. ان کي سيڪاري سگهجي ٿو. ذاتي يا اجتماعي ڪوشش سان ان جي شخصيت ۾ بهتري آڻي سگهجي ٿي. خاص طور تي انسان جي ذاتي ڪوشش ۽ نيت کي وڏي اهميت وارو سمجهيو وڃي ٿو.

ڪنفيوشس ازم انساني ناتن ۽ مائٽيءَ جي ادب ۽ احترام تي گهڻو زور ڏئي ٿو. انهن وٽ بادشاهه ۽ رعيت، پيءُ ۽ پٽ، استاد ۽ شاگرد، ننڍي ۽ وڏي ڀاءُ اهڙيءَ ريت

دوست جي دوست سان تعلق رکڻ بابت تعليم موجود آهي. اهو ادب ۽ احترام رڳو زندگيءَ ۾ نہ، پر مرڻ کان پوءِ بہ جاري رهي ٿو.

انهن وٽ سکيا ڏني ويندي آهي تہ اهڙو ورتاءُ، جيڪو اوهان پاڻ نہ ٿا چاهيو تہ اوهان سان ٿئي، سو اوهان بہ ٻين سان اهڙو ورتاءُ اختيار نہ ڪريو.

قديم چين ۾ ماڻهو پنهنجي وڏڙن جي روحن کي پوڄيندا هئا. ڪنفيوشس ان جي اجازت ڏني تہ جيئن سماج ۾ هم آهنگي پيدا ٿي پوي.

ڪنفيوشس ازم جي مقدس ڪتابن جي سکيائن مان چونڊ هن ريت آهي:

- يقيناً حاڪمن جي اخلاق جو مثال هوا جيان ۽ رعيت جي اخلاق جو مثال گاهہ وانگر آهي. جهڙي طرح هوا گهلندي گاهہ بہ اهڙي ريت لڏندو لمندو آهي.
- جيڪڏهن ڪو ماڻهو انسانن جي خدمت ڪري ۽ روحاني شين جي بہ عزت ڪري تہ اها ئي عقلمندي آهي.
- غور ۽ فڪر کان سواءِ علم جي محنت بيڪار آهي ۽ علم کان سواءِ غور فڪر خطرناڪ آهي.
- محتاط ماڻهو کان ڪڏهن وڏي غلطي نہ ٿيندي آهي.
- والدين جون چڱايون ۽ برايون اولاد تي اثر وجهنديون آهن.
- دل جي بهتري ڪردار جي بهتريءَ جو سبب آهي.

**تاؤ ازم:** اوهان پڙهيو تہ ”تاؤ“ جي لفظي معنيٰ ”رستو“ آهي، پر تاؤ ازم جي شارحين مطابق اهو لفظ ان معنيٰ ۾ بند ناهي، پر ان جون ٻيون معنائون مثال طور: اصول، زندگيءَ جو قانون، هڪ نظام هڪ طرز زندگي ۽ فطرت بہ ٿي سگهن ٿيون.

تاؤ ازم جو مؤقف آهي تہ انسان کي ”تاؤ“ جي برخلاف عمل نہ ڪرڻ گهرجي، بلڪ ان جي فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي ۽ ان سان هڪ جهڙائي پيدا ڪرڻ گهرجي. تاؤ کي ڪنهن بہ صورت ۾ مات نہ ٿي ڏئي سگهجي. ان سان موافقت رکڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. مضبوط ترين جبلن جو مثال وٺجي تہ اهي بہ وقت جي اڳيان بي وس بڻجي پوندا آهن.

تاؤ ازم سيکاري ٿو تہ هر شخص پنهنجي ذاتي فائدي بجاءِ اهو ڏسي تہ سماج کي ڪهڙي شيءِ مان فائدو پهچي سگهي ٿو. هر هڪ ماڻهو نيڪيءَ جي جستجو ۽ ايثار جو مظاهرو ڪري. تاؤازم تلقين ڪري ٿو تہ حد کان گهڻيون خواهشون نہ پالجن ۽ اهڙيون اميدون نہ رکجن، جيڪي پوريون ٿي نہ سگهن.

انسان لاءِ سادگي ۽ فطرت کي اپنائڻ قابلِ ترجيح قرار ڏنو ويو آهي ۽ تشدد کان

بچڻ جي تعليم ڏني وئي آهي. تاؤ ازم جي ڪتابن جي سڪيائن مان ڪجھ مشهور سڪيائون آهن تہ:

- انسانن جھڙي فطرت نہ ناهيو، پر ڪوشش ڪريو تہ توهان جي اندر مالڪِ حقيقيءَ جھڙي فطرت پيدا ٿئي.
- دنيا هڪ روحاني ٻيڙي آهي. اوهين ان کي ڪجھ نٿا ڪري سگھو. نہ ئي وري اُن کي ٻَڌي پاڻ وٽ رکي ٿا سگھو. جيڪڏهن ان ۾ تبديلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندؤ تہ اُها ٽٽي پوندي ۽ جيڪڏهن ان کي روڪي رکندؤ تہ ان مان فائدو نہ ماڻي سگھندؤ. مطلب تہ دنيا کي جاري ۽ ساري رهڻ گھرجي.
- زندگي انسان جو ايمان آهي، زندگيءَ ۾ جيڪڏهن توهان کي اطمينان ملي ويو تہ توهان جي زندگي آسان آهي. سموري مخلوق جي ابتدا هڪ ئي طريقي سان ٿي آهي.

ڪنفيوشس ازم هڪ اهڙي نظام جو نالو آهي جيڪو سماج ۽ فرد جي ڪردار سازي تي زور ڏئي ٿو. جڏهن تہ تاؤ ازم اطمينان ۽ سڪون کي زندگي جو مقصد قرار ڏئي ٿو. هي ٻئي نظام ڪي خالص مذهب ڪين آهن. تنهنڪري ان نظام جو مڃيندڙ هڪ مسلمان، مسيحي، سک يا ٻُڌ بہ ٿي سگھي ٿو. سماج ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ هنن نظامن جو بهتر ڪردار رهيو آهي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

ڪنفيوشس ازم جي شروعات چين مان ٿي، ان جي باني ڪنفيوشس جو تعلق ”شي“ (عالمن) جي طبقي سان هو. ان مذهب ۾ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ بابت ڪوبہ فلسفو موجود ناهي، ڇوتہ انهن جي خيال مطابق اسين زندگيءَ بابت ئي مڪمل ڄاڻ نہ ٿا رکون. سندن خيال موجب ڪوبہ انسان ٻين کان افضل ناهي، بلڪ سڀ انسان ڪامل آهن. ڪنفيوشس ازم جا مقدس ڪتاب اينالڪٽس، ڪلاسيڪي ادب ۽ چار دفتر سڏ شو آهن. سندن بنيادي عقيدن ۾ رسم و رواج، ادب، سٺا اخلاق، خاندان، اولاد ۽ والدين جي پاڻ ۾ محبت، سچائي، ايمانداري ۽ رياست سان وفاداري شامل آهن. تاؤ ازم سيکاري ٿو تہ هر شخص پنهنجي ذاتي فائدي بجاءِ اهو ڏسي تہ سماج کي ڪهڙي شي مان فائدو پهچي سگھي ٿو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. ڪنفيوشس ازم جون بنيادي سکيائون ڪهڙيون آهن؟
2. ڪنفيوشس ازم ڏانهن منسوب ڪتابن جو تعارف لکو.
3. ڪنفيوشس جي زندگي جو تعارف بيان ڪريو.
4. تاؤ ازم جا ڪتاب ڪهڙا آهن؟
5. تاؤ ازم جون اهم سکيائون ڪهڙيون آهن؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:

1. محتاط ماڻهوءَ ڪان ڪڏهن بہ نہ ٿيندي آهي:

(الف) چڱائي (ب) برائي
(ج) غلطي (د) فرمانبرداري

2. ڪنفيوشس ازم ۾ ايمان جو هڪ منفرد نڪتو آهي:

(الف) ايندڙ جهان (ب) هن دنيا وارو جهان
(ج) پوئيون جهان (د) قبر وارو جهان

3. ڪنفيوشس ازم جي باني ڪونگ زي جا لکيل ڪتاب آهن:

(الف) 2 (ب) 3
(ج) 4 (د) هڪ بہ نہ

4. پنج ڪلاسڪ اصل ۾ ننڍن ننڍن صحيفن جو مجموعو آهي:

(الف) پنجن (ب) ڇهن
(ج) ستن (د) اٺن

5. تاؤ ازم جو پيو مشهور ڪتاب آهي:

(الف) تاؤتي چنگ (ب) چوانگ تزو
(ج) لاؤتزي (د) تاشيو

(ج) هيٺيان خال مناسب لفظن سان پريو:

1. ڪنفيوشس ازم جي شروعات ________ ڪئي.
2. ڪنفيوشس جو تعلق چين جي هڪ طبقي ________ سان هو.

3. كنفيوشس ازم جو سڀ کان وڌيڪ مشهور ڪتاب ________ آهي.
4. دنيا هڪ روحاني ________ آهي.
5. تاؤتي چنگ جي معنيٰ ________ آهي.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. تاؤ ازم جي عقيدن ۾ انسان ۽ ان جي فلاح تي زور ڏنو ويندو آهي. | | |
| 2. محتاط ماڻهو کان ڪڏهن وڏي غلطي ناهي ٿيندي. | | |
| 3. قديم چين ۾ "شي" هڪ مزدور طبقو هو، جيڪو ڏاڍي محنت ڪندو هو. | | |
| 4. ڪنفيوشس ازم ۾ موت بابت تفصيلي بحث ملي ٿو. | | |
| 5. تاؤ ازم سڀني انسانن جي ڪامل هجڻ تي يقين رکندو هو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي مقدس ڪتابن جا نالا، مختصر تعارف ۽ ٽائٽل ورڪ جا فوٽو گڏ ڪري البم ٺاهين.

## استادن لاءِ هدايتون

ڪنفيوشس ازم ۽ تاؤ ازم جي بانيڪارن، مقدس ڪتابن ۽ انهن جي سکيائن بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سمجهاڻي ڏني وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ |
|---|---|
| مقدر | نصيب، قسمت |
| همعصر | هڪ ئي زماني جا ماڻهو |
| بصيرت | دل جي بينائي، عقلمندي |
| مناجات | دعائون، التجائون جيڪي مالڪِ حقيقي اڳيان ڪيون وڃن. |
| لڏڻ لمڻ | حرڪت ڪرڻ |
| اعتدال | وچترائپ |
| هم آهنگ | هڪ جهڙائي |
| محتاط | احتياط ڪندڙ |
| افضل | متاهون |
| شارحين شارح جي جمع | کولي بيان ڪندڙ، شرح ڪندڙ |

باب پيو

# سماجي ۽ اخلاقي قدرَ

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- سماجي قدرن مان حب الوطني وغيره ذريعي شهري شعور جي واڌاري بابت ٻڌائي سگهندا.
- پاڻ ڪي ان ڳالھ جو پابند بڻائيندا ته قانون ۽ آئين جو احترام لازمي آهي.
- قانون ۽ آئين تي عمل ڪرڻ دوران پيش ايندڙ رڪاوٽن ڪي ڄاڻي سگهندا.
- قانون ۽ آئين ڪي لاڳو ڪرڻ لاءِ تجويزون پيش ڪري سگهندا.
- قانون ۽ آئين تي عمل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ٿيندڙ نقصانن جو جائزو وٺي سگهندا.

سماج خاندانن سان ملي ٺهندو آهي، انهيءَ ڪري خاندان سماج جي بنيادي اڪائي آهي. خاندان جي هر فرد جي تعليم ۽ تربيت سهڻي نموني ڪئي وڃي ته اهڙو فرد بهترين سماج جي تڪميل لاءِ ڪارائتو بڻجندو آهي. اخلاقي علم جو دائرو رڳو مذهبن جي تعارف يا انهن جي تاريخ تائين محدود ناهي، پر اخلاقي علم، اخلاقي قدرن تي پڻ بحث ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته مذهبن جو بنيادي مقصد تبليغ ذريعي ماڻهن کي سٺو انسان بڻائڻ ئي آهي.

اخلاقي قدرَ روين کي بهتر بڻائڻ، ٻين جي عزت ڪرڻ ۽ انهن سان تعلقات بهتر بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. ڇا صحيح آهي ۽ ڇا غلط، اهو ڄاڻڻ انساني زندگيءَ جو هڪ اهم عنصر آهي، جيڪو فرد جي ڪردار جي تعمير ڪري ٿو. سٺا اخلاقي قدرَ انسان کي صحيح فيصلو ڪرڻ ۽ ٻين سان ميل جول بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڏين ٿا. مثال طور: ٻارن کي سيکاريو آهي تہ اهي وڏن جي عزت ڪن، پاڙيسرين ۽ بيمارن جو خيال رکن. جڏهن ٻار انهن هدايتن تي عمل ڪندا آهن تہ ٻين ماڻهن سان سندن ناتا سٺا ٿي پوندا آهن. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجو ڪم ايمانداريءَ سان ڪري، تہ اهو پنهنجا مقصدَ سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهي ٿو.

هن باب ۾ اوهان "حب الوطني"، "قانون جو احترام"، "ميل جول جا آدابَ"، "بيمار جي طبع پُرسي" ۽ "وڏن جو احترام" جي عنوانن سان سبق پڙهي سگهندا.

# حُبُّ الوطني

(پنهنجي قوم ۽ ملڪ سان پيار ۽ وفاداري)

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا تہ اهي:

- حُبُّ الوطني جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- پنهنجي ملڪ ۽ قوم سان محبت ۽ وفاداري جي اهميت بيان ڪري سگهندا.
- مثالن سان واضح ڪري سگهندا تہ ملڪ سان محبت ۽ وفاداري جو مظاهرو ڪهڙن طريقن سان ڪري سگهجي ٿو.



ساره ۽ حامد اڄ ڏاڍو خوش هئا. انهن جي غير معمولي خوشي ڏسي ماءُ ڪائنس پڇيو: ٻارؤ! اڄ توهين ڏاڍو خوش پيا نظر اچو ڇا ڳالهہ آهي!؟

**ساره:** امان! اڄ ڪان اسان جي اسڪول ۾ 14 آگسٽ جون تياريون شروع ٿي ويون آهن، سو مون تقريري مقابلي ۾ حصو ورتو آهي.

**حامد:** امان! آءٌ پنهنجي قومي هيرو قائد اعظم محمد علي جناح جو ڪردار ادا ڪندس.

**ماءُ:** اها تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي. اوهان کي معلوم آهي تہ آزاديءَ وارو ڏهاڙو اسان لاءِ عيد جي ڏينهن وانگر آهي. ان ڏينهن اسان جو ملڪ آزاد ٿيو ۽ اسان کي غلاميءَ مان نجات ملي.

ساره: جي امان! اڄ اسان کي استاديائڻي صاحبہ ٻڌايو تہ پنهنجي ملڪ لاءِ ڏنل قربانين کي ياد رکڻ گهرجي. رڳو گهر کي جهنڊين سان سينگارڻ ۽ سائو جهنڊو ڦڙڪائڻ ڪافي ناهي، پر اسان کي پنهنجي مُحبِ وطن هجڻ جو ثبوت ڏيڻ گهرجي.

حامد: امان! مُحبِ وطن هجڻ لاءِ جنهن قومي جذبي ۽ وفاداريءَ جي ضرورت آهي، اهو اسان ۾ موجود آهي.

ساره: منهنجي تقرير جو عنوان ”حُبُ الوطني“ آهي. آءٌ ڏاڏا سائينءَ جي مدد سان پنهنجي تقرير تيار ڪنديس.

ماءُ: حامد! توهان قائد اعظم محمد علي جناح جو ڪردار پيا ادا ڪيو، ان ڪري توهان کي قائد اعظم جي سوانح عمري پڙهڻ گهرجي ۽ ان لاءِ پنهنجي پاڙي واري لائبريري ۾ وڃي ان موضوع جا ڪتاب پڙهڻ گهرجن.

حامد: جي امڙ! آءٌ اوڏانهن ضرور ويندس.

ساره شام جو ڪاڌو کائي ڏاڏي سائين وٽ اچي پهتي.

ساره: ڏاڏا سائين! مون کي اسڪول ۾ تقرير ڪرڻي آهي، جنهن جو موضوع ”حُبُ الوطني“ آهي. ان حوالي سان اوهان منهنجي مدد ڪريو.

ڏاڏو: شاباس ڌيءَ! توهان تمام سٺو عنوان چونڊيو آهي. اسين پنهنجي ننڍن ننڍن عملن ذريعي ثابت ڪري سگهون ٿا تہ اسين پنهنجي ملڪ ۽ قوم سان محبت ڪريون ٿا ۽ ان جا وفادار آهيون ۽ حُبُ الوطني جو مطلب بہ اهوئي آهي تہ ماڻهو پنهنجي وطن لاءِ ادب، احترام ۽ عقيدت رکڻ سان گڏ عملي طور بہ اهڙا ڪم ڪري جيڪي ظاهر ڪن تہ اسين پنهنجي وطن سان وفادار ۽ ان جي خيرخواهي ڪندڙ آهيون.

ساره: اهو ڪيئن ڏاڏا سائين؟

ڏاڏو: اهو هن طريقي سان تہ اسين پنهنجي ملڪ کي پنهنجو گهر سمجهون. جهڙيءَ طرح اسين گهر جي ڪنڊ ڪڙڇ جي صفائي جو خيال رکندا آهيون. جهيڙي جهٽي کان بچندا ۽ والدين جي فرمانبرداري ڪندا آهيون ۽ گهر جي اصولن جي پابندي ڪندا آهيون. ساڳي ئي نموني اسان کي پنهنجي ملڪ لاءِ بہ سوچڻ گهرجي. گهٽين کي صاف سٿرو رکڻ گهرجي. پنهنجي ملڪ کي هر قسم جي برائي ۽ سازشن کان بچائڻ لاءِ حڪومت سان سهڪار ڪيون ۽ ان جي قانون تي پوري طرح عمل ڪرڻ گهرجي.

ساره: پر ڏاڏا سائين! اهو سڀ ڪجهہ ٿيندو ڪيئن؟

ڏاڏو: ڌيءَ! اهو صرف ۽ صرف تڏهن ممڪن آهي، جڏهن هر هڪ ماڻهو پنهنجي

ذاتي مفاد کي چڏي ملڪي مفاد کي ترجيح ڏئي. پر جيڪڏهن اسان صرف تقريرن ۾ اهي ڳالهيون ورجائيندا سين ۽ عملي طور ڪجهه به نه ڪنداسين ته اهو مقصد حاصل نه ٿيندو، توهان پنهنجي تقرير ۾ اسڪول جي سيني شاگردن ۽ شاگرديائن کي اهو پيغام ڏيو ته اڄ کان اسين سڀ اهو عهد ڪريون ٿا ته اسين پنهنجي عملي ڪوشش جي شروعات اڄ کان ئي ڪري رهيا آهيون ۽ سچي، مُحبّ وطن ۽ قوم سان وفادار هجڻ جو ثبوت پيا ڏيون.

ساره: مهرباني ڏاڏا سائين! اوهان منهنجي جوش ۽ جذبي کي وڌائي ڇڏيو، اڄ ئي آءٌ پنهنجي دوستن کي ان طرف مائل ڪنديس جيئن اُهي به حُبُّ الوطني ۽ وفاداري کي سمجهن ۽ ان تي عمل ڪن.

ڏاڏو: شاباس ڌيءَ، شال! خوش هجين. !!!

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

ساره ۽ حامد اسڪول جي 14 آگسٽ واري پروگرام لاءِ پنهنجي مائٽن سان صلاح مشورو ڪيو ۽ انهن کان رهنمائي ورتي. حامد قومي هيرو "قائداعظم محمد علي جناح" جي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تياري ڪئي، جڏهن ته ساره "حُبُّ الوطني" جي عنوان تي تقرير ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڏاڏي سائينءَ کان رهنمائي ورتي. ڏاڏا سائين ڪيس ٻڌايو ته اسان جو ملڪ اسان جي لاءِ پنهنجي گهر وانگر آهي. ان کي صاف رکڻ، سازشن ۽ برائين کان پاڪ ڪرڻ ۽ ان جي قانونن جي پابندي ڪرڻ اسان جي ذميداري آهي. اهو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن اسين پنهنجي مفاد کي ملڪ لاءِ قربان ڪريون ته جيئن مُلڪ جا وفادار بڻجون. ساره اهي ڳالهيون ٻڌي، پنهنجن دوستن تائين پهچائڻ جو وعدو ڪيو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. حُبُّ الوطني جي اظهار لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
2. هن ڪهاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟
3. جشن آزادي ڪيئن ملهائڻ گهرجي؟
4. ڏاڏي سائين حامد کي ڪهڙي نصيحت ڪئي؟
5. اسان کي پنهنجي وطن لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:

1. حُبُّ الوطني مان مراد آهي:

(الف) پنهنجي وطن سان پيار — (ب) پنهنجي ملڪ سان وفاداري
(ج) پنهنجي رياست سان قومي جذبو — (د) اهي سڀ

2. اسان سڀني کي پنهنجي ملڪ جي قانون تي:

(الف) عمل ڪرڻ کپي — (ب) سهڪار ڪرڻ کپي
(ج) سوچڻ کپي — (د) عقيدت ڪرڻ کپي

3. پنهنجي مفاد کي ملڪ مٿان:

(الف) قربان ڪريون — (ب) پاڪ رکون
(ج) پابند ڪريون — (د) سنڀالي رکون

4. عملي ڪم جي ڪوشش جي شروعات ڪرڻ گهرجي:

(الف) اڄ کان ئي — (ب) آهستي آهستي
(ج) دير سان — (د) سياڻي کان

5. اسين پنهنجي ملڪ کي پنهنجو سمجهون:

(الف) ڳوٺ — (ب) شهر
(ج) گهر — (د) پاڙو

(ج) هيٺيان خال ڀريو:

1. هر ماڻهوءَ کي ذاتي مفاد مٿان ________ مفاد کي ترجيح ڏيڻ گهرجي.
2. ملڪ کي برائين ۽ سازشن کان بچائڻ لاءِ اسان کي ______ جو ساٿ ڏيڻ گهرجي.

3. جشن آزادي اسان لاءِ ________ وانگر آهي.
4. حامد 14 آگسٽ جي تقريب ۾ ________ جو ڪردار ادا ڪري رهيو هو.
5. ساره جي تقرير جو عنوان ____________ هو.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. اسان حُبُّ الوطني ۽ وفاداري پنهنجي عمل ذريعي ثابت ڪري سگهون ٿا. | | |
| 2. اسان کي ملڪي قانونن جي پابندي ڪرڻ گهرجي. | | |
| 3. 14 آگسٽ تي گهر کي جهنڊين سان سينگارڻ ئي اهم آهي. | | |
| 4. حامد جي تقرير جو موضوع ”حُبُّ الوطني“ هو. | | |
| 5. تقرير جي معاملي ۾ بابا سائين ساره جي رهنمائي ڪئي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي گهرجي ته پنهنجي ملڪ سان قومي جذبي ۽ حُبُّ الوطني جو اظهار اسڪول ۾ منعقد ٿيندڙ آزاديءَ واري ڏينهن جي پروگرام ۾ ڀرپور نموني ادا ڪن جهڙوڪ: تقريرون، ملي نغما ۽ ڪردار.

## استادن لاءِ هدايتون

پاڪستان جي قومي ڏينهن يا خاص ڏهاڙي تي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پنهنجي حُبُّ الوطني واري جذبي کي ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ عملي نموني پيش ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي، جيئن انهن ۾ حُبُّ الوطني مضبوط ٿئي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظَ | معنیٰ | لفظَ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| غير معمولي | حد کان وڌيڪ، اهم | عقيدت | دل جو ڀروسو/اعتماد |
| سوانح عمري | ڪنهن شخصيت جي زندگي جا احوال | محب وطن | وطن سان محبت ڪندڙ |
| مفاد | فائدو | سهڪار | تعاون، مدد |
| حُبُّ الوطني | وطن جي محبت | خيرخواهي | ڀلائي ۽ نيڪي ڪرڻ |
| مِلّت | قوم | | |

# هڪ شهريءَ جا فرض ۽ ذميداريون

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- ”فرض“ جو مطلب بيان ڪري سگهندا.
- ”ذميداري“ جو مفهوم ٻڌائي سگهندا.
- هڪ شهري هئڻ جي حيثيت سان پنهنجي فرض ۽ ذميدارين کي جاڃي سگهندا.
- هڪ شهريءَ جي حيثيت سان مٿن لازم ٿيندڙ فرض ۽ ذميدارين جي اهميت بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهندا.
- هڪ شهريءَ جي فرض ۽ ذميدارين جو مثالن ذريعي عملي مظاهرو ڪري سگهندا.




### فرض:

سماجي زندگيءَ ۾ ماڻهو تي ڪجهه ڳالهين جي پابندي ڪرڻ ضروري هوندي آهي. جنهن جو حڪم مذهب يا حڪومتي رياست طرفان جاري ٿيندو آهي. جن ۾ ڪجهه ڳالهين تي عمل ڪرڻ ۽ ڪجهه ڳالهين کان بچڻ لازمي هوندو آهي. ان کي ”فرض“ چئبو آهي. مثلاً: عبادتن جي پابندي ڪرڻ، ٻين جي حقن جو احترام ڪرڻ.

### ذميداري:

جڏهن ته ذميداريءَ جو مفهوم عام آهي، جيڪو ڪم ماڻهو پنهنجي پاڻ لاءِ لازم ڪري ڇڏي ته اهو مون کي سرانجام ڏيڻو آهي ان کي ذميداري چيو ويندو آهي.

### هڪ شهري جا فرض ۽ ذميداريون:

پاڪستان اسان جو ملڪ آهي ۽ اسين ان جا شهري آهيون. ملڪ جو شهري هجڻ جي اعتبار سان آئين اسان کي ڪي حقَ ڏنا آهن ۽ اسان تي ملڪ، سماج ۽ عوام جي بهتر جوڙجڪ لاءِ ڪجهه پابنديون عائد ڪيون آهن اسان کي پنهنجي انهن فرض ۽ ذميدارين طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. ملڪ جي شهريءَ جون ڪجهه ذميداريون هيٺينءَ ريت آهن:

### .1 شهرين جا حق پورا ڪرڻ:

هر شهريءَ لاءِ ضروري آهي ته عام ماڻهن جي حقن جو خيال رکي جيڪي رياست انهن کي ڏنا آهن، مثال طور: ٻين جي راءِ ۽ نظرين جو احترام ڪرڻ ۾ مٿس لازم آهي ته خاندان ۽ اولاد جي پرورش، سٺي تعليم ۽ تربيت لاءِ ڪوشش ڪري. حلال ۽ باعزت روزگار جي جدوجهد ڪري، مٿن مائٽن سان انهن جي ضرورتن ۾ ٻانهن ٻيلي بڻجي.

### .2 قانون جو احترام ڪرڻ:

هر شهري کي ملڪي قانون جو احترام ڪرڻ گهرجي ۽ قانون نافذ ڪندڙ اهلڪارن سان سهڪار ڪرڻ گهرجي. ڪڏهن به تشدد وارو رخ اختيار نه ڪرڻ گهرجي ۽ هميشه قانون جي ڀڃڪڙي کان بچڻ گهرجي. ٽريفڪ جي قانونن جي چڱي نموني پاسداري ڪجي. ڊرائيونگ دوران ڪڏهن به جلد بازي نه ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان نه رڳو ڊرائيور ۽ ان سان گڏ سوار ماڻهن کي پڻ خطرو هوندو آهي، پر روڊ تي موجود ٻين گاڏين ۽ ماڻهن لاءِ به خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي پوندي آهي.

### .3 ايمانداري ۽ فرض ادائيگي:

هر شهريءَ کي ڏيتي ليتي ۽ ڪاروباري سرگرمين ۾ پنهنجون ذميداريون، پوري توجه، شوق ۽ ايمانداري سان ادا ڪرڻ گهرجن. ڪڏهن به ڪنهن فراڊ يا دوکيبازي ۾ مُلَوّث نه هئڻ گهرجي. ڪيس پنهنجا واجبات پورا پورا ۽ وقت سر ادا ڪرڻ گهرجن.

### .4 عام ڀلائي جي ترقيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ:

هر هڪ شهري کي اهڙين سرگرمين ۾ ڀرپور ڀهرو وٺڻ گهرجي، جيڪي رياستي يڪجهتي، وقار ۽ ترقي کي هٿي وٺرائين. جهڙوڪ: اسڪول، اسپتالون ۽ رفاهِ عام جا ڪم ان سان گڏوگڏ جديد دور مطابق ڪاروبار ۽ زراعت، صنعت ۽ تجارت جا طريقا اپنايا وڃن عوام کي انهن جي آگاهي ڏئي ڪين جديد دور سان هم آهنگ ٿيڻ جي رهنمائي ڪئي وڃي.

هر شهري جي اها به ذميداري آهي ته هو پنهنجون ڀرپور صلاحيتون ڪتب آڻيندي، مُلڪ ۾ جمهوريت مضبوط ڪرڻ ۽ معاشي ترقي لاءِ ڪوشش وني. چونڊ دوران اهڙن نمائندن کي ووٽ ڏئي ڪامياب بڻائي، جيڪي ايوانن ۾ پهچي سندن صحيح نمائندگي ڪري سگهن.

**هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:**

ملڪ جي شهري هجڻ جي ناتي اسان تي ڪجهه ذميداريون لازم ٿين ٿيون. رياست جي ماڻهن جا حقَ پورا ڪرڻ، ملڪ جي قانون جو احترام ڪرڻ، ذميدارين ۾ ڪوتاهي نہ ڪرڻ، وقت سر واجبات ادا ڪرڻ، رياست جي ترقيءَ لاءِ عملي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ، پنهنجون صلاحيتون ملڪي ترقي ۽ بقاءَ لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ بهتر نمائندن جي چونڊ ۾ پنهنجي راءِ استعمال ڪرڻ. اهي سڀ اسان شهرين جون ذميداريون آهن.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. ذميداري ۽ فرض جو مطلب بيان ڪريو.
2. اوهان جي خيال ۾ معاشي ترقي لاءِ شهري ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو؟
3. جيڪڏهن شهري پنهنجا فرائض ۽ ذميداريون پوريون نہ ڪندا تہ ملڪ جو ڇا حال ٿيندو؟ ٽن سِٽن ۾ جواب لکو.
4. عام ڀلائي لاءِ شهريءَ مٿان ڪهڙي ذميداري عائد ٿئي ٿي؟
5. فرض ادائيگي جو مطلب ڇا آهي؟

**(ب) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:**

1. ملڪ جي شهري جي حيثيت سان آئين اسان کي حقن سان گڏ عائد ڪري ٿو:

(الف) پابنديون (ب) فرض

(ج) ذميداريون (د) اهي سڀ

2. قانون نافذ ڪندڙ ادارن سان ڪرڻ گهرجي:

(الف) نفرت (ب) ويڙهہ

(ج) سهڪار (د) پاسداري

3. ڪڏهن بہ فراڊ يا دوکيبازي نہ ڪرڻ، هڪ آهي:

(الف) احترام (ب) ايمانداري

(ج) عام ڀلائي (د) قومي ترقي

4. اسان سڀني کي چونڊ (اليڪشن) دوران ووٽ اهڙن کي ڏيڻ گهرجي جيڪي:

(الف) دوکيبازي ڪن (ب) ٽيڪس جمع نہ ڪرائين

(ج) صحيح نمائيندگي ڪن (د) ايوانن ۾ آرام ڪن

5. پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ آهي:

(الف) حق (ب) فرض

(ج) ذميداري (د) اهي سڀ

(ج) هيٺيان خال پريو:

1. هر شهري لاءِ ضروري آهي تہ هو ٻين جي ______جو احترام ڪري.

2. هر شهري کي پنهنجا فرائض ________سان ادا ڪرڻ گهرجن.

3. ملڪ ۾ جمهوريت جي مضبوطي ۽ ______ کي هٿي وٺرائڻ گهرجي.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. هر شهري کي پنهنجا واجبات بروقت ادا ڪرڻ گهرجن. | | |
| 2. هر شهريءَ کي ملڪي قانون جو احترام ڪرڻ گهرجي. | | |
| 3. ذميدارين ۾ ڪوتاهي ڪرڻ ملڪي ترقي جي ضمانت آهي. | | |
| 4. چونڊن ۾ پنهنجي راءِ/ووٽ ڏيڻ جو حق هر هڪ شهري کي حاصل ناهي. | | |
| 5. جديد دور جي ايجادن مان فائدو وٺڻ گهرجي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڪلاس ۾ عملي طور فرض ۽ ذميدارين وارا ڪردار ادا ڪن جن ۾ واجبات جي ادائيگي، قانون تي عمل ڪرڻ شامل هجي.

**استادن لاءِ هدايتون**

ٻارن کي بطور هڪ شاگرد ۽ شاگردياڻي جي سندن ذميدارين بابت سمجهاڻي ڏني وڃي ۽ هر هڪ کان انفرادي طور تي سندس مٿان عائد ٿيندڙ ذميدارين جي فهرست تيار ڪرائي وڃي ۽ ان کان بعد انهن جي پابندي ڪرڻ جي هدايت ڪئي وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ |
|---|---|
| ملڪ، بادشاهي | رياست |
| هم معنيٰ لفظ | مترادف |
| لاڳو ٿيڻ، جاري ٿيڻ | عائد ٿيڻ |
| حفاظت ۽ ڌيان رکڻ | پاسداري |
| سختي، مار ڪُٽ | تشدد |
| حصيدار | ملوث |
| چالبازي ڪرڻ، فريب ڏيڻ | دوکيبازي |
| اتحاد، ٻڌي | يڪجهتي |
| ڪاري گري | صنعت |
| واپار | تجارت |

# قانون جو احترام

(بنيادي حقن جي لحاظ کان قانون ۽ آئين جي اهميت)

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- ”قانون“ جي وصف بيان ڪري سگهندا.
- عام قانون ۽ آئيني قانون جو فرق بيان ڪري سگهندا.
- ”آئين“ جي تعريف بيان ڪري سگهندا.
- آئين جي قسمن جا نالا بيان ڪري سگهندا.

## قانون:



سماج کي بهتر انداز ۽ انتظام سان هلائڻ لاءِ جيڪي اصول ۽ قاعدا توڙي سزائون مقرر ڪيون وڃن ٿيون تن کي ”قانون“ چئبو آهي. قانون جو اصل مقصد ماڻهن کي انصاف ڏيڻ آهي، تنهن ڪري ان جي سماج ۾ اهڙي حيثيت آهي. جهڙي روح جي جسم اندر. قانون سان ئي سماج زنده رهي ٿو. قانون ٻن قسمن جو آهي: 1_ عام قانون 2_ آئيني قانون.

دنيا جا سيئي قانون دان، مُفڪِر ۽ فلسفي ان ڳالهه کي تسليم ڪن ٿا ته عام قانونن وانگر آئيني قانون به هجڻ گهرجن. ان جو سبب هي آهي ته عام قانون جي پيچڪڙي کي برو ته سمجهيو وڃي ٿو، پر ان تي ڪا سزا نه ٿي ڏني وڃي. مثال طور: اوهان جيڪڏهن ڪنهن پوڙهي شخص کي ڳرو وزن کڻندي ڏسو ته عام قانون جي تقاضا اها آهي ته اوهان ان وزن کڻڻ ۾ سندس مدد ڪريو. جيڪڏهن اوهان ائين ڪندا ته اها تمام سٺي ڳالهه آهي، پر جيڪڏهن اوهان ائين نه ٿا ڪريو ته ان تي ڪا سزا نه ملندي. هاڻي فرض ڪريو جيڪڏهن ان پوڙهي شخص جو بار هلڪو ڪرڻ بدران اوهان ان کي ڌڪو ڏئي ٿا ڇڏيو يا ان جو کيسو ڪتري ٿا وڃو، ته ڇا ٿيڻ گهرجي؟ ڪير فيصلو ڪندو ته ان ڏوهه جي ڪيتري سزا هجڻ کپي؟ جيڪڏهن ڏوهاريءَ کي مناسب سزا نه ملندي ته سماج ۾ افراتفري پکڙجي ويندي ۽

هر شخص ڏوهاريءَ کان پاڻ بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪندو. تنهن ڪري ضرورت پوي ٿي ته عام قانون سان گڏ آئيني قانون به هجن، جيڪي انهن ڏوهن جون سزائون مقرر ڪن. ثابت ٿيو ته سماج جو مناسب انتظام هلائڻ لاءِ قانون ۽ ان تي عمل ڪرائڻ ٻئي لازم آهن. ياد رکڻ گهرجي ته قانون جو بنياد ڏاڍ تي بلڪل به ناهي، پر جيڪو قانون جي پيچڪڙي ڪندو، ان جي لاءِ رياست طاقت جو استعمال ڪندي. دنيا جي جيترن به ملڪن ۾ اڄ قانون جي بالادستي آهي، اها اتان جي قانون ساز ادارن ۽ سني انتظاميا جي ڪري آهي.

## آئين:




اهي اصول ۽ قاعدا جن مطابق حڪومت جو انتظام هلايو وڃي ان کي "آئين"، "منشور" يا "دستور" چوندا آهن. آئين جي جوڙجڪ آئين ساز ادارا ۽ حڪومت جون چونڊيل ڪميٽيون ڪنديون آهن. آئين مطابق قانون جاري ڪرائڻ حڪومت، انتظاميه، پوليس ۽ عدالتن جو ڪم آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ عوام جي ذميداري آهي.

پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن وٽ تحريري آئين آهي، پر برطانيا ۽ نيوزيلينڊ اهڙا ملڪ آهن، جن وٽ آئين غير تحريري آهي، غير تحريري جو اهو مطلب ناهي ته اهو ڪٿي به لکيل ناهي، پر ان مان مراد آهي ته اهو ڪتابي صورت ۾ ڪنهن هڪ هنڌ گڏ ٿيل ناهي ۽ ان جو اڪثر حصو قديم زماني کان سندن وڏن کان سيني به سيني منتقل ٿيندو رهي ٿو.

دنيا جو سڀ کان پهريون آئين 1877ع ۾ هڪ آثار قديمه جي ماهر ارنسٽ دي سارزڪ لڌو. اهو آئين سميري بادشاهه يوروڪي گينا ڏانهن منسوب آهي، جنهن جو زمانو 2300 ق.م ٻڌايو وڃي ٿو.

## آئين جي اهميت:

دنيا جي ڪابه تنظيم، پوءِ ڪٿي اها ننڍي پورهيت يونين هجي يا ڪا وڏي رياست، سيني کي پنهنجو انتظام هلائڻ لاءِ دستور جي ضرورت هوندي آهي. سماج حڪومت جي ماتحت هوندو آهي. حڪمران حڪومت هلائڻ لاءِ آئين مان رهنمائي حاصل

ڪندا آهن، ان ڪري انهن کي آئيني حڪمران چوندا آهن.

آئين جي اهميت هيٺين ڳالهين جي ڪري آهي:

1. ڪنهن بہ ملڪ جو آئين حڪومت کي ڪاروهنوار هلائڻ جا قاعدا، قانون مهيا ڪري ڏيندو آهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي تہ سماج افراط ۽ تفريط جو شڪار ٿي وڃي.
2. آئين موجود هجڻ جي صورت ۾ شهري حڪومت جو احتساب ڪري سگهن ٿا تہ اها قانون مطابق هلي پئي يا نہ.
3. آئين جي ذريعي ماڻهن کي سندن حقن بابت سڌ ملي ٿي. اهي پنهنجي حق تلفي ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج ڪري سگهن ٿا.
4. آئين قومي هَدف مقرر ڪري ٿو. اهو ڪنهن بہ ملڪ لاءِ بيحد ضروري آهي. مثال طور: پاڪستان وانگر ڪيترن ئي ملڪن جي آئين شهرين لاءِ اهو هدف مقرر ڪيو آهي تہ اهو جمهوريت جي مضبوطي ۽ ملڪي معيشت جي ترقي لاءِ اپاءَ وٺندا.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

آئين ملڪي نظام هلائڻ جي قاعدن ۽ قانون جو نالو آهي، جڏهن تہ قانون سماج اندر انتظام درست رکڻ جي اصولن ۽ضابطن ۽ سزائن جي مجموعي جو نالو آهي. پاڪستان سميت سيني ملڪن ۾ تحريري آئين پر برطانيا ۽ نيوزي لينڊ ۾ غيرتحريري آئين لاڳو آهن. ڪنهن بہ ملڪ کي هلائڻ لاءِ آئين ڪرنگهي واري حيثيت رکي ٿو. ساڳئي نموني قانون جو مقصد انصاف پهچائڻ آهي. سماج اندر امن امان بحال ڪرڻ لاءِ قانون جو هجڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ بئي ضروري آهن. جيڪڏهن ائين نہ ٿيندو تہ سماج بي يقيني واري ڪيفيت ۽ ڏقيڙن جي ور چڙهي ويندو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. آئين ۽ قانون جي وصف ڇا آهي ۽ انهن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
2. هڪ بهتر دستور جون خاصيتون لکو.
3. ملڪ لاءِ آئين جي ڪهڙي اهميت آهي؟
4. سماج لاءِ قانون ڇو ضروري آهي؟
5. آئين جا ڪهڙا قسم آهن؟

**(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:**

1. ڏوهاري کي ڏوهه جي مناسب سزا نه ملڻ ڪري پکڙجي ٿي:

(الف) سماج ۾ خوشي (ب) سماج ۾ افراتفري
(ج) سماج ۾ تعليم (د) سماج ۾ برائي

2. اخلاقي قانون سان گڏ ٻيو قانون هجي:

(الف) ڪميونٽي قانون (ب) حڪومتي قانون
(ج) انتظامي قانون (د) اهي سڀ

3. حڪومت جو انتظام هلائڻ لاءِ هوندو آهي:

(الف) ادارو (ب) آئين
(ج) پوليس (د) فوج

4. ماڻهن کي پنهنجن حقن بابت ڄاڻ ملڻ جي دستاويز يا ڪتابڙي کي چئبو آهي:

(الف) دستور (ب) هدف
(ج) احتساب (د) پارليامينٽ

5. آئين يا دستور جي جوڙجڪ ڪندا آهن:

(الف) عدالتي ادارا (ب) آئين ساز ادارا
(ج) مڪاني ادارا (د) اهي سڀ

**(ج) هيٺيان خال مناسب لفظن سان پريو:**

1. دنيا جو سڀ کان پهريون آئين ______ ۾ لڏو ويو.
2. برطانيا ۽ نيوزيلينڊ جا دستور ______ آهن.

3. آئين جي وضاحت ڪرڻ ______ جو ڪم آهي.
4. آئين تي عمل ڪرڻ ______ جي ذميداري آهي.
5. قانون جو بنيادي مقصد ______ پهچائڻ آهي.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. دنيا جو پهريون آئين حمورابي قانون آهي. | ☐ | ☐ |
| 2. آئين قومي هدفَ مقرر ڪندو آهي. | ☐ | ☐ |
| 3. آئين ۽ قانون مان جنهن بہ هڪ تي عمل ڪيو وڃي تہ سماج درست رهندو. | ☐ | ☐ |
| 4. غير تحريري آئين پراڻي دور جي قصن ۽ آڪاڻين مان جوڙيو ويندو آهي. | ☐ | ☐ |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

آئين ۽ قانون جي وضاحت ڪرڻ لاءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي هوم ورڪ ڏنو وڃي تہ هو انٽرنيٽ جي مدد سان انهن جا فرق جوڙي اچن ۽ انهن جي جوڙجڪ جا مرحلا معلوم ڪري سگهن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي آئين جي تياري، مرحلن ۽ قانون جي مرحلن بابت سمجهاڻي ڏني وڃي تہ هڪ قانون ڪيئن ٺهجي ۽ عمل ۾ اچي ٿو.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| انتظاميا | ملڪي انتظام هلائيندڙ ادارا | قانوندان | قانون جا ماهر |
| سيني ٻہ سيني منتقل ٿيڻ | ڪا ڳالهہ وڏڙن کي ياد هجي وري انهن جو اولاد ٻڌي پنهنجي اولاد کي ٻڌائي. | تحرير | لکت |
| افراط ۽ تفريط | گهٽ وڌائي | احتساب | حساب وٺڻ |
| حق تلفي | حق ضايع ڪرڻ، حق ڦٻائڻ | افراتفري | بدامني، انتشار |
| هدف (ج) اَهداف | نشانو، مقصد | منسوب | نسبت ڪيل |

# 1973ع وارو آئين ۽ بنيادي انساني حق

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون ان قابل ٿيندا تہ اهي:

- 1973 وارو آئين جن بنيادي انساني حقن جي ضمانت ڏئي ٿو انهن کي ڳڻائي سگهندا.
- سمجهي سگهندا تہ قانون ۽ آئين جي پاسداري ۽ احترام هڪ فرض آهي.
- واضح ڪري سگهندا تہ قانون نہ مڃڻ جي صورت ۾ ڪهڙا نقصان آهن.
- قانون لاڳو ڪندڙ مختلف ادارن بابت ڄاڻي سگهندا.
- اهڙن مثالن جو عملي مظاهرو ڪري سگهندا جن ذريعي سڀني کي برابري جي حقن جي ضمانت مليل آهي.




انساني زندگيءَ لاءِ بنيادي حق ڪرنگهي جي حيثيت رکن ٿا. انهن کان سواءِ ڪوبہ ماڻهو پنهنجي شخصيت کي نروار نہ ٿو ڪري سگهي، تنهن ڪري هر جمهوري ملڪ ۾ بنيادي حقن کي اتان جي آئين ۾ شامل ڪيو ويو آهي. پاڪستان جي 1973ع واري آئين کي بنيادي حقن جي اعتبار سان پهرين ٻنهي دستورن يعني 1956ع ۽ 1962ع وارن دستورن تي فوقيت حاصل آهي. 1973ع واري آئين جي ٻئي حصي اندر پهرين باب جي شق نمبر 8 کان 28 ۾ بنيادي انساني حقن جو ذڪر ٿيل آهي، جن کي هتي مختصر بيان ڪجي ٿو:

1. رياست هر شهريءَ کي زندگيءَ جي تحفظ جي ضمانت ڏئي ٿي.
2. هر شهري آزاديءَ سان گهمي ڦري سگهي ٿو.
3. هر شهريءَ کي اجتماع، سوچ ۽ اظهار جي آزادي حاصل آهي. هو پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ لاءِ تقرير، تحرير توڙي ٻين مناسب ذريعن جو استعمال ڪري سگهي ٿو.
4. هر شهريءَ کي انجمن ۽ يونين ناهڻ جو حق آهي.
5. زندگيءَ جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ جائز ڌنڌو اختيار ڪرڻ هر شهريءَ جو حق آهي.

6. مذهبي آزادي هر شهريءَ جو حق آهي. هو پنهنجي مذهبي تعليم مطابق عبادت ڪري سگهي ٿو ۽ زندگي گذاري سگهي ٿو.
7. هر شهري جائيداد جي ڏيتي ليتي ڪري سگهي ٿو.
8. مذهبي ۽ نسلي فرق بنا هر شهري ملازمت جو حق رکي ٿو.
9. سيئي شهري قانون جي نظر ۾ هڪ جهڙا آهن. ڪنهن کي ڪنهن تي برتري نہ آهي.
10. عوامي ۽ مذهبي جڳهن کي ڏسڻ جو حق بہ هر شهريءَ کي حاصل آهي.

هي اُهي بنيادي حق آهن، جن جي پاڪستاني آئين هر شهريءَ کي اجازت ڏئي ٿو، توڙي ان جو ڪو بہ مذهب هجي، اهو ڪهڙي بہ ٻولي ڳالهائيندو هجي ۽ ان جو ڪنهن بہ طبقي سان تعلق هجي. انهن بنيادي حقن جو پوراءُ تمام ضروري آهي. تڏهن ئي هڪ سچو پاڪستاني پنهنجي صلاحيتن ذريعي ملڪ ۽ قوم جي خدمت بهتر انداز ۾ ڪري سگهي ٿو. هر شهريءَ مٿان اها ذميداري عائد ٿئي ٿي تہ هو ملڪي قانون ۽ آئين جو وفادار ۽ فرمانبردار ٿي رهي ان سان گڏوگڏ ان کي پنهنجي لاءِ چڱير چاڻءَ سمجهي چو تہ ان سان ئي کيس مڪمل تحفظ حاصل ٿئي ٿو. ٻي صورت ۾ هو ملڪي شهري کي حاصل ٿيندڙ سيني سهولتن کان محروم ٿي ويندو. ان لاءِ جڏهن بہ حڪومت جا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا جهڙوڪ: عدالتون، پوليس ۽ خاص معلومات حاصل ڪندڙ ادارا ڪنهن قسم جي مدد گهرڻ چاهين تہ هڪ شهريءَ کي انهن سان ملڪ خاطر هر قسم جو تعاون ڪرڻ گهرجي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

پاڪستان جي 1973ع واري آئين ۾ بنيادي انساني حقن جو ذڪر ٿيل آهي، جنهن مطابق هر شهريءَ کي زندگيءَ جو تحفظ، گهمڻ ڦرڻ جي آزادي، مذهبي آزادي، برابري، ملازمت، عوامي ۽ مذهبي جڳهن گهمڻ جي آزادي حاصل آهي. اهي حقَ حاصل ٿيڻ سان هڪ سچو پاڪستاني پنهنجي زندگي بهتر نموني گذاري سگهي ٿو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. 1973ع جو آئين شهرين جي ڪهڙن بنيادي حقن جو ضامن آهي؟
2. بنيادي حق ملڻ جي صورت ۾ شهري پنهنجون صلاحيتون ڪهڙي نموني استعمال ڪندا؟ پنهنجن لفظن ۾ لکو.
3. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو ڇا مطلب آهي؟
4. هڪ شهري کي دلي طور قانون نہ مڃڻ جا ڪهڙا نقصان آهن؟
5. پاڪستان جي آئين جا ڪهڙا قسم آهن؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. رياست هر شهريءَ کي ضمانت ڏئي ٿي:

(الف) نوڪريءَ جي تحفظ جي (ب) زندگي جي تحفظ جي
(ج) تعليم جي (د) اهي سڀ

2. 1973ع جي آئين مطابق هر شهريءَ کي حاصل آهي:

(الف) اظهار جي آزادي (ب) مذهبي آزادي
(ج) گهمڻ ڦرڻ جي آزادي (د) اهي سڀ

3. هر شهريءَ تي اها ذميداري عائد ٿئي ٿي تہ ملڪ سان:

(الف) وفادار هجي (ب) فرمانبردار هجي
(ج) ايماندار هجي (د) اهي سڀ

4. هڪ سچو پاڪستاني قوم جي بهترين ڪري سگهي ٿو:

(الف) مدد (ب) خدمت
(ج) ملازمت (د) حفاظت

5. پاڪستان ۾ موجوده حڪومت هلي رهي آهي:

(الف) 1973ع جي آئين مطابق (ب) 1956ع جي آئين مطابق
(ج) 1962ع جي آئين مطابق (د) اهي سڀ

(ج) هيٺيان خال مناسب لفظن سان پريو:

1. پاڪستان جي ______ واري آئين ڪي بنيادي حقن جي اعتبار سان ٻين دستورن تي برتري حاصل آهي.
2. آئين جي ٻئي حصي اندر باب ______ جي شق 8 کان 28 ۾ بنيادي حقن جو ذڪر ٿيل آهي.
3. مذهبي آزادي هر شهري جو ______ آهي.
4. هر شهري ______ ڌنڌو اختيار ڪرڻ جو حق رکي ٿو.
5. بنيادي حق انساني زندگي ۾ ______ جي حيثيت رکن ٿا.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ڪنهن به شهري کي جائيداد جي ڏيتي ليتي جو حق نه آهي. | | |
| 2. پاڪستان جي 1956ع واري آئين کي ٻين دستورن تي برتري حاصل نه آهي. | | |
| 3. مذهبي ۽ نسلي فرق بنا ملازمت هر شهريءَ جو حق آهي. | | |
| 4. آئين مطابق اظهار جي آزاديءَ جو اسان کي حق آهي، تنهن ڪري جيڪي اسانجي دل چاهي اهو سوشل ميڊيا تي چئي يا لکي سگهون ٿا. | | |
| 5. آئين ۾ موجود بنيادي حق حاصل ڪرڻ لاءِ لکيل پڙهيل هجڻ ضروري آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون گروپ ٺاهي 1973ع واري آئين جي بنيادي انساني حقن جي شقن کي چارٽ تي لکي ڪلاس ۾ لڳائن.

**استادن لاءِ هدايتون**

انٽرنيٽ ذريعي پاڪستان جا 1956ع، 1962ع ۽ 1973ع وارا آئين ڊائون لوڊ ڪري ٻارن کي واقف ڪيو وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ |
|---|---|
| ڪرنگهي واري حيثيت | بنيادي، اهم، خاص حيثيت |
| فوقيت | برتري، مٿڀرائي، رتبو |
| انجمن | عام ڀلائي جي تنظيم |
| يونين | حق حاصل ڪرڻ لاءِ ناهيل تنظيم |
| ڏيتي ليتي | ڏيڻ وٺڻ، ڪاروبار ڪرڻ |
| ڇپر ڇانءَ | مڪمل حفاظت سان هجڻ، پناهه ۾ اچڻ |
| تحفظ | بچاءُ، حفاظت |
| محروم ٿيڻ | ڪو فائدو حاصل نه ٿيڻ |

# سماجي زندگيءَ ۾ وقت جي پابنديءَ ان جي اهميت

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- ڪم ڪار وارين جڳهن تي پنهنجي ذميدارين کي وقت جي پابندي سان ادا ڪرڻ جو عملي مظاهرو ڪندا.
- سماجي زندگيءَ ۾ وقت ۽ ان جي پابندي جي اهميت بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهندا.
- اهڙا طريقا ڄاڻي سگهندا جن ذريعي هڪ ماڻهو پنهنجي سماجي زندگيءَ جي معمولات جو ٽائيم ٽيبل جوڙي سگهي.



**ماءُ:** رجني ڌيءُ! جلدي تيار ٿي وڃ. اسان کي اٺين بجي مسز خالد جي پٽ جي مڱڻي ۾ شريڪ ٿيڻو آهي.

**رجني:** پر امان! اسان جنهن سماج ۾ رهون ٿا، اتي ته هر تقريب مقرر وقت کان ٻه ڪلاڪ پوءِ شروع ٿيندي آهي، اوهان کي ايتري جلدي ڇو آهي؟

**ماءُ:** ها، ڌيءُ! پر مسز خالد وقت جي وڏي پابند آهي.

**رجني:** امان! اڄڪلهه ڪير ٿو وقت جي پابندي ڪري. منهنجي هڪ ساهيڙي پئي چيو ته اسين هر پروگرام ۾ دير سان پهچندا آهيون، هونءَ به اسان جي سماج ۾ دير ڪرڻ رواج بڻجي چڪو آهي. امان! هن مون کي اهو به ٻڌايو ته دير ڪرڻ ۾ ٻه ڳالهيون آهن:

1. ٻئي ماڻهو کي خبر پوي ته اوهين ڪيڏي مصروف ترين شخصيت آهيو.
2. ٻئي تي ٿورو جتائڻ جو موقعو ملي ٿو ته اسان اوهان جي محبت ۾ پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي آيا آهيون.

**ماءُ:** رجني ڌيءُ! تنهنجي ساهڙيءَ جي اها سوچ صحيح نه آهي. ان کي وقت جي پابندي

جي ضرورت ۽ اهميت ڪنهن سمجهائي نہ هوندي. اسان جي سماج ۾ گهڻن ماڻهن جي سوچ تنهنجي ساهيڙيءَ جهڙي آهي، پر اهڙي سوچ پيدا ڪرڻ وارا بہ اسان جهڙا انسان ئي آهن.

**رجني:** امان! اهو ڪيئن؟

**ماءُ:** توکي خبر آهي تہ مسز خالد وقت جي ڪيتري پابند آهي. تقريب هميشہ مقرر وقت تي شروع ۽ مقرر وقت تي ختم ڪندي آهي. جيڪي ماڻهو دير سان پهچندا آهن، انهن کي نہ صرف شرمندگي پلئہ پوندي آهي، پر ڪائنس وقت جي پابندي ڪرڻ جي فائدن تي ليڪچر بہ ٻڌڻو پوندو آهي. مسز خالد جو چوڻ آهي تہ اسان جي سماجي زندگيءَ ۾ وقت جي پابندي کي وڏي اهميت حاصل آهي. هنن سماجي پروگرامن جي رونق مهمانن سان آهي، ڪجهہ مهمانن جي دير ڪرڻ، انهن ماڻهن لاءِ تڪليف جو سبب بڻجندي آهي، جيڪي وقت جا پابند هوندا آهن. ٻيو هر ڪنهن کي دير ڪرڻ جي عادت پوندي. اسان جا ڪوڙ سارا سماجي مسئلا وقت جي پابندي نہ ڪرڻ جي سبب آهن. مثال طور: تقريب جي دير سان شروع ٿيڻ ۽ دير سان ختم ٿيڻ سان اڳيئين ڏينهن جو ڪاروهنوار متاثر ٿيو وڃي. هر ماڻهو جي زندگيءَ جا معمولات مختلف آهن. ڪي ماڻهو اوهان جي محبت ۾ پنهنجا ضروري ڪم ڪار ڇڏي ڪري وقت ڪيندا آهن، تنهنڪري ميزبان جو بہ فرض بڻجي ٿو تہ هو بہ پنهنجي تقريب ۾ سندن قرب جو آدرياءُ ڪندي انهن جي قيمتي وقت جو قدر ۽ درست استعمال ڪري.

**ماءُ:** رجني ڌيءَ! مسز خالد جي ڳالهين مون تي اهڙو اثر ڪيو، جو مون هاڻي سمجهي ورتو آهي تہ جيڪڏهن سماج ۾ وقت جي پابندي واري تبديليءَ جي شروعات هرڪو پنهنجي گهر کان ڪندو تہ تمام جلدي سماج ۾ وقت تي ٿيندڙ تقريبن جو انگ وڌي ويندو.

**رجني:** امان! واقعي اوهان تہ ڪارائتي ڳالهہ ڪئي آهي. اَٺ وڄڻ ۾ اجا پورو ڪلاڪ پيو آهي، اسين وقت تي پهچي سگهون ٿيون.

**ماءُ:** ها ڌيءَ! وقت جي قدر اها چابي آهي، جيڪا سماج جي ڪيترن ئي مسئلن جو حل کولي ڪيدي ٿي.

**رجني:** جي امان! اڄ ئي آءٌ پنهنجي دوستن کي ٻڌائيندس تہ وقت جي پابندي ڇو ضروري آهي ۽ ان جي ڪهڙي اهميت ۽ ان جا ڪهڙا فائدا آهن.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

مسز خالد وٽ مڱڻيءَ جي تقريب ۾ وڃڻ لاءِ رجنيءَ جي ماءُ ان کي جلدي تيار ٿيڻ لاءِ چيو. جواب ۾ رجنيءَ کيس چيو تہ ان جي ساهيڙي چوندي آهي تہ پروگرام هميشہ دير سان شروع ٿيندا آهن، ان ڪري دير سان وڃڻ گهرجي. رجنيءَ جي ماءُ کيس سمجهايو تہ ڌيءَ! وقت ڏاڍو قيمتي آهي، ان ڪري مسز خالد وقت جي وڏي پابند آهي. جيڪي مهمان وقت تي پهچندا آهن، هوءَ انهن جو قدر ڪندي آهي. هوءَ تقريب پنهنجي وقت تي شروع ڪندي آهي ۽ وقت تي ئي ختم ڪندي آهي. رجنيءَ جي ماءُ جي ڳالهين هن جي مٿان اثر ڪيو ۽ هن بہ وقت جي اهميت ۽ فائدن کي سمجهي ورتو.

### مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. رجنيءَ جي ساهيڙيءَ دير ڪرڻ بابت ڇا چيو؟
2. اسان جي سماجي زندگيءَ ۾ وقت جي پابنديءَ جي ڪيتري اهميت آهي؟
3. ڪنهن سماجي تقريب ۾ دير ڪرڻ سان ڪهڙا مسئلا پيدا ٿيندا؟
4. وقت جي پابندي ڪرڻ سان روزاني زندگي ۾ ڪهڙي سهولت حاصل ٿئي ٿي؟
5. وقت جي پابندي نہ ڪرڻ جا ڪي بہ پنج نقصان ٻڌايو.

**(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:**

1. اسان کي هر پروگرام ۾ پهچڻ گهرجي:

(الف) دير سان (ب) سوير سان
(ج) وقت جي پابندي سان (د) اهي سڀ

2. مسز خالد وقت جي هئي:

(الف) پابند (ب) غير پابند
(ج) سنجيده (د) اهي سڀ

3. اسان کي قدر ڪرڻ گهرجي:

(الف) وقت جو (ب) پئسي جو
(ج) ميزبان جو (د) مهمان جو

4. رجني ۾ رجنيءَ جي ماءُ ويا:

(الف) مگڻي جي تقريب ۾ (ب) شاديءَ جي تقريب ۾

(ج) سالگره جي تقريب ۾ (د) اهي سڀ

5. ڪوڙ سارا سماجي مسئلا وڌندا آهن:

(الف) وقت جي پابندي نه ڪرڻ ڪري (ب) تقريب دير سان شروع ٿيڻ ڪري

(ج) تقريب دير سان ختم ٿيڻ ڪري (د) ضروري ڪم ڪار نه ڪرڻ ڪري

(ج) هيٺيان خال ڀريو:

1. اسان جي سماج اندر تقريب ۾ دير سان پهچڻ ڪن ماڻهن وٽ ______ آهي.
2. اسان جي سماج ۾ ______ جي وڏي اهميت آهي.
3. وقت جي پابندي واري تبديليءَ جي شروعات هر ماڻهو پنهنجي ______ کان ڪري.
4. ______ اسان جي سماج جي ڪيترن ئي مسئلن جو خاتمو ڪري سگهي ٿي.
5. سماجي پروگرامن جي رونق ______ سان آهي.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. هر پروگرام ۾ وقت جي پابندي ڪرڻ گهرجي. | | |
| 2. ميزبان جو فرض آهي ته هو مهمانن جي وقت جو قدر ڪري. | | |
| 3. تقريب دير سان ختم ٿيندي ته زندگيءَ جو ڪاروهنوار متاثر ڪو نه ٿيندو. | | |
| 4. وقت جي پابندي اسان جا مسئلا وڌائي ٿي. | | |
| 5. تقريب ۾ وقت جي پابنديءَ جي ذميداري مهمانن بدران ميزبانن بنهي تي هوندي آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون وقت جي پابندي جا فائدا ۽ نقصان جدا جدا لکي اچن.

**استادن لاءِ هدايتون**

وقت جي پابندي متعلق ڪي آڪاڻيون يا ڪتاب شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڏنا وڃن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ |
|---|---|
| تورو جتائڻ | احسان، چڱائي ڪري ٻڌائڻ |
| ڪار وهنوار | روزاني ڪرڻ وارا ڪم |
| ڪارائتي | ڪم واري |
| رونق | خوبصورتي، سونهن |
| قُرب | محبت، ويجهڙائي |

باب ٽيون

# سماجي آداب

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي تہ اهي:

- سماجي گڏجاڻين ۽ ٻين موقعن تي سنا ۽ قابل قبول طور طريقا اختيار ڪندا.
- هم نصابي سرگرمين ۾ جوش ۽ جذبي سان ڀرپور وٺندا.
- تعليم، ڏاهپ ۽ عمر ۾ پاڻ کان وڏن جي احترام جو جذبو ڏيکاريندا.

لفظ ”آداب“ ادب جو جمع آهي، جنهن جو مطلب آهي ٻُرين ڳالهين کان بچڻ ۽ سنا لڇڻ ڌارڻ. علمي ماحول ۾ ادب جو لفظ نثر ۽ نظم لاءِ بہ استعمال ٿيندو آهي. علم ۽ ادب جو مقصد بہ انساني ڪردار ڪي سڌاري سماج لاءِ هڪ ڪارگر فرد مهيا ڪرڻ هوندو آهي. آداب ۽ اخلاقيات جو هڪ اهم حصو آهي جنهن ۾ سماجي زندگي سان تعلق رکندڙ سيني معاملن بابت ڪجهہ اصول مرتب ڪيا ويا آهن. جن تي عمل ڪرڻ سان نہ صرف اهي ڪم آسانيءَ ۽ سهولت سان پورا ٿي سگهن ٿا پر ڏسندڙ بہ ماڻهوءَ جي سگهڙائپ ۽ حرفت جي تعريف ڪرڻ لڳندو آهي. گڏوگڏ اهڙن ماڻهن کان مالڪِ حقيقي بہ خوش ٿئي ٿو جيڪي هر ڪم ۾ سونهن ۽ خوبصورتي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ ٻين کي سهولتون پهچائين ٿا.

هن باب ۾ سماجي آداب سان تعلق رکندڙ سبق ”ميل جول جا آداب“ ، ”وڏن جو ادب احترام“ ۽ ”بيمارن جي طبع پُرسي“ جي عنوانن سان شامل ڪيا ويا آهن.

# ميل جول جا آداب

(مبارڪ باد ڏيڻ ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ)

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- ميل جول جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- ٻارن جي ميل جول جي اهميت کي واضح ڪري سگهندا.

انسان هن سماج جو هڪ فرد آهي. هو اڪيلو نه ٿو رهي سگهي، اهوئي سبب آهي، جو انسان آڳاٽي دور کان قبيلن ۽ ڪٽنبن جي صورت ۾ رهندو پيو اچي. قبيلا ۽ ڪٽنب گڏجي هڪ سماج جوڙين ٿا.

سماج ۾ رهندي اوهان کي مختلف ماڻهن سان ملڻ جلڻ جو موقعو ملندو آهي. مثال طور: ڪڏهن ڪنهن پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ يا ڪنهن عبادت گاهه ۾ وڃڻ يا روزاني جي ڪم ڪار لاءِ وڃڻ وقت ماڻهو جي ٻين ڪيترن ماڻهن سان ملاقات ٿي ويندي آهي انهن سان ڪيئن هٿ ملائجي، ڳالهائجي ۽ حال احوال ڪرڻ ۾ ڪهڙن ادبن جو لحاظ رکجي تنهن کي ميل جول جا آداب سڏبو آهي. ميل جول رکڻ وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ به بيحد فائديمند ۽ سکيا جو سبب آهي تنهنڪري خاص موقعن، اسڪول جي پروگرامن، ورڪشاپن ۽ سماجي تقريبن ۾ والدين پنهنجي ٻارن کي هم نصابي سرگرمين ۾ شرڪت جو موقعو فراهم ڪن. ان سان سندن ذهن کلندو، معلومات ۾ واڌارو ايندو ۽ متن مائٽن، دوستن ۽ وڏن سان ميل جول رکڻ جو سليقو پڻ سکي سگهندا.

هر انسان کي زندگيءَ ۾ ڪوڙ سارا اهڙا موقعا ملندا آهن، جو ماڻهو هڪ ٻئي سان ملندو آهي. ان وقت ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي ته ماڻهو پنهنجي رويي ۽ خيال مطابق ٻين ماڻهن بابت هڪ غلط تاثر ذهن ۾ ويهاري ڇڏيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته اهو غلط تاثر پهرئين ملاقات سان ئي ذهن تي نمودار ٿيندو آهي ۽ هميشه قائم رهندو آهي.

اسان مان ڪوبه ايئن نه چاهيندو ته ماڻهن ۾ سندس بابت ڪو غلط تاثر قائم ٿي وڃي. تنهن ڪري ملاقات ڪرڻ کان اڳ ڪجهه ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي:

1. جڏهن اوهان ڪيڏانهن به وڃو ته ذهني سڪون ۽ اطمينان سان روانا ٿيو.
2. هميشه مُرڪندڙ چهري سان اندر داخل ٿيو.

3. تقريب جي مناسبت سان ڪانہ ڪا سوکڙي گڏ ڪٽي ويندا ڪريو. ضروري ناهي تہ اها ڪا مهانگي شيءِ هجي، پر پنهنجي ڪيسي ۽ ميزبان جي مزاج کي ڏسي ڪا عمده شيءِ وٺي وڃو.
4. تقريب ۾ موجود هر ماڻهو سان ڀڪنڊڙ چهري سان ملو.
5. جڏهن دوستن عزيزن سان ڪچهري ۾ ويهو تہ گهٽو نہ ڳالهايو. ٻين کي بہ ڳالهائڻ جو موقعو ڏيو، ياد رکو! مالڪِ حقيقي اوهان کي ٻڌڻ لاءِ ٻہ ڪن ۽ ڳالهائڻ لاءِ هڪ زبان ڏني آهي. ان ڪري ٻُڌجي گهڻو ۽ ڳالهائجي گهٽ.
6. جڏهن گهڻن ماڻهن جي ڪچهري هجي تہ هڪ ٻئي سان ڪنن ۾ سُس پس نہ ڪريو، اها خراب عادت آهي.
7. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ اوهان جي مزاج ۽ طبيعت خلاف هجي تہ ان وقت درگذر کان ڪم وٺو.
8. وچٽري لهجي ۾ ڳالهايو. نہ ايترو آهستي ڳالهايو، جو ڪير ٻڌي نہ سگهي ۽ نہ ئي وري اهڙي انداز ۾ ڳالهايو جو رڙيون ڪري رهيا هجو.
9. پنهنجي ڪردار ۽ ڳالهين مان ميزبان کي احساس ڏياريو تہ اوهين سندس ڏک سک ۾ شريڪ آهيو.
10. تقريب مان واپس ٿيڻ کان اڳ ميزبان کي مهرباني چئي موڪلايو.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

انسان کي سماج ۾ مختلف ماڻهن سان ميل جول ڪرڻي پوي ٿي. ڪنهن پروگرام، ڪم ڪار واري جاءِ، عبادت گاهہ ۾ هڪ ٻئي سان ماڻهوءَ جي ملاقات ٿيو وڃي. جيڪڏهن پهرين ملاقات ۾ سٺو تاثر قائم رهيو تہ ماڻهو اوهان کي سنن لفظن ۾ ياد ڪندا. ميل جول وقت مُرڪندڙ چهري سان ملاقات ڪجي. تقريب ۾ پاڻ وڏيڪ ڳالهائڻ بدران ٻين کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏجي ۽ سرباٽ ڪرڻ کان پاسو ڪجي. واپس ٿيڻ کان اڳ ميزبان کان موڪلائجي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. ماڻهن تي سٺو تاثر ويهارڻ لاءِ ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي؟
2. ”پهريون تاثر ئي آخري تاثر هوندو آهي“ جي وضاحت ڪريو.
3. تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ وقت ڪهڙو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي؟
4. ميل جول جو مفهوم بيان ڪريو.
5. هم نصابي سرگرمي ڇا آهي؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:

1. هٿ ملائڻ، ڳالهائڻ ۽ حال احوال ڪرڻ ڪي سڏبو آهي:

(الف) اٿڻ ويهڻ جا آداب (ب) ميل جول جا آداب
(ج) کائڻ پيئڻ جا آداب (د) سفر ڪرڻ جا آداب

2. هميشہ چهري سان اندر داخل ٿيو:

(الف) مايوس (ب) مرڪندڙ
(ج) ڪاوڙيل (د) جذباتي

3. جيڪڏهن ڪا ڳالھ اوهان جي مزاج ۽ طبيعت جي خلاف هجي تہ ان وقت ڪم وٺو:

(الف) درگذر کان (ب) جلد بازي کان
(ج) ڪاوڙ کان (د) تڪڙ کان

4. پنهنجي ڪردار ۽ ڳالهين مان ميزبان کي احساس ڏياريو تہ اوهين شريڪ آهيو:

(الف) شادي غمي ۾ (ب) ڏک سک ۾
(ج) ميلي ملاڪڙي ۾ (د) کائڻ پيئڻ ۾

5. تقريب مان واپس ٿيڻ کان اڳ ميزبان کي:

(الف) فون ڪريو (ب) پيغام موڪليو
(ج) مهرباني چئي موڪلايو (د) ڪجھ بہ نہ چئو

(ج) هيٺيان خال ڀريو:

1. انسان سماج جو هڪ ______ آهي.
2. قبيلا ۽ ڪٽنب گڏجي ______ جوڙين ٿا.

3. ماڻهن جي وچ ۾ ويهي ______ نہ ڪرڻ گهرجي.
4. طبيعت جي خلاف ڳالهہ ڪي هميشہ ______ ڪريو.
5. تقريب مان واپس ٿيڻ کان اڳ ميزبان کي ______ ڏجي.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. اسان کي هر ڪنهن سان خنده پيشاني سان ملڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 2. دوستن سان ڪچهري ۾ گهٽو ڳالهائڻ ۽ تورو ٻڌڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 3. هر پروگرام ۾ ذهني سڪون سان شرڪت ڪرڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 4. ٻارن کي وڏن جي پروگرامن ۾ شرڪت نہ ڪرڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 5. تقريب مان واپس ٿيڻ تي ميزبان کي سلام نہ ڪرڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون اهڙي ڳالهين جي فهرست جوڙين جنهن تي ٻين کي مبارڪ باد ڏئي سگهجي ٿي جهڙوڪ: امتحان ۾ نمبر کڻڻ، ڪو انعام وغيره حاصل ڪرڻ.

## استادن لاءِ هدايتون

ٻارن کي سمجهايو وڃي تہ ڪنهن چڱي ڳالهہ تي خوشيءَ جي اظهار ۽ مبارڪ ڏيڻ جي لاءِ ڪهڙا ڪهڙا لفظ استعمال ڪرڻ مناسب آهن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نمودار | ظاهر ٿيڻ | ڪارگر | ڪم وارو، فائدي وارو |
| مُرڪندڙ | مُرڪ وارو، ڪِلندڙ | تاثر | رويو، تصور، خيال |
| ٻهڪندڙ | خوش مزاج، ڪِل مُک چهرو | سليقو | ڏانء، انداز |
| دَرگُزر | ڇڏي ڏيڻ، نظر انداز ڪرڻ | حرفت | ڪاري گري |
| سُوکڙي | تحفو | | |

# ميل جول جا طريقا

(آڌر ڀاءُ ڪرڻ، مبارڪ ڏيڻ ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ)

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- ميل جول جي مختلف طريقن جهڙوڪ: آڌرڀاءُ ڪرڻ، مبارڪ ڏيڻ ۽ خوشيءَ جي اظهار ڪرڻ کان آگاهه ٿي سگهندا.
- مثالن ذريعي واضح ڪندا ته اسڪولي دوستن، مددگار عملي ۽ استادن کي ڪهڙي نموني کيڪارجي.
- مثالن ذريعي عملي مظاهرو ڪندا ته ڪنهن تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ جا ڪهڙا آداب آهن.



انين ڪلاس جا شاگرد رسيس جو گهنڊ وڄندي ئي جلدي جلدي ڪينٽين ويا ۽ اتان کائڻ جون شيون وٺي ڪلاس ۾ موجود ارسلان جي مانَ ۾ ٽيءِ ٽيل گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيا ۽ هڪ ٻئي سان ورهائي کائڻ شروع ڪيائون ۽ هڪ ماهوار رسالي جي مضمون نويسيءَ واري مقابلي ۾ انعام کٽڻ تي پنهنجي دوست ارسلان کي مبارڪون ڏيڻ لڳا ۽ ان جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿي سرهائي محسوس ڪرڻ لڳا. پر پطرس انهن سان پائيوار ڪين ٿيو. ڪجهه دير بعد جيئن ئي رسيس بند ٿيڻ لاءِ گهنڊ وڳو ۽ استاد ڪلاس ۾ داخل ٿيو ته سڀ شاگرد ادب مان اٿي بيٺا ۽ سلام ڪيائون. پر پطرس پنهنجي جڳهه تي ويٺو رهيو. اهو سندس روزاني جو معمول هو. ٻارن استاد کي ٻڌايو ته ارسلان هڪ رسالي جو مضمون نويسي واري مقابلي ۾ انعام کٽيو آهي. اسان سندس مانَ ۾ تقريب رکي هئي پر پطرس نه ان ۾ شريڪ ٿيو ۽ نه ئي ارسلان کي ڪا مبارڪ ڏنائين. استاد صاحب پنهنجو پيرڊ پورو ڪري پطرس کي اسٽاف روم ۾ گهرايو.

**استاد:** پطرس ڇا ڳالهه آهي پٽ؟ اوهان ڇو پريشان آهيو؟

**پطرس:** جي نه، سر! آءٌ پريشان نه آهيان.

**استاد:** پوءِ منهنجي ڪلاس ۾ اچڻ وقت اوهين اٿي نه بيٺا ۽ پنهنجي ساٿي جي خوشي ۾

توهان ان کي مبارڪ بہ ڪين ڏني چا اوهان ان کان ناراض آهيو“؟

پطرس سر! اهو مون کي اُتي بيهڻ ۽ وري ويهڻ ۽ ٻين جي ڪمن ۾ مداخلت ڪرڻ غير ضروري لڳندو آهي. تنهن ڪري آءٌ ائين ڪرڻ کان بچندو آهيان.

استاد: پٽ! استاد جي ادب ۾ بيهڻ ۽ ان جو آڌرڀاءُ ڪرڻ توڙي پنهنجي ساٿي جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ هڪ سٺي ڳالهہ آهي ۽ اها بااخلاق هجڻ جي نشاني آهي.

پطرس: با اخلاق ٿيڻ مان ڪهڙو فائدو!؟

استاد: پٽ! ڏس! هن سماج ۾ رهڻ لاءِ هر ماڻهوءَ کي اخلاقي طور سٺين عادتن ۽ سٺي طور طريقي وارو ٿيڻو پوي ٿو. انهن ۾ سلام دعا، آڌرڀاءُ ڪرڻ، مبارڪ ڏيڻ ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ جا آداب بہ آهن. جيڪڏهن توهان انهن آدابن کان ناواقف هوندين تہ ماڻهو نہ صرف توهان تي تنقيد ڪندا، پر تنهنجي والدين لاءِ بہ سوچيندا تہ انهن تنهنجي سٺي تربيت ناهي ڪئي“.

پطرس شرم مان پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ سوچڻ لڳو تہ آءٌ گهر ۾ بہ ڪنهن کي سلام ناهيان ڪندو ۽ باربار چوڻ باوجود نہ ڪنهن جي تعريف ڪندو آهيان، نہ ٻين جي خوشيءَ ۾ خوش ٿيندو آهيان ۽ ڇاڪاڻ ته سلام بہ ناهيان ڪندو. استاد صاحب ڏٺو تہ پطرس کي سندس غلطي جو احساس ٿيو آهي، تہ ان کي وڌيڪ چوڻ لڳو:

ڏس پٽ! هن دنيا ۾ هر ڪنهن کي هر وقت خوشيون ميسر نہ هونديون آهن. بلڪ خوشين جا موقعا ڪڏهن ڪڏهن ايندا آهن، تنهنڪري اهڙن موقعن مان لطف اندوز ٿيڻ گهرجي. خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ ماڻهوءَ جي طبيعت تي مثبت اثر ڇڏيندو آهي. پري کان ڪَهي ايندڙ جو آڌرڀاءُ ڪرڻ، ڪيڪارڻ، ڪنهن ڪاميابيءَ تي مبارڪ ڏيڻ ۽ ٻين جي خوشين ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ ماڻهو جي مهان هجڻ جي علامت آهي ۽ توهان جڏهن ڪنهن وڏي کي سلام ڪندا آهيو جنهن جو مطلب آهي اوهين ان لاءِ سلامتي پيا چاهيو. بدلي ۾ هو توهان کي مُرڪندي ڪيترين ئي دعائون ڏئي ڇڏيندو آهي. تنهن ڪري سلام ڪرڻ اجايو نہ ويو، پر ان جي بدران توهان کي ڪيترين ئي دعائون مليون.

انهن ڳالهين جو هيءُ فائدو ٿيندو تہ سيني ساٿين ۾ اوهان جي سٺي هجڻ جو تاثر قائم ٿيندو اوهان کي هڪ با ادب، کِل مُک ڪردار جو مالڪ ۽ ٻين کان جيئڻ وارو ماڻهو مڃيو ويندو ۽ ان سان ٻين کي خوشي ملندي.

پطرس: سر! اوهان جي وڏي مهرباني، آءٌ جنهن ڳالهہ کي غيرضروري سمجهندو هئس، اوهان ان جا سيئي لِڪيل فائدا مون کي ٻڌائي ڇڏيا، هاڻي آءٌ ڪڏهن بہ ايئن نہ ڪندس.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

پطرس جو استاد جڏهن ڪلاس ۾ داخل ٿيو تہ هو پنهنجي استاد جي ادب ۾ اُٿي نہ بيٺو. استاد کيس اسٽاف روم ۾ گهرائي ان جو سبب پڇيو ۽ کيس سمجهايو تہ اسان کي سلام دعا جي آداب جو خيال رکڻ گهرجي. ائين نہ ڪرڻ سان اسان جي والدين تي آڱر کڄندي تہ انهن پنهنجن ٻارن جي سٺي تربيت ناهي ڪئي. سلام دعا ڪرڻ سان وڏڙن جون ڪوڙ سارييون دعائون ملنديون ۽ ماڻهو اوهان کي سٺن لفظن ۾ ياد ڪندا.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. سلام ڪرڻ جا ڪهڙا فائدا آهن؟
2. استاد، پطرس کي سلام نہ ڪرڻ تي ڇا سمجهايو؟
3. وڏڙن کي سلام ڪيو وڃي تہ اهي ڪيئن محسوس ڪندا آهن؟
4. ارسلان کي ساٿين ڇو مبارڪ پئي ڏني؟
5. انسان جي مهان هجڻ جون ڪهڙيون علامتون آهن؟

**(ب) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:**

1. رسيس جو گهنڊ وڄندي ئي شاگرد جلدي جلدي ويا:

(الف) گهر (ب) ڪينٽين
(ج) اسپتال (د) راند جي ميدان

2. استاد ڪلاس ۾ داخل ٿيو تہ سڀ شاگرد ادب مان:

(الف) اٿي بيٺا (ب) ويهي رهيا
(ج) خاموش رهيا (د) پڙهندا رهيا

3. ٻين جي ڪمن ۾ مداخلت ڪرڻ لڳندو آهي:

(الف) غير مناسب (ب) غير ضروري
(ج) غير رسمي (د) غير فطري

4. خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ ماڻهو جي طبيعت تي اثر ڇڏيندو آهي:

(الف) خراب (ب) ناڪاري
(ج) مثبت (د) جذباتي

.5 سلام دعا ڪرڻ سان وڏڙن جون ڪوڙ ساريون ملنديو آهن:

(الف) بد دعائون (ب) خرچيون

(ج) دعائون (د) سوڪڙيون

(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال پريو:

.1 اخلاقي طور سنين عادتن ۽ طور طريقن مان ______ جا آداب بہ آهن.

.2 وڏڙن کي سلام ڪرڻ سان ______ ملن ٿيون.

.3 سلام دعا نہ ڪرڻ سان ماڻهو ______ جي تربيت تي آڱر کڻن ٿا.

.4 کَِھي آيل جو ______ ڪرڻ انسان جي مهان هجڻ جي علامت آهي.

.5 استاد صاحب پطرس کي ______ ۾ سمجهائي ڏني.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| .1 سلام دعا ڪرڻ سان با ادب هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. | | |
| .2 وڏڙن کي سلام ڪرڻ سان اوهان کي سماج ۾ شرمندو ٿيڻو پوي ٿو. | | |
| .3 وڏڙن جون دعائون خوشيءَ جو احساس ڏيارين ٿيون. | | |
| .4 مهمان جو آدرياءُ اسان جي ثقافت آهي. | | |
| .5 ڪنهن جي خوشيءَ ۾ خوش ٿيڻ فضول عادت آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڪلاس ۾ هڪ پيريڊ عملي نموني ڪردار نباهڻ لاءِ مقرر ڪن جتي ڪيڪارڻ، مبارڪ ڏيڻ ۽ خوشيِءَ جي اظهار جي مشق ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مختلف مذهبن، ٻولين ۽ ثقافتن جي اعتبار سان ڪيڪارڻ (Greetings) جي مختلف طريقن کان واقف ڪيو وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| مداخلت | وچ ۾ اٽڪاءُ |
| طور طريقا | ريتون، رسمون |
| رائيگان | اَجايو، بيڪار |
| مثبت | ڪارآمد، فائديمند |
| کيڪارڻ | سلام دعا ڪرڻ، هيلو هاءِ ڪرڻ |
| کهي اچڻ | سفر ڪري اچڻ، حاضر ٿيڻ، پهچڻ |
| سرهائي | خوشي، سُرور |
| تنقيد ڪرڻ | عيب ڪڍڻ، خوار ڪرڻ |

# وڏن جو احترام

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- وڏن جي احترام ۾ بيهڻ سگهندا.
- پاڻ کان وڏن جي لاءِ پنهنجي سِيٽ پيش ڪرڻ جو عملي مظاهرو ڪندا.
- انهن کي روڊ رستو پار ڪرڻ ۾ مدد ڪندا.
- وڏن جي نصيحتن ۽ صلاحن تي عمل ڪندا.
- وڏڙن لاءِ هڪ با ادب ۽ فرمانبردار پار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا.

ڳوٺ جي صاف آب و هوا سرسبز نظارن ۽ تازي غذا جي ڪري اتان جا ماڻهو صحتمند ٿين ٿا. ڳوٺاڻي ماحول ۾ جيتوڻيڪ بنيادي سهولتن جي اڻاٺ آهي تنهن هوندي به سندن اخلاقي ڪردار بهتر آهي ۽ اهي جلدي پنهنجي رويي تي ردعمل ظاهر ڪندا آهن جنهن جو مثال هاريءَ جو نينگر آهي. هڪ هاريءَ کي چار پٽ هئا، جن مان وڏا ٽئي محنتي ۽ فرمانبردار هئا، جڏهن ته سڀني مان ننڍو گهڻي لاڏ ڪوڏ جي ڪري ضدي ۽ نافرمان ٿي پيو هو. هن کي ننڍي وڏي جي ڪا سڃاڻپ ڪانه هئي. ڳوٺ جي وڏڙن کي ته ڇڏيو، هو پنهنجي ماءُ پيءُ جي به عزت ڪين ڪندو هو. سڀئي پاڙي ڪائنس ڏجندا هئا ۽ سندس والدين ان خلاف روز روز جي شڪايتن مان تنگ اچي ويا هئا.

هڪ ڏينهن هو اسڪول وڃي رهيو هو. رستي ۾ جڏهن ٻيرن جي جهڳٽي وٽان گذريو ته اوچتو هڪ ڪنڊو سندس پير ۾ چُڀي پيو. هن کان رڙ نڪري وئي، دانهن ڪندي هو تڪليف سبب هيٺ ويهي رهيو ۽ ڪنڊو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. گهڻي ڪوشش ڪرڻ جي باوجود ٽٽي پيو ۽ سندس پير مان رت وهڻ لڳو، پر تڪليف گهٽجڻ جو نالو ئي نه هو. هو هر ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ کي مدد لاءِ سڏيندو رهيو، پر ڪنهن به سندس مدد نه ڪئي ۽ نه ئي وري ڪو ڪائنس روئڻ جوسبب پڇي پيو. ڇو ته هو ڳوٺ جو ناپسنديده پار هو، نيٺ ساڻو ٿي روئڻ لڳو.

اتفاق سان اتان هڪ بزرگ لنگهيو. هن پار کي روئندو ڏسي پرسان اچي پڇيو: ”پُٽ! ڇا ڳالهه آهي، تون هتي ڇو پيو روئين!؟ اسڪول نه ويو آهين ڇا؟“!؟ ڇوڪري چيو ”ڏاڏا! مون کي پير ۾ ڪنڊو لڳو آهي. جنهن سبب مون کي ڏاڍي تڪليف آهي. پر ڪير به منهنجي مدد نه ٿو ڪري“.



پوڙهو شخص سندس پرسان
ويهي رهيو ۽ سندس پير مان ڪنڊو ڪڍي
ورتائين پوءِ کيس چوڻ لڳو "پُٽ! ڪير بہ
تنهنجي مدد ان جي ڪري نہ ٿو ڪري جو
سڀ توکان ناراض آهن، تون وڏن جو چيو
ناهين مڃيندو ۽ انهن کي پريشان ڪندو
رهندو آهين. تنهنجو اهو رويو انهن کي
ايئن تڪليف ڏئي ٿو جيئن توکي هن ڪنڊي تڪليف ڏني آهي".

ٻار شرمساري کان ڪنڌ ڪڍي هيٺ ڪيو. پوءِ پوڙهي کيس وڌيڪ چيو "ڏس پٽ! زندگيءَ ۾ وڏن جو ادب بي حد ضروري آهي. اولاد تي سڀ کان وڌيڪ ماءُ پيءُ جو حق آهي. استاد بہ ماءُ پيءُ جيان هوندو آهي ، تنهنڪري وڏڙن جو هميشہ احترام باوقار انداز سان ڪرڻ گهرجي، انهن لاءِ اٿي بيهڻ، سفر دوران پنهنجي سِيٽ کين پيش ڪرڻ ۽ رستي پار ڪرڻ ۾ کين سهارو ڏيڻ اسان جي ذميدارين ۾ شامل آهي. ان کان سواءِ ڪنهن بہ معاملي کي شروع ڪرڻ کان اڳ وڏڙن سان صلاح مشورو ڪرڻ بي حد ضروري آهي. ڇوتہ انهن جي زندگيءَ جو تجربو وڌيڪ آهي ان ڪري هو سٺي صلاح ڏيندا ۽ وڏڙن جو ساٿ، انهن جو دعائون، همدرديون، پيار ۽ چاهہ اسان لاءِ هر مصيبت ۽ تڪليف ۾ ڍال جو ڪم ڪن ٿيون. جنهن وٽ اها ڍال نہ هوندي، اهو توهان وانگر اڪيلو ۽ پريشان هوندو. هاڻي تون جلدي گهر وڃي ان زخم تي پٽي رک" ائين چئي پوڙهو هليو ويو.

ڇوڪري گهر پهچي ڳوٺ جي هر ننڍي وڏي کان وڃي معافي ورتي. ان کي احساس ٿي ويو تہ سندس رويي مان ٻين کي ڪيتري نہ تڪليف پهتي هوندي، ان ڏينهن کان سندس بريون عادتون ختم ٿي ويون ۽ هو هر ڪنهن سان مرڪندڙ چهري سان ملڻ لڳو ۽ وڏن جو ادب ڪرڻ لڳو.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

هاريءَ جو ننڍو پٽ نافرمان ٻڇي پيو. هرڪو ان مان بيزار هو. هڪ ڏينهن رستي ويندي پير ۾ ڪنڊو چُڀي پيو ۽ کيس سخت تڪليف پهتي. هن هر ايندڙ ويندڙ کي مدد لاءِ چيو، پر ڪنهن بہ ان جي مدد نہ ڪئي. نيٺ ڏکي گهڙيءَ ۾ هڪ بزرگ ان جي مدد ڪري ڪنڊو ڪڍيو ۽ هن کي سمجهايو تہ وڏڙن جي ادب جي وڏي اهميت آهي. انهن جون

همدرديون ۽ دعائون مصيبتن جي خلاف ڍال جو ڪم ڏين ٿيون. بزرگ جي ڳالهين ڇوڪري تي اثر ڪيو ۽ ان ڏينهن کان اهو باادب ٿي پيو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. وڏن جو ادب ڇو ضروري آهي؟
2. وڏن جي ادب ڪرڻ مان ڪهڙا فائدا حاصل ٿين ٿا؟
3. هاري جي ننڍي ۽ لاڏلي پٽ ڪي بي ادبيءَ جو ڪهڙو نقصان ٿيو؟
4. ڳوٺاڻي زندگيءَ جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟
5. نينگر جي اوکي ويل ڪنهن مدد ڪئي؟

**(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:**

1. ڳوٺ جي صاف آب و هوا سر سبز نظارن ۽ تازي غذا جي ڪري اتان جا ماڻهو ٿين ٿا:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | سُست | (ب) | بيمار |
| (ج) | معذور | (د) | صحتمند |

2. پار شرمساري کان ڪٽي ڪنڌ ڪيو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | متي | (ب) | پاسي |
| (ج) | هيٺ | (د) | ڪجهه به نه ڪيو |

3. ڇوڪري گهر پهچي ڳوٺ جي هر ننڍي وڏي کان وڃي ورتي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | خرچي | (ب) | معافي |
| (ج) | سلامي | (د) | دُعا |

4. نيٺ ڏکي گهڙي ۾ بزرگ ان جي مدد ڪري:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | ڦوٽو ڪڍيو | (ب) | ڪنڊو ڪڍيو |
| (ج) | اسڪولي ڪارڊ ڪڍيو | (د) | ٻَڻون ڪڍيو |

5. بزرگ جي ڳالهه ڇوڪري تي اثر ڪيو ۽ ان ڏينهن کان اهو ٿي ويو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | بي ادب | (ب) | با ادب |
| (ج) | شرارتي | (د) | موڳو |

(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:

1. وڏڙن جون دعائون ۽ پيار اسان لاءِ مصيبتن ۾ ______ جو ڪم ٿا ڪن.
2. هاريءَ جو ننڍو پٽ لاڏ ڪوڏ جي ڪري ______ ۽ ______ ٿي پيو هو.
3. هاري جا ٽئي وڏا پٽ ______ هئا.
4. بهتر زندگي لاءِ ______ تمام ضروري آهي.
5. نافرمان ٻار جو رويو هر هڪ جي دل ۾ _____ وانگر چڀندو آهي.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. هاري جو ننڍو پٽ نڙر ۽ نافرمان هو. | | |
| 2. ڏاڏي پوڙهي ڇوڪري کي چيو تہ وڏن جو ادب نہ ڪرڻ گهرجي. | | |
| 3. وڏن جون دعائون اسان لاءِ ڍال جو ڪم ڪن ٿيون. | | |
| 4. ڏاڏي جي سمجهائڻ سان ڇوڪرو بد مزاج ۽ ڪاوڙيل ٿي پيو. | | |
| 5. ڇوڪري گهر اچي هر ننڍي وڏي کي ميارون ڏنيون. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

انٽرنيٽ جي مدد سان مختلف مذهبن جي مقدس ڪتابن مان ”وڏن جي ادب“ بابت اهم هدايتون پنهنجي ڪاپي تي نوٽ ڪري استاد کي ڏيکارين.

## استادن لاءِ هدايتون

وڏڙن يعني استادن، بزرگن، والدين ۽ مٽن مائٽن جي احترام بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سمجهاڻي ڏئي اهميت کان واقف ڪيو وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ |
|---|---|
| نِنر | نافرمان، ضدي |
| ساٽو تيڻ | تڪجڻ |
| جهڳٽو | هڪ هنڌ گهڻن وٽن جو هئڻ/گهڻو تعداد |
| شرمساري | ڦِڪائي |
| پير مرد | پوڙهو ماڻهو |
| ڍال | هڪ اوزار جنهن سان تلوار جو وار روڪيو ويندو آهي. |
| اٽاٽ | ڪمي، گهٽتائي |
| نينگر | ٻار، ڇوڪرو |
| بد مزاج | خراب طبيعت وارو |

# بيمار جي طبع پُرسي

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- احساس ڪندا ته بيمارن کي دوائن سان گڏوگڏ اخلاقي ۽ نفسياتي مدد جي به ضرورت هوندي آهي.

راجيش جيئن اسڪول کان واپس آيو ته زور زور سان ماءُ کي سڏڻ لڳو: ”امان! او امان...! اوهين ڪٿي آهيو؟“

ماءُ رڌڻي مان ڪيس ورندي ڏني: ”ڇا ڳالهه آ راجيش پُٽ! ڇو پيو رڙيون ڪرين!!؟“

**راجيش:** امان! اڄ منهنجي دوست محمد علي جي طبيعت اوچتو خراب ٿي پئي هئي!

**ماءُ:** ڇو؟ ڇا ٿيو هو ان کي؟



**راجيش:** امان! ان کي پيٽ ۾ ڏاڍو سور پيو هو، هو پنهنجون ڄنگهون به سڌيون نه پئي ڪري سگهيو. استاد صاحب ان کي پيٽ جي سور جي دوا به ڏني، پر ان ڪوبه اثر نه ڪيو، پوءِ هيڊ ماستر، محمد علي جي والدين کي گهرائي ڪيس اسپتال موڪلي ڇڏيو.

**ماءُ:** پوءِ ڇا ٿيو؟

**راجيش:** امان پوءِ اسين پنهنجي پڙهائيءَ ۾ مصروف ٿي وياسين.

**ماءُ:** پٽ! شام جو پنهنجي دوست جي طبع پُرسي ڪرڻ لاءِ تون ضرور سندس گهر وڃجانءِ.

**راجيش:** پر امان! شام جو ته منهنجي ڪيڏڻ جو وقت آهي.

**ماءُ:** راجيش پٽ! توکي خبر ناهي ته مريض جي طبع پُرسي ڪرڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي، ان ڪري پنهنجي راند جي قرباني ڏئي، دوست جي طبيعت پڇڻ وڃجانءِ!

**راجيش:** ڀلا ڀلاءِ بيمار کان پڇڻ جو ڪيترو ثواب ملندو!!؟

**ماءُ:** مريض جي طبع پُرسي ڪرڻ عبادت آهي. هن سماج ۾ اسين سڀ هڪ زنجير جيان هڪ ٻئي سان جُڙيل آهيون. هڪ ٻئي جو خيال رکڻ، ڏک سک ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ ۽ بيماري ۾ طبع پُرسي ڪرڻ سان اسين پاڻ ۾ مضبوط ٿيون ٿا.

**راجيش:** امان! پر مريض کي اسان جي طبع پُرسي مان ڪهڙو فائدو ملندو، اهو ٺيڪ ته ڊاڪٽر جي دوا سان ٿيندو؟

**ماءُ:** پٽ! توهان جا دوست، مائٽ ۽ پاڙيسري اوهان جي ڏک سک جا ساٿي هوندا آهن. اهڙي وقت ۾ اسين هڪ ٻئي سان همدرديءَ جي اميد رکندا آهيون. جڏهن توهان ڪنهن مريض جي طبيعت پڇڻ لاءِ هلي ويندا آهيو ته نفسياتي طور اهو خوشيءَ جي احساس ۾ پاڻ کي بهتر محسوس ڪندو آهي. ياد رک ته طبع پُرسي ڪرڻ سان اسين مريض کي هڪ جذباتي سهارو ڏيندا آهيون. ان سهاري جي ڪري هو پنهنجي بيماريءَ سان مهاڏو اٽڪائڻ جي پاڻ ۾ قوت محسوس ڪرڻ لڳندو آهي تنهنڪري مريض ماڻهو کي دوا درمل کان وڌيڪ اهڙي سلوڪ جي ضرورت هوندي آهي.

**راجيش:** ٺيڪ آ امان! آءٌ اڄ شام ضرور پنهنجي دوست جي طبيعت پڇڻ ويندس.

**ماءُ:** شاباس پُٽ! پر اتي ڪجھ ڳالهين جو خيال ضرور رکجانءِ.

**راجيش:** جي ها امان، اُهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟

**ماءُ:** طبع پُرسي ڪرڻ وقت هنن ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي:

1. مريض جي پرسان وڏي آواز سان ڳالهائڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.
2. طبع پُرسي ڪندڙ کي مريض جو حوصلو وڌائڻ گهرجي ۽ کيس تسلي ڏجي ته سندس بيماري ڪجھ به ناهي. هو جلدي ٺيڪ ٿي ويندو.
3. جيڪڏهن خبر هجي ته ان کي ڪا وڏي بيماري آهي ته ان جي سامهون ان بيماريءَ جو ذڪر نه ڪجي.
4. مريض وٽ گهڻو نه ترسڻ گهرجي، متان ان جي آرام ۾ خلل پوي.
5. طبع پُرسي لاءِ وڃڻ وقت ڪجھ ميوا يا گل پاڻ سان کڻي وڃڻ گهرجن. پر جيڪڏهن اهي ملي نه سگهن ته به ماڻهو طبع پُرسي ڪرڻ کان نه ڪيٻائي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

راجيش اسڪول کان واپس ٿي ڪري پنهنجي ماءُ کي ٻڌايو تہ سندس دوست جي اسڪول ۾ طبيعت خراب ٿي پئي هئي، ان ڪري ڪيس اسپتال داخل ڪرايو ويو. راجيش کي سندس ماءُ چيو تہ توکي پنهنجي دوست جي طبع پُرسيءَ لاءِ ان وٽ ضرور وڃڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ ان سان بيمار کي تسلي ۽ توهان کي ثواب ملندو. ياد رکجي تہ عيادت ڪرڻ مهل مريض جي آرام جو خيال رکجي ۽ ان سان ڏاڍيان نہ ڳالهائڻ گهرجي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. راجيش جي دوست کي ڇا ٿيو هو؟
2. راجيش جي ماءُ ڪيس دوست جي طبع پُرسي لاءِ ڇو موڪليو؟
3. مريض جي طبع پُرسي ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟
4. طبع پُرسي ڪرڻ وقت ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي؟
5. بيمار ماڻهن کي خاص طور ڪهڙي مدد جي ضرورت هوندي آهي؟

**(ب) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:**

1. بيمار کي دوائن سان گڏو گڏ ضرورت هوندي آهي:

(الف) اخلاقي مدد جي (ب) نفسياتي مدد جي
(ج) روحاني مدد جي (د) سڀ

2. راجيش پنهنجي راند ڇڏي پڇڻ ويو:

(الف) دوست جي طبيعت (ب) هيڊ ماستر جي طبيعت
(ج) پيءُ جي طبيعت (د) ماءُ جي طبيعت

3. مريض جي طبع پُرسي ڪرڻ هڪ آهي:

(الف) عبادت (ب) ثواب
(ج) دوا (د) الف ۽ ب

4. ڏک جا ساٿي آهن:

(الف) توهان جا دوست (ب) توهان جا مائٽ
(ج) توهان جا پاڙيسري (د) اهي سڀ

5. هڪ مريض کي دوا درمل کان وڌيڪ ضرورت آهي:

(الف) سٺي سلوڪ جي　　(ب) پاڻ ۾ قوت جي

(ج) نفسياتي علاج جي　　(د) اهي سڀ

(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:

1. بيماري ۾ طبع پُرسي ڪرڻ ______ کي مضبوط ڪري ٿي.
2. طبع پُرسي ڪرڻ وقت اسين مريض کي هڪ ______ سهارو ڏيون ٿا.
3. طبع پُرسي ڪندڙ کي مريض جو ______ وڌائڻ گهرجي.
4. مريض جي پرسان ڪنهن به قسم جو ______ نه ڪرڻ گهرجي.
5. اسين سڀ هڪ ______ جيان هڪ ٻئي سان جڙيل آهيون.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. اسين سڀ سماج ۾ هڪ زنجير وانگر جڙيل آهيون. | | |
| 2. مريض کي هڪ جذباتي سهاري جي ضرورت هوندي آهي. | | |
| 3. مريض جي پرسان ويهي سنڌس هيٺائيءَ تي گفتگو ڪجي. | | |
| 4. مريض جي پرسان طبع پُرسي ڪندڙن جو وڌو هجوم ٿيڻ گهرجي. | | |
| 5. مريض جي پرسان وڏي آواز ۾ نه ڳالهائڻ گهرجي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون اهڙن ڪمن جي فهرست تيار ڪن جيڪي هڪ بيمار شخص جي مدد لاءِ ڪري سگهجن ٿا. مثلاً: سنڌس ڪاڏي خوراڪ جو ڌيان رکڻ، ڪپڙي لٽي کي صاف رکڻ، دوا درمل مهيا ڪرڻ.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڪنهن سرڪاري اسپتال وٺي اتان جي عملي جي ماڻهن سان گڏجي مريضن جي تيمار داري جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ کين سمجهايو وڃي تہ مريض سهولتن جي اعتبار سان ڪهڙي حيثيت ۾ آهن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنىٰ

| لفظ | معنىٰ |
|---|---|
| طبع پُرسي | بيمار جي طبيعت معلوم ڪرڻ، عيادت ڪرڻ |
| مهاڏو اٽڪائڻ | مقابلو ڪرڻ |
| پرهيز ڪرڻ | پري رهڻ، پاسو ڪرڻ |
| جڪڙيل | مليل، ڳنڍيل |
| خلل | رخنو، رنڊڪ |
| هيڻائي | ڪمزوري، ڏٻرائپ |
| ڪيٻائڻ | سستي ڪرڻ |

باب چوٿون

# شخصيتون

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۾ شاگرديائين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- هڪ سماج ۽ قوم جي ترقيءَ ۾ اهم شخصيتن جي ڪردار بابت ڄاڻي سگهندا.
- انهن شخصيتن جي تعليمات کي اختيار ڪرڻ جو جذبو ڏاريندا.
- انهن شخصيتن جي ”مسئلن کي حل ڪرڻ“ ۽ ”فيصلي ڪرڻ“ وارين صلاحيتن کي ڄاڻي سگهندا.
- انهن شخصيتن جي زندگيءَ مان مليل ڄاڻ کي پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ اختيار ڪري سگهندا.

اخلاقيات جي استاد موهن لال ڪجهه عرصي کان ڪلاس جي شاگردن کي دنيا جي مشهور شخصيتن جي زندگيءَ بابت معلومات ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو هو. جيڪي مذهب، ادب، سائنس، فلسفي ۽ اخلاقيات جهڙن فنن ۾ وڏا ماهر ۽ تجربو رکندڙ هئا. شاگرد ضرور انهن جي زندگي ۽ تجربي مان سٺيون ڳالهيون سکندا ۽ پنهنجي مستقبل کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪندا. انين ڪلاس جا ٻار استاد موهن لال جو ڏاڍي بي چينيءَ سان انتظار ڪري رهيا هئا. هو جيئن ئي ڪلاس ۾ داخل ٿيو ته سڀئي ٻار اٿي بيٺا ۽ خوشي ۾ کيس ڏاڍيان سلام ڪيائون. موهن لال صاحب ٻارن جو مطلب ۽ خوشي سمجهي ورتي هئي، ان ڪري کين ويهڻ جو اشارو ڪندي چوڻ لڳو:

”ٻارؤ! مون اوهان سان وعدو ڪيو هو ته هن هفتي اوهان کي دنيا جي ڪجهه عظيم هستين جو تعارف ڏيائيندس! ؟“

”جي سر...“! سڀني ٻارن هڪ آواز ۾ جواب ڏنو.

موهن لال صاحب:”ته ٺيڪ آهي ٻارؤ! اسين اوهان سان جن چئن شخصيتن جو تعارف پيا ڪرايون، اهي آهن:

1. ميران ٻائي 2. مُقدّس اگسٽين 3. ابن مسڪويہ 4. ابراهام لنڪن.

# ميران ٻائي

(زندگي ۽ خدمتون)

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- ميران ٻائي جي زندگيءَ جو مختصر خاڪو بيان ڪري سگهندا.
- تسليم ڪندا ته ننڍپڻ ۾ سندس ”ماءُ جا چيل لفظ“ ان جي زندگيءَ جو دستور بڻجي ويا.
- سندس شري ڪرشن ڀڳوان لاءِ اڻ ورهايل پيار بابت ٻڌائي سگهندا.
- مالڪِ حقيقي جي رستي ۾ ڪيس جن مشڪلاتن مان گذرڻو پيو انهن بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهندا.
- سمجهي سگهندا ته پختي عزم، پاڻ ارپڻ ۽ روحاني گرو جي دعا ڪيس سندس مقصد ۾ ڪاميابي فراهم ڪئي ٿي.
- سماجي هم آهنگي ۽ پاڻ ارپڻ واري راهه ۾ سندس خدمتن جي وضاحت ڪري سگهندا.



ميران ٻائي سورهين صدي ۾ هندومت جي هڪ مشهور شاعره ۽ ڀڳتي تحريڪ جي سرگرم رڪن هئي. پاڻ جوڌپور جي راجا رتن سنگهه جي ڌيءَ هئي. سندس پيدائش 1503ع ۾ راجستان جي ضلع ڪڙڪي جي چوڪڙي ڳوٺ ۾ ٿي. هوءَ والدين جي اڪيلي اولاد هئي. ننڍپڻ ۾ ئي سندس والده ڪيس جدائي جو غم ڏئي وئي هئي. ان جي شادي سندس مرضيءَ خلاف اُدي پور جي راجڪمار ڀوجراج سان ٿي. ڀوجراج هڪ جنگ ۾ زخمي ٿي پيو ۽ زخم ان لاءِ مهلڪ ثابت ٿيو، جنهن سبب سندس انتقال ٿي ويو.

پندرهين صدي ۾ هندوستان جي صوفي شاعرن هڪ تحريڪ شروع ڪئي، جنهن کي ”ڀڳتي تحريڪ“ چئجي ٿو. ان تنظيم جو مقصد هندوستان جي عوام کي روحانيت ڏانهن مائل ڪرڻ ۽ اهو سمجهائڻ هو ته ڀڳوان انسانن کان فاصلو نه ٿو رکي، پر انهن سان محبت ڪري ٿو ۽ سندن زندگيءَ جو حصو بڻجي وڃي ٿو. ان تحريڪ ريتن رسمن

بدران عقيدت ۽ مالڪِ حقيقيءَ جي عشق تي گهڻو زور ڏنو.

ميران بائي اجا ڇهن ورهن جي هئي ته هڪ شاديءَ جي جلوس کي ڏسندي پنهنجي امڙ کان پڇڻ لڳي ”پياري امان! منهنجو گهوٽ ڪير ٿيندو؟“

سندس امڙ مسڪرائيندي ڀڳوان شري ڪرشن جي مورتي / ڦوٽو ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيو ”ڀڳوان شري ڪرشن تنهنجو گهوٽ ٿيندو.“

پياري امڙ جا اهي لفظ ميران جي هِردي جي تختيءَ تي اُڪري ويا انهي پل کان ڀڳوان شري ڪرشن کي پتيءَ جي روپ ۾ پائڻ هن جي جيون جو واحد مقصد بڻجي ويو.

ميران بائي ڀڳوان ڪرشن جي ڀڳتياڻي هئي، ان ڪري هر وقت سندس پوڄا ۾ مصروف رهندي هئي. مندر ۾ وڃي ڀڳوان ڪرشن جي مورتي اڳيان سيني زائرين جي سامهون ڳائيندي نچندي هئي. شاهي خاندان پنهنجي بي عزتي سمجهندي کيس ايئن ڪرڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هڪ روايت مطابق کيس زهر به ڏنو ويو، پر ان تي ڪوبه اثر نه ٿيو. نيٺ هوءَ محل ڇڏي، دوارڪا ۽ برندابن جي مندرن ۾ گهمندي ۽ ڀڄن ڳائيندي رهي. سندس ڀڳوان ڪرشن سان لازوال ۽ اڻ کُٽ محبت بي مثال هئي. ننڍپڻ کان ئي گُڏي گُڏي جهڙن ٻاراڻين راندين ۽ ٻين تفريحي ڪمن کي ڇڏي سدائين ڀڳوان جي پوڄا ۾ مصروف رهندي هئي. ننڍي هوندي کان ئي ان محبت جي ڪري کيس ڏاڍا ڏک ڏاکڙا سهڻا پيا. سندس ماءُ پيءُ فوت ٿي ويا، ننڍي عمر ۾ شادي ٿيس ، ساهرن کان تڪليفون مليس، وري مڙس مري وڃڻ ڪري ننڍي هوندي ئي بيوهه بڻجي وئي پر سندس ڀڳوان ڪرشن سان محبت ڪڏهن به گهٽ ڪين ٿي.

ان دوران پاڻ سنت شرومڻي رامانند جي شاگرد ڀڳت روي داس صاحب چَمار جي مُريدياڻي ٿي ۽ تلسي داس سان به خط ڪتابت جاري رکيائين. سندس وفات جو سال 1583 ع ٻڌايو وڃي ٿو. روايت مطابق ميران بائي ڀڳوان ڪرشن جي جنهن مورتيءَ جي پرستار هئي، ان کي ”رڻڇوڙ“ چوندا آهن. هڪ ڏينهن پاڻ نهايت عاجزي سان پوڄا ۾ مصروف هئي ته مورتي ڦاٽي پئي ۽ پاڻ ان اندر سمائجي وئي.

**خدمتون:**

ميران بائي ڀڳتي تحريڪ جي ترقيءَ جو عملي نمونو هئي. کيس شاعري توڙي موسيقي جي فن ۾ تمام مٿاهون درجو حاصل آهي. ادب ۾ چار ڪتاب پڻ سندس املهه خدمت آهي.

ميران بائي جا ڀڄن ميناج ۽ سادگي ۾ مشهور آهن. انهن ۾ اهڙي جذبات

نگاري ۽ ڪامل عشق جي اپٽار صوفي شاعرن جي اثر سبب آهي. سندس شاعري جذبات پري شاعري آهي سندس هڪ هندي شعر جو ترجمو هن ريت آهي:

نند لال يعني ڀڳوان ڪرشن! منهنجي اکين ۾ اچي وس.
صورت تنهنجي سهڻي من مهڻي ۽ اکيون ڪيڏيون نہ وڏيون آهن!
مٿي تي مور سندو تاج، هيري جي والي ۽ پيشانيءَ ۾ ڳاڙهو تلڪ آ
منهنجو ڀڳوان سنن ماڻهن جي حفاظت ۽ پنهنجن ڀڳتن سان پيار ڪندو آهي.

ميران ٻائي جي ڀڄنن ۾ وڏي تاثير هئي، جو دل جي تارن کي وڃي ڇهندا هئا. سندس لفظن ۾ درد ۽ جادو ڀريل هو. تنهنڪري ماڻهو ڪيس ديوين وانگر پوڄيندا هئا. سندس چار ڪتاب مشهور آهن:

1. نرسينہ جي ڪا مائرا 2. گيت گووند ٽيڪا 3. راڳ گوون ۽ 4. راڳ سورٺ

سک مذهب جي گرو گوبندسنگهہ جي 1693ع ۾ صوفي شاعري جو ڪتاب ”پريم امبوڌپوٿي“ مرتب ڪيو هو. ميران ٻائي کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ سندس ڪلام ان ڪتاب ۾ موجود آهي، تنهن ڪري ڪيس هندومت سان گڏ سک مت ۾ بہ وڏي عزت ۽ احترام سان ڏٺو وڃي ٿو.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

ميران ٻائي راجا رتن سنگهہ جي اڪيلي ڌيءُ هئي. ننڍي هوندي سندس ماءُ انتقال ڪري وئي. سندس شادي اُڌي پور جي راجڪمار يوجراج سان ٿي. ٻاڻ ڪرشن ڀڳوان جي ڀڳتياڻي هئي ۽ ان جي مورتيءَ اڳيان ماڻهن جي سامهون نچندي هئي، جنهن ڪري سندس خاندان وارن پنهنجي بي عزتي سمجهندي، ان مٿان وڏا ظلم ڪيا.

نيٺ هوءَ محل ڇڏي، مندرن ۾ اچي رهڻ لڳي ۽ سنت شرومڻي راماننجي جي شاگرد ڀڳت روي داس صاحب چمار جي شاگردي اختيار ڪئي. ميران ٻائي جا ڀڄن سادگي ۽ ميناج ۾سرس هئا ۽ انهن ۾ صوفي اثر جي جهلڪ هئي. گروگوبند جي ڪتاب ”پريم امبوڌپوٿي“ ۾ بہ سندس ڪلام شامل آهي، تنهنڪري سک مذهب ۾ سندس وڏي شهرت آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. ميران ٻائي جي حالات زندگيءَ بابت اوهين ڇا ٿا ڄاڻو؟
2. ميران ٻائي جي ڀڄنن ۾ ڪهڙيون خاصيتون آهن؟
3. ميران ٻائي جي تصنيف ڪيل ڪتابن جا نالا ٻڌايو.
4. ميران ٻائي ڀڳت روي داس جي مريدياڻي ڪيئن بڻي؟
5. ميران ٻائي جي وفات بابت ڪهڙي روايت آهي؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. ميران ٻائي هڪ هئي:

(الف) شاعره (ب) ڀڳتي تحريڪ جي رُڪن
(ج) روحاني گرو (د) اهي سڀ

2. ميران ٻائي جي شادي ٿي:

(الف) مرضي سان (ب) مرضي جي خلاف
(ج) مائٽن جي مرضي سان (د) والده جي مرضي سان

3. هندستان جي صوفي شاعرن جي تحريڪ کي ڇئبو آهي:

(الف) هندستاني تحريڪ (ب) ڀڳتي تحريڪ
(ج) سياسي تحريڪ (د) تنظيمي تحريڪ

4. ميران ٻائي ڀڳتياڻي هئي:

(الف) شري ڪرشن ڀڳوان جي (ب) شري رام چندر جي
(ج) گرو نانڪ صاحب جي (د) ڪنهن جي بہ نہ

5. ميران ٻائي ننڍپڻ ۾ مصروف رهندي هئي:

(الف) گڏي گڏِي جي راند ۾ (ب) تفريحي ڪمن ۾
(ج) پوڄا ۾ (د) اهي سڀ

(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:

1. ميران ٻائي ______ جي ڀڳتياڻي هئي.
2. پاڻ راماننڊ جي شاگرد ______ جي مريدياڻي ٿي.

3. پاڻ جيڪو ڪامل عشق جو انداز اپنايائين سو ______ جي اثر جي ڪري هو.
4. سندس ڪلام جو نمونو گُروگوبند جي جي ڪتاب ______ ۾ پڻ آهي.
5. پاڻ ڀڳوان ڪرشن جي جنهن مورتي کي پوڄيندي هئي سا ______ نالي سان مشهور آهي.

(د) هيٺيان جملا پڙهي ان جي اڳيان صحيح ☑ يا غلط ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ميران بائي راجڪمار يوجراج جي ڏيءُ هئي. | | |
| 2. ميران بائي تلسي داس جي مريدياڻي تي. | | |
| 3. ڀڳتي تحريڪ رسمن بدران عقيدت ۽ مالڪِ حقيقيءَ جي عشق تي زور ڏنو. | | |
| 4. ميران بائيءَ جون مشهور تصنيفون ڏهه آهن. | | |
| 5. ميران بائي محل ڇڏي دوارڪا ۽ برندابن جي مندرن ڏانهن هلي وئي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

انٽرنيٽ جي مدد سان ميران بائي جي تصوير ۽ ان جي ڪجهه شاعري ڳولهي ڪلاس ۾ پيش ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مکيه مذهبي عورتن جي زندگيءَ مان ڪي مشترڪ سبق ٻڌايا وڃن جهڙوڪ: مسيحيت جي مقدسه مريم عليها السلام، هندو ڌرم جي ميران بائي ۽ اسلام جي حضرت رابعه بصري.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| معنیٰ | لفظ |
|---|---|
| اهو ڪم جيڪو مذهب يا رواج جو حصو سمجهي ڪيو وڃي | رسم |
| هلاڪ ڪندڙ | مُهلڪ |
| زيارت ڪرڻ وارا | زائر (ج) زائرين |
| هڪ مورتي جو نالو | رٽيچوڙ |
| بي مثال، هميشه وارو | لازوال |
| تڪليفون، مصيبتون | ڏڪ ڏاڪڙا |
| مذهبي گيت، حمديه گيت | ڀڄن |
| اها عورت جنهن جو مڙس فوت ٿي وڃي | بيوهه |

# مقدس اگسٽين

(زندگي ۽ ڪردار)

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا تہ اهي:

- لفظ "مقدس" جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- مقدس اگسٽين جي حالات زندگي کي مختصر طور بيان ڪري سگهندا.
- سندس عقيدي ڇڏڻ ۽ وري ٻيهر واپس مسيحيت ۾ اچڻ جا سبب ٻڌائي سگهندا.
- پنهنجي نظرئي جي پکيڙڻ لاءِ سندس ڪيل خدمتن کي بيان ڪري سگهندا.
- اخلاقي قدرن ۽ اخلاقيات جي واڌاري لاءِ سندس ڪردار کي بيان ڪري سگهندا.
- انسانيت لاءِ ڪيل سندس اهم خدمتون بيان ڪري سگهندا.

مسيحيت ۾ مقدسين اهي هستيون آهن، جن جي عبادت گذاري ۽ پاڪيزه زندگي عام ماڻهن کان تمام مٿانهين ٿيندي آهي. اهي مالڪِ حقيقيءَ جا مُقرّب ۽ مُقدّس ٻانها هوندا آهن. "مُقدِّسين" "مُقَدّس" جو جمع آهي، جيڪو "قُدس" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنىٰ آهي "پاڪ" تنهن ڪري اهو پاڪ هستين لاءِ استعمال ٿيندو آهي.



هي اهو مُقدّس اگسٽين آهي، جنهن بابت مشهور آهي تہ پاڻ دنيا جي ذهين ترين ماڻهن مان هو. مقدس اگسٽين موجوده الجيريا جي ويجهو هڪ جڳهہ تاگاستي (Tagaste) ۾ 13 نومبر 354ع ۾ پيدا ٿيو. سندس ماءُ پنهنجي دور جي وڏي بزرگياڻي هئي.

مقدس اگسٽين جي ماءُ هن جي تعليم ۽ تربيت مسيحي تعليم مطابق ڪئي هئي، پر سندس ذهن ۾ مذهب بابت ڪجهہ اهڙا سوال پيدا ٿيا، جن جي ڪري هو ڪجهہ وقت مسيحي دين کان پري رهيو. سندس اهو وقت اٽلي جي شهر ميلان ۾ گذريو. ماءُ سمورو وقت هن لاءِ روئي دعائون ڪندي رهي تہ مالڪِ حقيقي هن کي ٻيهر سنئين واٽ تي آڻي. پنهنجي ان دور ۾ پاڻ اڪثر مُقدّس امبروز جا خطبا ٻڌندو هو. جيئن اهو فيصلو ڪري سگهي تہ ڪيس مسيحيت ۾ رهڻو آهي يا نہ.

اٽليءَ ۾ رهائش دوران مقدس امبروز جي خطبن هن جي زندگيءَ ۾ انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو. هن مسيحيت کي ڇڏي ڏنو، ڇو ته سندس خيال مطابق هو پاڪيزه زندگي نه ٿو گذاري سگهي، پر پاڻ مڃي رهيو هو ته مسيحيت سچو مذهب آهي.

هڪ ڏينهن هن ٻڌو ته ٻه شخص مقدس انٿوني جا حالات زندگي پڙهي مسيحيت ۾ داخل ٿي ويا آهن، جيڪي ڪي عالم نه، پر عام ماڻهو هئا. مقدس اگسٽين انهن جي ڳالهه ٻڌي پنهنجي دوست اليپويس کي چيو:

"اسين ڇا پيا ڪريون؟ اڻ پڙهيل ماڻهو زوريءَ جنت جا وارث پيا ٿين ۽ پاڻ کي ڏس ته علم هوندي به ايترا ڪمزور، جو گناهن واري زندگي نه ٿا ڇڏي سگهون. افسوس! آهي اسان جي حال تي"

پوءِ غمگين دل سان پاڻ اڪيلائيءَ ۾ هليو ويو ۽ مالڪِ حقيقي کي نهايت عاجزي سان پڪاريندو ۽ ٻاڏائيندو رهيو بالآخر سندس دعا قبول ٿي ۽ ان وقت غيب مان هڪ ٻار جو آواز آيو:

"هي وٺ! هن کي پڙهه".

پاڻ سمجهي ويو ته اهو مالڪِ حقيقي طرفان آواز هو ۽ مالڪِ حقيقيءَ جو حڪم آهي ته بائبل کولي اهو پڙهه جيڪو مالڪِ حقيقي چاهي ٿو. پاڻ جڏهن بائبل کي کوليائين ته رومين ڏانهن لکيل مقدس پولوس رسول جو خط سندس سامهون هو، مالڪِ حقيقي جو ڪلام هو ته:

"جهڙي ريت ڏينهن جو دستور آهي ته اوهين شائستگي سان هلو، نه ڪي رقص و سرود ۽ نشي بازي سان، نه زنا ڪاري ۽ شهوت پرستي سان ۽ نه جهڳڙي ۽ حسد سان، بلڪ خداوند يسوع مسيح کي پهري وٺو ۽ جسماني خواهشن لاءِ تدبيرون نه ڪريو". (روميون، باب 13، آيات 14،13)

سندس اندر ۾ سچائي جي تلاش ته اڳ ئي هئي، تنهن ڪري هنن آيتن کيس جهنجهوڙي وڌو. هن پنهنجو پاڻ مالڪِ حقيقيءَ جي حوالي ڪيو ۽ هڪ نئين زندگي جي شروعات ڪيائين. پاڻ بپتسمه ڪرڻ کان پوءِ هڪ چرچ ۾ لڳي ويو. اڳتي هلي کيس بشپ چونڊيو ويو. پاڻ هڪ مسيحي مصنف به هو. ڪيٿولڪ چرچ ۾ اگسٽين جماعت سندس نالي ڏانهن منسوب آهي. سندس وفات کان پوءِ سندس مثالي زندگي کي مد نظر رکي چرچ کيس "مُقدّس" جو لقب عطا ڪيو، سندس ڪمري جي پِٽ تي وڏن اکرن ۾ هي عبارت اڪريل هئي:

"هتي ڪنهن جي برائي نہ ٿي ڪئي وڃي"

## مُقدّس اگسٽين جي تعليم ۽ خدمتون:

1. اڻ ڏٺي شيءِ تي ڀروسو ڪرڻ جو نالو ايمان آهي ۽ ان جو اجر اهو آهي تہ جنهن شيءِ تي ڀروسو رکو ٿا اهو اوهان جي حق ۾ هوندو.
2. جيڪڏهن وڏا ڪم ڪرڻ چاهيو ٿا تہ شروعات ننڍن ڪمن کان ڪريو.
3. جيتري اوهان جي اندر محبت وڌندي، اوتري خوبصورتي وڌندي، ڇو تہ محبت روح جي خوبصورتي آهي.
4. دنيا هڪ ڪتاب وانگر آهي، تنهنڪري جيڪي ماڻهو سفر نہ ٿا ڪن انهن هن ڪتاب جو رڳو هڪ پنو پڙهيو آهي.
5. ڪجهہ سوچيو، تہ مالڪِ حقيقي اوهان کي ڇا نہ ڏنو آهي؟ ان مان پنهنجي ضرورت پوري ڪري، باقي ٻين ضرورتمندن جي حوالي ڪيو.

مقدس اگسٽين ماڻهن جي عقيدن سڌارڻ تي زور ڏنو ۽ پاڻ نهايت سادي زندگي گذاريائين. گڏوگڏ غريبن جي گهڻي مدد ڪيائين ۽ مسيحيت جو پيغام پري پري تائين پکيڙيائين. پنهنجي آخري گهڙين تائين افسوس مان چوندو هو: "اي مالڪِ حقيقي! افسوس جو مون پنهنجو ڪيترو ئي وقت توکان جدا گذاريو". ان جي ازالي لاءِ پنهنجي بقايا پوري زندگي مالڪِ حقيقي جي محبت ۽ ماڻهن کي ان جي تلقين ڪرڻ ۾ گذاريائين، جيئن اهي بہ مالڪِ حقيقي جي ويجها ٿين.

28 اگسٽ 430ع تي الجيريا جي "هپو" نالي هنڌ تي پاڻ هميشہ لاءِ مقدسين سان وڃي آرامي ٿيا. مسيحيت ۾ هر سال 28 اگسٽ جي ڏهاڙي "مقدس اگسٽين جو ڏهاڙو" ملهايو ويندو آهي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

مُقدّس اگسٽين موجوده الجيريا ويجهو هڪ هنڌ "تاگاستي" ۾ پيدا ٿيو. سندس ماءُ هن جي تربيت مسيحيت مطابق ڪئي هئي، پر ڪجهہ سوالن جا جواب نہ ملڻ سبب هو مسيحيت مان مطمئن نہ ٿيو ۽ مسيحيت ڇڏي ڏنائين. هڪ ڏينهن کيس خبر ملي تہ ٻہ اڻ پڙهيل ماڻهو "مُقدّس انٿوني" جي زندگيءَ جا حالات پڙهي، مسيحيت قبول ڪري چڪا آهن. ان تي هو ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ اڻ پڙهيل ماڻهو بہ مالڪِ حقيقيءَ جي بادشاهيءَ ۾ پهچي ويا ۽ اهو علم هوندي بہ اسين ان کان ٻاهر آهيون. پاڻ پشيمان ٿيندي

دعا گهريائين تہ مالڪِ حقيقيءَ طرفان ڪيس بائيبل مُقدّس مان روميون 13 باب جي آيت نمبر 13 کان 14 تائين پڙهڻ جي خوشخبري ملي. انهن آيتن سندس زندگي بدلائي ڇڏي ۽ پاڻ بپتسما وٺڻ کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي چرچ جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين، جتان ڪيس "مُقدّس" جو لقب مليو. 28 آگسٽ 430ع تي الجيريا ۾ "هپو" نالي جڳھ تي سندس وفات ٿي. انهيءَ ڪري ڪجھ ماڻهو ڪيس "سينٽ اگسٽين هپو" بہ سڏين ٿا.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. مقدس اگسٽين پنهنجي ابتدائي زندگي ڪيئن گذاري؟
2. مسيحي تعليم مطابق تربيت باوجود مقدس اگسٽين مسيحيت کان ڇو پري رهيو؟
3. مقدس اگسٽين جي مذهبي زندگيءَ ۾ تبديلي ڪڏهن ۽ ڪيئن آئي؟
4. مقدس اگسٽين جون ڪي بہ پنج اهم نصيحتون لکو.
5. مقدس اگسٽين جي وفات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. "مقدس" لفظ نڪتل آهي:

(الف) قدس مان (ب) مقدسين مان

(ج) پاڪ مان (د) عقيدي مان

2. مقدس آگسٽين اڪثر خطبا ٻڌندو هو:

(الف) مقدس امبروز جا (ب) عيسائي تعليم جا

(ج) اٽلي جي مشهور شخصيتن جا (د) پاڪ هستين جا

3. مقدس آگسٽين کي هڪ دفعي غيب مان هڪ ٻار جو آواز آيو:

(الف) اسين ٻچا پيا ڪريون (ب) هي وٺ! هن کي پڙھ

(ج) زندگي نہ ٿا ڇڏي سگهون (د) اهي سيئي

4. آگسٽين کي "مقدس" جو لقب مليو:

(الف) زندگيءَ ۾ (ب) وفات کان پوءِ

(ج) چرچ جي بندگي دوران (د) ڄمڻ کان اڳ ۾

5. اڻ ڏٺي شيءِ تي ڀروسو ڪرڻ کي ڇئبو آهي:

(الف) محبت (ب) ايمان

(ج) عقيدو (د) روحاني سڪون

(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:

1. مقدس اگسٽين الجيريا پرسان ______ جڳھ تي پيدا ٿيو.
2. ۽ اڻ پڙهيل ماڻهو مقدس ______ جا حالات زندگي پڙهي عيسائي ٿيا.
3. مقدس اگسٽين جي دوست جو نالو ______ هو.
4. روميون ڏانهن لکيل ______ جي خط سندس مذهبي زندگي ۾ تبديلي آندي.
5. چرچ مقدس اگسٽين کي ڪارڪردگيءَ جي بدلي ۾ ڪيس ______ جو لقب عطا ڪيو.

(د) هيٺيان جملا پڙهي ان جي اڳيان صحيح ☑ يا غلط ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مسيحيت ۾ هر سال 28 آگسٽ تي مقدس اگسٽين جو ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي. | | |
| 2. مقدس اگسٽين مشهور مسيحي مصنف هو. | | |
| 3. مقدس اگسٽين جي ماءُ سندس تربيت مسيحي تعليم مطابق نہ ڪئي هئي. | | |
| 4. مذهبي دوري سبب اگسٽين مقدس انتوني جا خطبا ٻڌڻ لڳو هو. | | |
| 5. ڪيٿولڪ چرچ ۾ هڪ جماعت اگسٽين جي نالي سان موجود آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

- مقدس اگسٽين جون چند دعائون گڏ ڪري پنهنجي ڪاپي ۾ لکائين.
- مقدس اگسٽين بابت هڪ خوبصورت ويڊيو Catholic Heroes نالي چينل تي ڏنل آهي. ٻارن لاءِ ان جي لنڪ ڏجي ٿي، جيئن هو ويڊيو ڏسي ڪلاس ۾ ان تي ڳالھ ٻولھ ڪن.

www.youtube.com/watch?v=F5lD_X3QwIQ&list=PLyyhQB0CPbRNJEbh_kvUym9UFcuOVi8PV

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مسيحيت جي روحاني درجن ۽ مقدسن جي
ڪارنامن بابت سمجهاڻي ڏني وڃي.

### نوان لفظ ۽ انهن جي معنىٰ

| لفظ | معنىٰ |
|---|---|
| برتر | مٿاهون، بلند مقام وارو |
| مُقدّس | پاڪ |
| مُقرّب | مالڪِ حقيقي جي ويجهو |
| پاڪيزه | گناهن کان پاڪ |
| خيرباد ڪرڻ | ترڪ ڪرڻ / ڇڏي ڏيڻ |
| ٻاڏائڻ | سڏڻ، پڪارڻ |
| انقلاب | هل چل، تبديلي |
| اُڪريل | چٽيل، نقش ٿيل |
| ازالو | علاج، بدلو |

# ابن مسڪويه

(زندگي ۽ ڪتاب تهذيب الاخلاق)

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا تہ اهي:

- ابن مسڪويه جي حالات زندگيءَ جو مختصر خاڪو بيان ڪري سگهندا.
- اخلاقي صحت بابت سندس خيالن جي وضاحت ڪري سگهندا.
- اخلاقي قدرن ۽ اخلاقي اصولن تي ٻڌل سماج جي تعمير لاءِ ڪيل سندس خدمتن کي ساراهي سگهندا.
- سندس ڪتاب "تهذيب الاخلاق" حوالي سان ان جون اهم ڳالهيون پڙهي انهن تي عمل ڪري سگهندا.



ابن مسڪويه جو پورو نالو "ابو علي احمد بن محمد بن يعقوب مسڪويه" آهي. پاڻ سال 932ع ۾ ايران جي شهر "ري" ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابن سينا ۽ البيروني جو همعصر هو. ابن مسڪويه جي حالات زندگي بابت تمام مختصر معلومات ملي ٿي. پاڻ مشهور اديب، مؤرخ، فلسفي ۽ شاعر هو. سندس بيان آهي تہ هو مشهور مفسر ۽ تاريخدان ابن جرير طبريءَ جو شاگرد هو.

ابن مسڪويه تاريخ تي هڪ شاندار ڪتاب "تجارب الامم" لکيو، جنهن کي طوفانِ نوح کان شروع ڪري 931ع تي ختم ڪيائين. سندس هڪ ٻيو ڪتاب "آداب العَرَبِ وَالفُرُس" نالي بہ آهي، جنهن ۾ هن ايراني، عربي، هندي، رومي ۽ مسلمان مصنفن جي ڪتابن مان چونڊ اقوال جمع ڪيا آهن. پاڻ فلسفي، شاعري، تاريخ نگاري، علم ڪيميا ۽ علم نباتات سميت ڪيترن ئي علمن تي مهارت رکندو هو. هن مختلف موضوعن تي لڳ ڀڳ ويهہ ڪتاب لکيا آهن.

ابن مسڪويه جي زندگيءَ جو گهڻو حصو ڪتابن ۽ ڪتب خانن سان گهاريندي گذريو. جوانيءَ جي زماني ۾ پاڻ بني بويہ جي حڪومت ۾ هڪ وزير جي ڪتب خاني جو انچارج بڻيو ۽ مسلسل ست سال انهيءَ منصب تي قائم رهيو. رومين جي حملي دوران هن

”ري“ شهر ۾ موجود علمي ڪتب خانو برباد ٿيڻ کان بچائي ورتو. ابن مسڪويہ جي وفات 1030ع ڌاري اصفهان ۾ ٿي.

## ڪتاب تهذيب الاخلاق:

ابن مسڪويہ جا لکيل ڪيترائي ڪتاب آهن، پر سندس مشهور ڪتاب ”تهذيب الاخلاق“ آهي، جنهن جو پورو نالو ”تهذيب الاخلاق و تطهير الاعراق“ آهي. هيءُ ڪتاب اخلاقيات بابت آهي، جنهن ۾ ست باب آهن.

ڪتاب جي پهرئين باب ۾ روح ۽ حڪمت تي بحث ڪيو ويو آهي، باقي بابن ۾ خُلق ۽ ان جي ٻن قسمن خير ۽ سعادت ۽ انهن جي فضيلتن تي بحث ٿيل آهي. هي ڪتاب ايترو مشهور ٿيو، جو هندوستان، استنبول، قاهره ۽ بيروت مان ڪيترا دفعا ڇپيو آهي.”تهذيب الاخلاق“ کان سواءِ سندس اخلاقيات تي ”الفوز الاڪبر“ ۽ ”ڪتاب السّير“ نالي ڪتاب بہ لکيل آهن.

اخلاقيات ۾ ابن مسڪويہ جي تصنيفن کي ڏسي مجٽو پوندو تہ ان موضوع ۾ سندس مرتبو ابن سينا کان بہ مٿانهون آهي، ان لاءِ اهوئي دليل ڪافي آهي تہ نصيرالدين طوسي جهڙي عالم ”اخلاق ناصري“ ۾ ”تهذيب الاخلاق“ کي مقدم رکيو آهي.

فلسفي ۾ ابن مسڪويہ جيتوڻيڪ ارسطوءَ کان متاثر ۽ الڪندي جو حامي رهيو آهي، ان جي باوجود سندس حيثيت اهڙي مُفڪّر جي ناهي، جو فن جي ماهرن جي راءِ کي بہ جيئن جو تيئن بيان ڪري. پاڻ تاريخ جو مطالعو هڪ فلسفي ۽ سائنسدان جي نظر سان ڪري ٿو، تنهن ڪري واقعن ۾ دلچسپي وٺڻ بدران انهن جي اسباب ۾ ڌيان ڏئي ٿو. مثال طور: ڪو واقعو ڇو ٿو پيش اچي؟ ڇا ان جهڙو وري پيش اچي سگهي ٿو؟ ان مان اسان کي ڪهڙو سبق سکڻ گهرجي؟

اخلاقيات ۾ ابن مسڪويہ جي نظريہ سعادت کي بہ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. سندس مڃڻ آهي تہ انسانيت جو معراج اهو آهي تہ ماڻهو پاڻ جهڙن انسانن ۾ رهندي انسانيت جو مڪمل نمونو بڻجي وڃي. انسان پنهنجي مدد پاڻ تحت اهڙو سماج جوڙين جتي هو خوش گذاري سگهن.

نثر توڙي نظم اندر ابن مسڪويہ پنهنجي فن جي ماهرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس شگفتہ تحرير سان فلسفي جي زبان کي وسعت ۽ رونق ملي. نثر ۽ نظم ۾ سندس تحريرون جيتوڻيڪ گهٽي تعداد ۾ دستياب ناهن، پر بنا ڪنهن هٻڪ جي چئي سگهجي ٿو تہ سندس بيان جو انداز فارابي ۽ ابن سينا کان گهٽو واضح، سهنجو ۽ وڌيڪ منو آهي.

### هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

ابن مسڪويہ 932ع تي ايران جي شهر "ري" ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور اديب، مؤرخ ۽ فلسفي هو. تاريخ بابت سندس ڪتاب "تجارب الامم" ۽ اقوال ۾ "آداب العرب والفُرس" مشهور آهن. انهن کان سواءِ پاڻ ويهہ کن ڪتابن جو مصنف هو. سندس سڀ کان وڌيڪ مشهور ڪتاب "تهذيب الاخلاق" آهي،جيڪو استنبول، قاهره ۽ بيروت مان ڪيترائي ڀيرا ڇپيو. اخلاقيات بابت سندس ٻيا بہ ڪتاب "الفوز الاڪبر" ۽ "ڪتاب السّير" بہ آهن. فلسفي ۾ پاڻ ارسطو ۽ الڪندي کان متاثر هو ۽ تاريخ جو مطالعو پڻ هڪ فلسفي ۽ سائنسدان وانگر ڪندو هو. نظم توڙي نثر ۾ بہ گهڻي مهارت هئس. سندس سٺي لکت ذريعي فلسفي جي ٻوليءَ کي وسعت ۽ رونق ملي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. ابن مسڪويہ جي زندگي بابت پنج جملا لکو.
2. ابن مسڪويہ جي ڪجهہ ڪتابن جا نالا ٻڌايو .
3. ابن مسڪويہ کي ڪهڙن ڪهڙن علمن ۾ مهارت حاصل هئي.
4. ڪتاب تهذيب الاخلاق جو تعارف لکو.
5. ابن مسڪويہ جي ڪڏهن ۽ ڪٿي وفات ٿي؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. ابن مسڪويہ مشهور هئا:

(الف) اديب (ب) مورخ
(ج) فلسفي (د) اهي سڀ

2. ابن مسڪويہ فلسفي ۾ متاثر هو:

(الف) ارسطو کان (ب) الڪندي کان
(ج) نصيرالدين کان (د) الف ۽ ب

3. ابن مسڪويہ کي مهارت هئي:

(الف) نثر ۾ (ب) نظم ۾
(ج) اخلاق ۾ (د) الف ۽ ب

4. تهذيب الاخلاق چيو ويو:

(الف) استنبول ڪي (ب) قاهره ڪي

(ج) بيروت ڪي (د) اهي سڀ

5. ابن مسڪويہ هم عصر هو:

(الف) ابن سينا جو (ب) البيروني جو

(ج) الڪندي جو (د) الف ۽ ب

(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:

1. ابن مسڪويہ مشهور __________ ۽ ______ ابن جرير طبري جو شاگرد هو.
2. ڪتاب ”تجارب الامم“ ۾ ______ کان ______ تائين جي دور جو ذڪر آهي.
3. پاڻ مختلف موضوعن تي اندازاً ________ ڪتاب لکيائين.
4. ڪتاب ”تهذيب الاخلاق“ جو پورو نالو __________ آهي.
5. اخلاقيات ۾ سندس ڪتابن جو جائزو ورتو وڃي تہ سندس مرتبو ______ کان بہ متاثهون محسوس ٿئي ٿو.

(د) هيٺيان جملا پڙهي ان جي اڳيان صحيح ☑ يا غلط ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مسلمان فلسفين ۾ ابن مسڪويہ منطق جو امام شمار ٿئي ٿو. | | |
| 2. ابن مسڪويہ جو ڪتاب ”آداب العرب والفرس“ اخلاقيات بابت آهي. | | |
| 3. نثر توڙي نظم ۾ ابن مسڪويہ جا گهٽائي ڪتاب ملن ٿا. | | |
| 4. ”الفوز الاڪبر“ نصير الدين طوسيءَ جو سڀ کان وڌيڪ مشهور ڪتاب آهي. | | |
| 5. ”ڪتاب السير“ خير سعادت ۽ انهن جي فضائل ۾ آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

ابن مسڪويہ جي شخصيت ۽ ڪتابن تي انٽرنيٽ جي مدد سان معلومات گڏ ڪري نوٽس تيار ڪن ۽ استاد کي ڏيکارين.

## استادن لاءِ هدايتون

انٽرنيٽ جي مدد سان ابن مسڪويہ جي اخلاقي نظريي بابت شاگردن ۾ شاگرديائٽين کي جاڻ ڏني وڃي ۽ انهن کان ابن مسڪويہ جي نظريہ اخلاق جون اهم اخلاقي ڳالهيون نوٽ ڪرايون وڃن.

### نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ |
|---|---|
| همعصر | هڪ زماني جا ماڻهو |
| مفسّر | قرآني آيتن جي تشريح ڪندڙ |
| امام | ڪنهن علم ۾ سڀ کان وڌيڪ مهارت رکندڙ |
| خُلق (ج) اخلاق | عادت، خوبي |
| خير | نيڪي، ڀلائي |
| سعادت | خوش قسمتي، |
| فضيلت (ج) فضائل | نيڪ ۽ وڻندڙ عادتون/ ڳالهيون |
| خاطر خواه استفادو | دل گهريو فائدو وٺڻ |
| شگفتہ | خوش، فرحت ڏيندڙ |
| ڳچ | جهجهو، گهڻو |

# ابراهام لنڪن

(زندگي ۽ خدمتون)

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون ان قابل ٿيندا تہ اهي:

- ابراهام لنڪن جي ابتدائي زندگيءَ بابت ٻڌائي سگهندا.
- ڏنڌي، مقصد ۽ عوامي زندگي جي هر موڙ تي ايمانداري سان هلڻ واري سندس صفت جو جائزو وٺي سگهندا.
- سندس شادي واري زندگي بابت ٻڌائي سگهندا.
- صدارتي منصب تائين افسانوي طريقي سان پهچڻ کي بيان ڪري سگهندا.
- جمهوريت، قانون جي حڪمراني، عوام ۽ غلامن جي حقن لاءِ سندس ڪيل خدمتن کي واضح ڪري سگهندا ۽ ان نظام جي ساراهہ ڪري سگهندا.
- ان عظيم مقصد کي ساراهي سگهندا جنهن کاڻ ابراهام لنڪن پنهنجي جان قربان ڪئي.

## ابتدائي زندگي:



پيارا ٻارؤ! آمريڪا جي تاريخ ۾ اهڙو دور بہ گذريو آهي، جڏهن اتان جا رهاڪو ٻين ملڪن خاص ڪري آفريقا جي ماڻهن کي زبردستي کڻي ڪٽي ايندا هئا پوءِ انهن ماڻهن کي پنهنجو غلام ٻڻائي رکندا هئا. کين مارڪُٽ ڪندا هئا ۽ انهن کان سخت مشڪل ڪم مفت ۾ ڪرائيندا هئا. ان اونداهي ۽ جهالت واري زماني ۾ آمريڪا جي ڪينٽڪي رياست ۾ هڪ نهايت غريب شخص ٿامس لنڪن ۽ سندس زال نينسي لنڪن رهندا هئا. 12 فيبروري 1809ع تي کين هڪ پٽ ڄائو، جنهن نہ رڳو ان غلامي جو خاتمو ڪيو، پر هو اڳتي هلي آمريڪا جو سورهون صدر بہ چونڊيو ويو. ان ٻار جو نالو ابراهام هو. سندس والدين غريب هاري هئا. ابراهام اڃان ننڍو ئي هو تہ سندس پيءُ کي ڪاروبار ۾ وڏو نقصان پهتو ۽ هو ڏيوالجي ويو، هن ٻار ٻچا ساڻ ڪري ڪينٽڪي رياست ڇڏي، انڊيانا رياست وڃي وسائي. اتي پهچي هن پنهنجي وجايل مرتبي ماڻڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا.

ابراهام جڏهن نَون وَرهين جو ٿيو تہ ماءُ جي ڇانو کان محروم ٿي ويو، ان وقت سندس وڏي ڀيڻ ساره ان جي ماءُ وانگر پرورش ڪئي. هو ننڍپڻ کان ئي سلڇڻو ۽ صاف سٿرو رهڻ پسند ڪندو هو ۽ پنهنجي ڏنڌي، مقصد توڙي عوامي زندگي جي سڀني معاملن ۾ ايمانداري جو عملي مظاهرو ڪرڻ سندس سڃاڻپ هئي تنهنڪري پاڻ عرفيت ۾ ”ديانتدار“ مشهور ٿي ويو.

ابراهام رسمي تعليم تمام ٿوري حاصل ڪئي، پر ڪيس ڪتابن سان عشق هو ۽ هو سکڻ جو شوقين هو. هن جيڪي ڪجھ پرايو، سو پنهنجي مدد پاڻ تحت ۽ انهن ڪتابن مان پرايو، جيڪي هو مختلف لائبريرين مان آڻيندو هو.

ڪجھ وقت کان پوءِ ابراهام جو خاندان انڊيانا ڇڏي ”الي نوائس“ منتقل ٿي ويو. اهو سندس ٻاراڻو دور هو پر ان دور ۾ بہ ننڍيون ننڍيون ملازمتون ڪيائين، ڪجھ وقت لاءِ تہ ڪھاڙي سان ڪاٺيون وڍي گذر سفر ڪندو هو. جلد ئي هن سياست ۾ حصو ورتو ۽ ريپبلڪ پارٽي جي ٽڪيٽ تي الي نوائس رياست جي قانون ساز اسيمبلي ۾ چونڊ جي آيو. ان وقت سندس عمر 25 سال هئي.

## شادي ۽ اولاد:

ابراهام لنڪن 33 سالن جي عمر ۾ ميري ٽوڊ نالي عورت سان شادي ڪئي جيڪا هڪ باهمت، نهايت عقلمند ۽ تعليم يافتہ عورت هئي. جنهن جو تعلق مشهور ڪينٽڪي خاندان سان هو. ابراهام لنڪن ۽ ميري ٽوڊ جي شادي 4 اپريل 1842ع تي ٿي. ميري ٽوڊ کي ابراهام لنڪن مان چار پٽ ٿيا. هوءَ 1861 کان 1865ع تائين آمريڪا جي خاتون اول پڻ رهي. سندس وفات 1882ع تي اسپرنگ فيلڊ ۾ ٿي.

ابراهام لنڪن جي ڪاميابي جو اهو سلسلو جاري رهيو ۽ ساڳي ٽڪيٽ تان هو ڪيترائي دفعا ڪامياب ٿيو. ان دوران هن قانون جو امتحان پاس ڪري ورتو. 1845ع ۾ هن قومي قانون ساز اسيمبلي جي چونڊ وڙهي، جنهن کي آمريڪا ۾ ڪانگريس چيو وڃي ٿو. ان ۾ ڪاميابيءَ کان پوءِ ڪجھ عرصو اتي خدمتون سرانجام ڏنائين ۽ وري ٻيهر وڪالت جو پيشو پڻ اختيار ڪيائين. تنهن کان پوءِ هو آمريڪي سينيٽ جي چونڊ وڙهيو، جنهن ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو، پر چونڊ مهم دوران غلاميءَ جي مخالفت ۾ ڀرپور تقريرون ڪيائين.

غلاميءَ بابت جڏهن هن جو دليراڻو ۽ جارحاڻو مؤقف ماڻهن تائين پهتو تہ سندس شهرت ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي وئي. ابراهام لنڪن 1860ع ۾ ريپبلڪن

پارٽيءَ طرفان صدارتي چونڊ ۾ ڪاميابي ماڻي ۽ مارچ 1861ء ۾ هي هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکندڙ ٻار پنهنجي محنت ۽ ڪوشش سان آمريڪا جو صدر بڻجي ويو.

## سندس قابل قدر خدمتون:

ڪيس صدارتي عهدو سنڀاليندي مهينو ئي مس گذريو هو ته 12 اپريل 1861ع تي ڏکڻ ڪيرولينا جي هڪ جڳهه فورٽ سمٽر ۾ خانه جنگي شروع ٿي وئي. اها خانه جنگي چار سال مسلسل جاري رهي. جنهن جو نقصان آمريڪي قوم کي ڇهه لک ماڻهن جي جاني نقصان سان ٿيو، ان وقت ابراهام لنڪن کي سخت مخالفت سان منهن ڏيڻو پيو. پر هن پنهنجي حڪمت عملي ۽ دور انديشيءَ سان جمهوري روايتن جو ڀرپور تحفظ ڪيو، وفاق کي متحد رکيو ۽ ان کي ٽٽڻ ڪين ڏنائين. پهرئين جنوري 1863ع واري ڏينهن پاڻ هڪ آزاديءَ جو پروانو جاري ڪيائين. ان فرمان جي ڪري وفاق سان سلهاڙيل سمورين رياستن جي غلامن کي آزادي ملي، جيتوڻيڪ ان وقت سڀئي غلام آزاد ڪين ٿيا، پر ان سان آئين جي تيرهين ترميم لاءِ راهه هموار ٿي پئي، جنهن سان پوري آمريڪا ۾ غلاميءَ تي پابندي لڳي وئي. ابراهام لنڪن کي بلاشڪ جديد آمريڪا جو هڪ وڏو مُصلح قرار ڏئي سگهجي ٿو. 15 اپريل 1865ء تي واشنگٽن ڊي.سي ۾ هڪ شخص ڪيس قاتلاڻي حملي ۾ ابدي ننڊ سمهاري ڇڏيو.

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

آمريڪا جي ڪينٽڪي رياست ۾ هڪ نهايت غريب شخص ٿامس لنڪن ۽ سندس زال نينسي لنڪن رهندا هئا. 12 فيبروري 1809ع تي ڪين هڪ پٽ ڄائو، جنهن نه رڳو ان غلامي جو خاتمو ڪيو، پر هو اڳتي هلي آمريڪا جو سورهون صدر به چونڊيو ويو. ان ٻار جو نالو ابراهام هو. ابراهام رسمي تعليم تمام ٿوري حاصل ڪئي، پر ڪيس ڪتابن سان عشق هو ۽ هو سکڻ جو شوقين هو. ابراهام لنڪن 33 سالن جي عمر ۾ ميري ٽوڊ نالي عورت سان شادي ڪئي جيڪا هڪ باهمت، نهايت عقلمند ۽ تعليم يافته عورت هئي. ميري ٽوڊ کي ابراهام لنڪن مان چار پٽ ٿيا. ابراهام لنڪن 1860ع ۾ ريپبلڪن پارٽيءَ طرفان صدارتي چونڊ ۾ ڪاميابي ماڻي ۽ مارچ 1861ء ۾ آمريڪا جو صدر بڻجي ويو. پهرئين جنوري 1863ع واري ڏينهن پاڻ هڪ آزاديءَ جو پروانو جاري ڪيائين. ان فرمان جي ڪري غلامن کي آزادي ملي. 15 اپريل 1865ع تي واشنگٽن ڊي.سي ۾ هڪ شخص ڪيس قاتلاڻي حملي ۾ ابدي ننڊ سمهاري ڇڏيو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. ابراهام لنڪن جو ننڍپڻ ڪيئن گذريو؟
2. ابراهام لنڪن پاڻ ڪي سياست ۾ ڪيئن مشهور ڪيو؟
3. اوهان جي خيال ۾ ابراهام لنڪن جي مقبوليت جو بنيادي سبب ڪهڙو هو؟
4. صدر بڻجڻ کانپوءِ ابراهام لنڪن غلاميءَ جو خاتمو ڪيئن آندو؟
5. ابراهام لنڪن جي گهر واري جو مختصر تعارف بيان ڪريو.

**(ب) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:**

1. ابراهام لنڪن پيدا ٿيو:

(الف) 1909ع ۾ (ب) 1880ع ۾
(ج) 1809ع ۾ (د) 1808ع ۾

2. سياست ۾ اچڻ وقت ابراهام لنڪن جي عمر هئي:

(الف) 30 سال (ب) 25 سال
(ج) 29 سال (د) 28 سال

3. سياست کان علاوه ابراهام لنڪن:

(الف) ڊاڪٽر هو (ب) انجينئر هو
(ج) وڪيل هو (د) استاد هو

4. ابراهام لنڪن جي زال جو نالو هو:

(الف) ليڊي ڊايانا (ب) ليڊي گاگا
(ج) ماريا (د) ميري ٽوڊ

5. ابراهام لنڪن آمريڪا جو صدر ٿيو:

(الف) 1865ع ۾ (ب) 1842ع ۾
(ج) 1861ع ۾ (د) 1860ع ۾

**(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال پريو:**

1. ابراهام جي والده جي وفات کان پوءِ ان جي پالنا سندس ____________ ڪئي.
2. ابراهام لنڪن پنهنجي عرفيت ______ جي ڪري مشهور ٿي ويو.

3. ابراهام لنڪن جو ڪٽنب انڊيانا مان ______ رياست منتقل ٿي ويو.
4. سال ______ واري صدارتي چونڊ ۾ ابراهام لنڪن کي ڪاميابي ملي.
5. سندس صدارت دوران ______ ۾ خانہ جنگي شروع ٿي.

(د) هيٺيان جملا پڙهي ان جي اڳيان صحيح ☑ يا غلط ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ابراهام لنڪن هڪ واپاريءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. | | |
| 2. ابراهام لنڪن قومي قانون ساز اسيمبلي ۾ ڪامياب ٿيو. | | |
| 3. ابراهام لنڪن هميشہ آزاديءَ خلاف تقريرون ڪندو هو. | | |
| 4. صدارت دوران ابراهام لنڪن ”آزاديءَ جو پروانو“ جاري ڪيو. | | |
| 5. ابراهام لنڪن جي صدر بڻجڻ کان هڪ مهينو بعد خانہ جنگي شروع ٿي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

- ابراهام لنڪن جون ڪجھ تصويرون گڏ ڪري ڪاپي ۾ لڳائين.
- ابراهام لنڪن جي زندگي تي هڪ مختصر ڪتاب جي لنڪ ڏجي ٿي، اهو ڪتاب ڪو هڪ شاگرد ڊاؤن لوڊ ڪري اچي ۽ سڀ گڏجي ان کي پڙهن.

http://www.libgen.io/ads.php?mcl5=7BA583DECFECBA54694CS28FA152AVE32

**استادن لاءِ هدايتون**

اڳئي صفحي تي هڪ خط ڏجي ٿو، جيڪو ابراهام لنڪن پنهنجي پٽ جي استاد ڏانهن لکيو هو. اهو خط پڙهي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سندن تربيت جون ڳالهيون سمجهايون وڃن:

”قابلِ احترام استاد صاحب! مون کي پڪ آهي ته منهنجو پٽ اهو سکي وٺندو ته سڀئي انسان انصاف پرست ناهن هوندا ۽ سڀئي انسان سچار به ڪين هوندا آهن، پر توهان ان کي سيکاريو ته هر بد معاش جي مقابلي لاءِ هڪ شريف ۽ بهادر شخص به ضرور پيدا ٿيندو آهي. ساڳئي نموني هر لالچي سياستدان جي مقابلي ۾ ڪو هڏڏوکي ۽ بي غرض رهنما به ضرور پيدا ٿيندو آهي. توهان ان کي سيکاريو ته هر دشمن جي مقابلي ۾ هڪ دوست به هوندو آهي. جيتوڻيڪ اهو سمجهڻ ۾ ڪيس وقت لڳندو. ان کي اهو به ضرور ٻڌايو ته پنهنجي محنت سان ڪمايل هڪ ڏالر انهن پنجن ڏالرن کان وڌيڪ قيمتي آهي جيڪي مفت ۾ ملن. ان کي شڪست برداشت ڪرڻ ۽ ڪاميابي ملهائڻ به سيکاريو. ان کي حسد کان بچڻ ۽ خاموش مُرڪ جو راز به ٻڌائجو. ان کي سيکارجو ته ظالمن کي هارائڻ تمام آسان آهي. ان کي ڪتابن جي قدر و قيمت کان آگاهه ڪجو. ان کي سمجهايو ته خاموشيءَ سان آسمان ڏانهن اڏرندڙ پکين، سج مان لطف اندوز ٿيندڙ مکين ۽ ساون جبلن مٿان ٽڙيل گلن جي رازن تي غور ڪري. اسڪول ۾ ڪيس سمجهايو ته نقل ڪري پاس ٿيڻ کان، ناپاس ٿيڻ عزت وارو ڪم آهي. ان کي اهو ياد ڪرايو ته انسان کي پنهنجن خيالن تي ڀروسو هجڻ گهرجي، سواءِ ان ڳالهه جي ته ٻيو ڪو ڪيس چوي ته اهو غلط آهي. ان کي ٻڌائي ڇڏيو ته نرم مزاج ۽ سنجيده ماڻهن سان نرمي ۽ سنجيدگي سان هلي ۽ سخت ماڻهن سان سختي سان پيش اچي. منهنجي پٽ کي اها قوت ڏيو ته هو هجوم پٺيان نه هلي. ان کي اهو چئو ته هو هر ڪنهن جي ٻُڌي، پر ان کي آزمائڻ کان بعد عمل ان ڳالهه تي ڪري، جيڪا سچائي تي پوري لهي. ان کي سيکاريو ته ڏک جي وقت ڪيئن کلبو آهي ۽ ڪيس ٻڌايو ته ڳوڙها وهائڻ ۾ ڪو شرم ناهي. ان کي اعتراض ڪندڙ کي ڌڪارڻ ۽ خوشامدين کان خبردار ڪريو. ان کي چئي ڇڏيو ته پنهنجي سگهه ۽ دماغ ڪنهن وڏي بولي لڳائيندڙ کي وڪرو ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي پر پنهنجي دل ۽ روح جي بولي لڳائڻ ڪنهن کي نه ڏئي. ان کي سيکاريو ته شور مچائيندڙ هجوم ڏانهن ڪَن ضرور ڏئي پر جيڪڏهن اهو سمجهي ٿو ته هو حق تي آهي ته سندس مقابلو ڪري. استاد محترم! ان سان نرميءَ سان ضرور پيش اچجو، پر ان جا نخرا نه ڪڄجو، ڇو ته لوهه ٻَنيءَ مان نڪرڻ کان پوءِ ئي فولاد بڻجندو آهي.“

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڪَن ڏئي ٻڌڻ | غور ۽ ڌيان سان ٻڌڻ |
| ڏيوالجڻ | ڪاروبار ۾ ايترو نقصان ٿيڻ جو ڪجهه باقي نه بچي |
| جارحانه | تيز ۽ اڳرائي ڪندڙ |
| مصلح | سڌارو آڻيندڙ |
| ترميم | ردوبدل، مٽا سٽا |
| متحد | گڏيل |
| موقف | فڪر، راءِ، نظريو |
| سلهاڙڻ | گڏائڻ، ملائڻ |

باب پنجون

# مذهبي ڏڻ

## تدريسي معيار

شاگردن ۽ شاگرديائڻين مان اميد ڪجي ٿي تہ اهي:

- ڄاڻي سگهندا تہ مکيہ مذهبن جا مذهبي ڏڻ سال جي ڪهڙين تاريخن تي ملهايا وڃن ٿا.
- انهن ڏهاڙن ملهائڻ پٺيان سماجي ۽ مذهبي پس منظر بيان ڪري سگهندا.
- انهن ڏهاڙن ملهائڻ جي مختلف طريقن ذريعي پيدا ٿيندڙ اتحاد ۽ احترام جو احساس ڪري سگهندا.
- انهن ڏهاڙن ذريعي باهمي نيڪ نيتي، مذهبي هم آهنگي ۽ قومي ايڪي جي صورت ۾ جيڪا سوچ پيدا ٿئي ٿي تنهن کي ساراهيندا.

اسان جو پيارو وطن مختلف مذهبن جي آماجگاهہ آهي، جتي مختلف مذهبن وارا ماڻهو صدين کان گڏجي رهن ٿا. هر مذهب جا پنهنجا خوشيءَ جا ڏڻ ٿيندا آهن. جن مان ڪي مذهبي ۽ ڪي ثقافتي نوعيت جا ٿين ٿا. تنهن هوندي بہ عوام انهن کي مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهائي ٿي. هر هڪ مذهبي ڏڻ سال جي مقرر تاريخن ۽ ڏهاڙن تي منعقد ڪيو ويندو آهي. اهو ڏهاڙو پنهنجي توڙي پرائي، شهري توڙي ٻهراڙي واري ۽ امير توڙي غريب لاءِ هڪ جهڙي ڪشش رکندو آهي. سيئي ان مان سماجي، معاشي، مذهبي ۽ ميل جول جو خوب فائدو حاصل ڪندا آهن. حقيقت ۾ اهي ڏهاڙا عوام ۾ خوشين ڦهلائڻ، انهن ۾ اتحاد ۽ اتفاق واري جذبي پيدا ڪرڻ ۽ باهمي نيڪ نيتي توڙي مذهبي هم آهنگي پيدا ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن ٿا. اوهين پُنين ڪلاسن ۾ هولي، ايسٽر ۽ نو روز بابت پڙهي چڪا آهيو. هن باب ۾ اوهين وڌيڪ ٽن ڏڻن متعلق پڙهندا جيڪي هي آهن:

1. ڏياري 2. جنم اشٽمي 3. ويساکي

# ڏياري

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان قابل ٿيندا تہ اهي:

- ڏياريءَ جي وضاحت ڪري سگهندا.
- ڄاڻي سگهندا تہ سال جي ڪهڙي تاريخ تي ڏياري ملهائي ويندي آهي.
- ان ڳالهہ جي ساراهہ ڪندا تہ "سچي لڪشمي" اخلاقي قدرن تي عمل ڪرڻ ۾ لڪيل آهي.
- "روشنين جو ڏڻ" طور ڏياري جي اهميت بيان ڪري سگهندا.
- ڦٽاڪا ڇوڙڻ، آتش بازي ۽ ڦلجڙي ٻارڻ وقت حفاظتي اپائن جو عملي مظاهرو ڪري سگهندا.



ڏياري سناتن ڌرم جو هڪ مقدس ڌرمي ڏڻ آهي. ڏياريءَ کي اردوءَ ۾ "ديوالي" چون. اهو لفظ اصل ۾ سنسڪرت جي لفظ "ديپ والي" مان نڪتو آهي. "ديپ" معنيٰ "روشني" يا "ڏيئو" ۽ "والي" معنيٰ "قطار" آهي. ديواليءَ جي لفظي معنيٰ ٿي "روشنين جي قطار" اهو ڏهاڙو هندي ڪئلينڊر جي انين "ڪاتڪ" مهيني جي پهرئين "پندرواڙي" جي آخري ٻن ڏينهن ۾ ملهائبو آهي. ڪي ماڻهو ٽن ڏينهن تائين ڏياري ملهائيندا آهن. جيڪي "ڪاتڪ" جي تيرهين تاريخ "ڌن تيرس" کان ان ڏهاڙي جي شروعات ڪندا آهن، ان کان پوءِ چوڏهين تاريخ "نرڪ چؤڏس" ملهائبو آهي ۽ پندرهين تاريخ ڏياري جي تقريب پڄاڻيءَ تي پهچندي آهي.

ڏياري جي تاريخي پس منظر جي حوالي سان پُراڻن ۾ بيان ٿيل آهي تہ:

پرماتما وشنو جي ستين اوتار شري رامچندرجي جڏهن پنهنجي زال سيتاجي ۽ ننڍي ڀاءُ لڪشمڻ جِي سان گڏ 14 سال بنواس جلاوطني ڪاٽي، ديوتائن کي تڪليف ڏيندڙ ۽ سيتاجي کي دوکي سان اغوا ڪندڙ راڻوڻ کي ماري، پنهنجي سلطنت جي صدر مقام ايوڌيا واپس آيو، تڏهن ايوڌيا جي عوام پنهنجي راجا جي واپسي ۽ راڻوڻ کان ڇوٽڪارو ملڻ جي خوشيءَ ۾ پوري راڄ کي ڏيئن سان روشن ڪري ڇڏيو. زمين تي چوڏس ڏيئا ئي

ڏيئا پئي نظر آيا. جڏهن ته آسمان ٽٽاڪن ۽ آتش بازي سان روشن ٿي ويو.

## روشنين جو ڏڻ:

ڏياريءَ واري ڏينهن متيءَ جا نهيل ڏيئا ٻاريا ويندا آهن، جن کي سنسڪرت ۾ ”ديپ“ چوندا آهن. ڏيئن ۾ تيل ٻرندو آهي. ڪي ماڻهو تيل بدران ديسي گِيهه ٻه ٻارين، جن وٽ ديسي گِيهه جي سگهه ناهي هوندي، اهي سرنهن جو تيل وجهندا آهن. اهي ڏيئا سڄي رات ٻاريل هوندا آهن. اصل ۾ اهي اونداهي مٿان روشني جي فتح جي نشاني آهن. ڏياريءَ جي موقعي تي گهرن کي صاف سٿرو رکبو آهي، جيئن لڪشمي ديويءَ کي ڀليڪار ڪئي وڃي. جڏهن ته ان موقعي تي بد روحن کي پري ڀڄائڻ جي مقصد سان ٽٽاڪا ڇوڙيا ويندا آهن. ڏياريءَ تي هرڪو صاف سٿرا ڪپڙا پائيندو آهي ۽ ان موقعي تي دوستن ۽ مٽن مائٽن ۾ مٺائين ۽ حلون جي ڏي وٺ به ٿيندي آهي.

ان ڏينهن ماڻهو وهنجي سهنجي، نوان ڪپڙا پهريندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي ڏياريءَ جون واڌايون ڏيندا آهن. هندو ڌرم ۾ برهم مهورت جي وقت بيدار ٿيڻ کي تمام سٺو سمجهيو ويندو آهي. اهو نه صرف صحت لاءِ فائديمند آهي، پر ان سان اخلاقي برتري، ڪم ۾ چستي ۽ ٻيا ڪيترائي روحاني فائدا حاصل ٿيندا آهن. ڏياريءَ واري ڏينهن به صبح سوير اٿڻ کي بي حد شُڀ سمجهيو ويندو آهي.

## لڪشمي ديويءَ جي پوڄا:

ننڍي کنڊ پاڪ ۽ هند جي اڪثر علائقن ۾ ڏياري فصل لهڻ واري موسم جي ختم ٿيڻ جو اعلان ڪندي آهي. هاري سڄي سال ۾ ملندڙ اپت جو شڪرانو ۽ ايندڙ سال سٺي فصل لهڻ جون دعائون گهرندا آهن. ائين چئي سگهجي ٿو ته اهو مالي سال جو انت هوندو آهي. لڪشمي ديوي کي ڌن دولت ۽ خوشحالي جي ديوي مڃيو ويندو آهي. ان ڪري ان موقعي تي سندس پوڄا ڪئي ويندي آهي جيئن ايندڙ سال به ان جو آشيرواد حاصل رهي ۽ سيني سٺن ويچارن ۽ اخلاقي قدرن سان سينگاريل رهن چاڪاڻ ته اها ئي سچي ۽ سدا رهندڙ لڪشمي آهي. پُراڻن ۾ ان ڳالهه جو ذڪر ملي ٿو ته ان ڏينهن ”لڪشمي پنج مکي“ آسمانن مان لهي اسان جي دنيا ۾ داخل ٿيندي آهي. وشنو، اِندر، ڪُبير، گجندر ۽ لڪشمي ان پنج مک جا پنج عنصر آهن.

ڪن هندو واپارين جو اهو دستور آهي ته اهي نون کاتن کولڻ جي شروعات ڏياري واري ڏينهن کان ڪندا آهن ۽ ساڳئي ڏينهن گئوورڌن جي پوڄا به ڪئي ويندي آهي ۽ وڏي پيماني تي غريبن ۾ لنگر ورهايو ويندو آهي.

ان ڏينهن اوسي پاسي جا سيئي ماڻهو اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيندا آهن. ڪير ڪنهن لاءِ اوپرو ناهي هوندو. ماڻهو پنهنجيون دشمنيون وساري، هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي ملندا آهن. خوشيءَ جو هيءُ موقعو ماڻهن کي پاڻ ۾ جوڙڻ جو وڏو ذريعو آهي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

ڏياريءَ جو ڏڻ هندي ڪيلينڊر مطابق ڪاتڪ مهيني ۾ ملهايو ويندو آهي. روايت مطابق شري رام جي راوڻ کي ختم ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ هر طرف ڦٽاڪا ڇوڙيا ويندا آهن، آتش بازي ڪئي ويندي آهي ۽ ڏيئا ٻاريا ويندا آهن. لڪشمي جي ڌن دولت ۽ خوشحاليءَ جي ديوي آهي، تنهنڪري ماڻهو ان ڏينهن متيءَ جا ڏيئا ٻاريندا آهن ۽ بد روحن کي ڀڄائڻ لاءِ ڦٽاڪا ڇوڙيندا آهن. ٻئي ڏينهن صبح سوير وهنجي سهنجي، نوان ڪپڙا پهريندا آهن. هاري فصل لهڻ ۽ ايندڙ سال سٺي فصل ٿيڻ جون دعائون گهرندا آهن. سيئي ماڻهو پنهنجا پنهنجا اختلاف وساري، هڪ ٿي ويندا آهن. گئووردن جي پوڄا ڪان پوءِ غريبن ۾ لنگر ورهايو ويندو آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. ڏياري ڪڏهن ۽ ڇو ملهائي ويندي آهي؟
2. ڏياريءَ جو رسمون مختصر طور بيان ڪريو.
3. ڏياريءَ ۾ لڪشمي ديوي جي پوڄا ڪهڙي مقصد سان ڪئي ويندي آهي؟
4. شري رام جي، راوڻ کي ڪيئن مات ڏني؟
5. ڏياريءَ ۾ ڪهڙا تيل ٻاريا ويندا آهن؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. ڏياريءَ جي موقعي تي گهر کي صاف سترو رکي ڀليڪار ڪبي آهي:

(الف) شري رامچندر کي (ب) سيتا جي کي
(ج) لڪشمڻ جي کي (د) لڪشمي جي کي

2. شري رامچندر جي، سيتا جي ۽ لڪشمڻ جي بنواس ڪاٽيو:

(الف) 10 سال (ب) 12 سال
(ج) 13 سال (د) 14 سال

3. شري رامچندر وشنو جو اوتار آهي:

(الف) پنجون (ب) ڇهون

(ج) ستون (د) اٺون

4. سيتا جي کي دوکي سان اغوا ڪندڙ هو:

(الف) راوڻ (ب) هرڻا ڪشپ

(ج) دريوڌن (د) بالي

5. ڏياريءَ جي ڏيئن جي روشني نشاني آهي:

(الف) برائي جي (ب) نيڪي جي

(ج) هار جي (د) فتح جي

(ج) هيٺيان خال مناسب لفظن سان ڀريو:

1. ڏياريءَ جو ڏڻ ______ مهيني ۾ ملهائبو آهي.
2. ڪن روايتن مطابق ڏياري، ______ ۽ ڀڳوان وشنوءَ جي شاديءَ جو ڏينهن آهي.
3. لڪشمي جي ______ جي ديوي آهي.
4. ”لڪشمي پنج مک“ ۾ وشنو، اِندر، ______ گجندر ۽ ______ شامل آهن.
5. ڏياري جي ڏينهن هندو واپاري نوان ______ کوليندا آهن.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ”ديوالي“ نيپالي زبان جو لفظ آهي. | | |
| 2. ڏياريءَ ۾ سڄي رات ڏيئا ٻاربا آهن. | | |
| 3. ڏياري فصل لڻڻ واري موسم جي شروعات جو اعلان آهي. | | |
| 4. ڏياري تي گئووردن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. | | |
| 5. لڪشمي سِڄَ جي ديوي آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

ڏياري جي ڏينهن هڪ گهر ۾ جيڪي ريتون رسمون ڪيون وينديون آهن انهن کي باترتيب لکي استاد کي ڏيکارين.

## استادن لاءِ هدايتون

ڏياري ملهائڻ ذريعي ماڻهن کي ملندڙ روحاني، سماجي ۽ معاشي فائدن بابت سمجهاڻي ڏني وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ |
|---|---|
| آماجگاهه | گهر، رهڻ جي جاءِ |
| ڏڻ | خوشيءَ جو موقعو، خاص ڏهاڙو |
| پندرواڙو | مهيني کي ٻن حصن ۾ ورهائي هر حصي کي پندر واڙ چوندا آهن، جو ته اهو پندرهن ڏينهن تي مشتمل هوندو آهي. |
| ڌن تيرس | چنڊ جي تيرهين تاريخ |
| نرڪ چودس | چنڊ جي چوڏهين تاريخ |
| پُراڻ | هندومت جا قديم ڪتاب جن ۾ اڳئين زماني جون ڳالهيون لکيل آهن. |
| راڄ | بادشاهي |
| واڌائي | مبارڪباد ڏيڻ |
| برهما مهورت | صبح چار وڳي جو وقت |
| شڀ | برڪت وارو، سعادت وارو |
| ڪاتا | بياض يا ڊائري، جنهن ۾ مهاجن پنهنجو حساب ڪتاب لکندا آهن. |

# جنم اشٽمي

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- جنم اشٽمي جي وضاحت ڪري سگهندا.
- ڄاڻي سگهندا ته ان ڏينهن شري ڪرشن ڀڳوان جنم ورتو يا سندس ظهور ٿيو.
- شري ڪرشن ڀڳوان جي ماءُ ۽ پيءُ جا نالا ٻڌائي سگهندا.
- شري ڪرشن ڀڳوان جي زندگيءَ بابت ٻڌائي سگهندا.
- ڌرم ڪي نئين سر جيارڻ وارين خدمتن جي ياد ۾ ملهايو ويندڙ هن ڏڻ تي بحث ڪري سگهندا.
- ڄاڻي سگهندا ته ڀڳوان طرفان "شريمد ڀڳوت گيتا" انسان ذات لاءِ هڪ عجيب سوکڙي آهي.



جنم اشٽمي ڀڳوان شري ڪرشن جي جنم ڏينهن هجڻ جي ڪري هندومت جو هڪ مقدس ڏڻ آهي. جنم اشٽمي هندي ڪئلينڊر جي ڇهين مهيني "ڀادون" جي "تاريڪ پاک" واري اٺين ڏينهن ملهايو ويندو آهي. انگريزي ڪيلينڊر جي حساب سان اهو ڏهاڙو آگسٽ يا سيپٽمبر ۾ ايندو آهي، ان ڏهاڙي کي "ست انم"، "شري ڪرشن جي انتي" ۽ "گوڪلا اشٽمي" به سڏين. ڄاڪاڻ ته شري ڪرشن جي جو هڪ لقب "گوپال" يعني ڳئون پاليندڙ به آهي.

شري ڪرشن جي جي پيءُ جو نالو واسديو ۽ ماءُ جو نالو ديوڪي هو. اوهان ڀڳوان جي هڪ تصوير ضرور ڏٺي هوندي، جيڪو ڳئونءَ جي پرسان بيٺل هوندو آهي ۽ سندس هٿ ۾ بانسري هوندي آهي، اهوئي ڀڳوان شري ڪرشن آهي.

هندوعقيدي مطابق مالڪِ حقيقي (پرماتما) ادَويت، نِرگُن ۽ نراڪار آهن. اُهي پنهنجي اِڇا سان يوگ مايا کي وَش ۾ ڪري، برهما، وشنو ۽ شِو جي بڻجندا آهن. برهما پيدا ڪندو آهي. وشنو پاليندو آهي ۽ شِوجي ماريندو آهي. پرماتما وشنوجي جي ڏهن مکيه اوتارن مان ڀڳوان شري ڪرشن جي اٺون ۽ سڀ کان وڌيڪ مشهور اوتار آهي. اهو به مڃيو

وجي ٿو تہ پاڻ وشنوجي جو سڀ کان ڪامل اوتار آهي. ڀڳوان شري ڪرشن جي ”ڀادون“ مهيني جي اٺين تاريخ متھرا مقام تي پيدا ٿيو، تنهن ڪري اهو ڏينهن سندس جنم ڏينهن جي اعتبار سان تمام گھڻو مُقدّس سمجھيو ويندو آهي. پُراڻن ۾ ذڪر ملي ٿو تہ سندس ولادت ٽي هزار سال ق.م ۾ ٿي ۽ پاڻ عربي سمنڊ جي ڪناري آباد ”دوارڪا“ رياست جو راجا هو. شري ڪرشن جي جي شهرت جو سبب اهو آهي تہ جڏهن ڪوروئن ۽ پانڊوئن جي وچ ۾ جنگ ٿي تہ شري ڪرشن ڀڳوان پانڊوئن جي طرفان جنگ وڙهي، انهن کي فتح ڏياري.

جنم اشٽمي جون تياريون ڪيترائي ڏينهن اڳ شروع ٿي وينديون آهن. عورتون پنهنجي گھرن کي صاف سٿرو ڪري سينگاريندون آهن، جيئن ڀڳوان شري ڪرشن کي ڀليڪار چئي سگھجي. اُهي ان موقعي تي طرحين طرحين جون مٺايون تيار ڪري ڀڳوان اڳيان پيش ڪنديون آهن، مکڻ ڀڳوان شري ڪرشن جي پسنديده غذا هئي ان ڪري مکڻ بہ نذر ڪيو ويندو آهي. پاٽيءَ ۾ ٿورو اٽو ملائي گھر جي ٻاهرئين دروازي کان پوڄا واري ڪمري تائين رستي تي ان پاٽيءَ سان ننڍڙي ٻار جي پيرن جا نشان ٺاهيا ويندا آهن، جنهن جو مطلب هوندو آهي تہ ننڍڙو ڀڳوان شري ڪرشن جي گھر آيو آهي. ان موقعي تي شريمد ڀڳوت گيتا پڙهي ويندي آهي، ڪيرتن ڳايا ويندا آهن ۽ هر طرف دعائون ٿينديون رهنديون آهن. ڀڳوان شري ڪرشن جي ننڍپڻ جون مورتيون ٺاهي انهن کي پينگھن ۾ رکيو ويندو آهي. ڪوشش هوندي آهي تہ ان ڏينهن وِرت رکيو وڃي. جيڪڏهن اهو ممڪن ناهي هوندو تہ هلڪي ڦلڪي غذا کائبي آهي.

جنم اشٽمي جون تقريبون پرهہ ڦٽيءَ کان اڳي شروع ٿينديون آهن ۽ پورو ڏينهن بلڪ رات تائين اهو سلسلو جاري رهندو آهي. ان موقعي تي ڪي ماڻهو طرحين طرحين جا کاڌا تيار ڪري لنگر هٽندا آهن. ڪي ڀڳوان شري ڪرشن جي جي مورتي سينگاريندا آهن ۽ ڪجھہ ماڻهو وري مندر کي گُلن جي مالا سان سينگاريندا ۽ خوشبوءِ ٻاريندا آهن. ڀڳوان جي مورتين کي مختلف پاٽياڻ واري شين سان وهنجاريو ويندو آهي. ان تقريب کي ”ابيشڪا“ چئبو آهي. ڪڏهن تہ اها رسم ڪلاڪن تائين هلندي آهي ۽ آخر ۾ پنڊت پردو هٽائي ڀڳوان جي مورتي جو ديدار ڪرائيندو آهي، جنهن کي عمدي پوشاڪ پهرائي، هندوري ۾ سمهاربو آهي. جيئن ئي پردو پري ٿيندو آهي، تہ ماڻهن جو جوش ۽ جذبو وڌي ويندو آهي ۽ اهي مالڪِ حقيقيءَ جي تعريف جا گيت ۽ ڪيرتن ڳائڻ شروع ڪندا آهن ۽ ان کان علاوه جنم اشٽمي جو ڏينهن هيٺين ريت ملهايو ويندو آهي:

1. جنم اشٽمي ڪان اٺ ڏينهن اڳ هڪ جاپ ”ॐ نمو ڀڳوتي واسو ديوايہ“ پڙهڻ شروع ڪيو ويندو آهي.
2. جن ماڻهن کي توفيق ملندي آهي، اهي شريمد ڀڳوت گيتا پڙهندا آهن. جيڪي ڪنهن سبب نٿا پڙهي سگهن، تہ انهن لاءِ لازم آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ان کي ضرور ٻڌن.
3. هر هڪ جي ان ڏينهن ڪوشش هوندي آهي تہ وِرت رکي.
4. سڀ ماڻهو هڪ ٻئي کي واڌائي ڏيڻ لاءِ ”ॐ نمو ڀڳوتي واسو ديوايہ“چوندا آهن.
5. ان موقعي تي ٻاهر جو هڪ وڏو مچ ٻاريو ويندو آهي، جنهن کي ”جنم اشٽمي هون“ چئبو آهي.
6. ان ڏينهن سنياسي، يوگي ۽ گياني ماڻهو ڀڳوان جي تعليم تي روشني وجهندا آهن.
7. سڄ لهڻ وقت ماڻهو مندر ۾ ڪَٺ تي ڀڳوان جي نالي جي مالا جپيندا آهن.
8. رات جو هڪ ڏکهي پوڄا ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڀڳوان جي مورتي کي کير سان وهنجاريو ويندو آهي ۽ ”شريمد ڀاڳوت مهاپُراڻ“ جا مختلف حصا خاص طور تي ”گوپيڪا گيتم“ پڙهيا ويندا آهن.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

جنم اشٽمي ڀڳوان شري ڪرشن جو جنم ڏينهن آهي. ڀڳوان شري ڪرشن جي وشنوءَ جو انون ۽ مشهور اوتار آهي. ڀاڻ ڀادون مهيني جي انين تاريخ مترا ۾ پيدا ٿيو. ڪيس گوپال بہ چئبو آهي. جنم اشٽمي جي موقعي تي گهرن کي صاف سٿرو رکيو ويندو آهي. مکڻ نذر ڪيو ويندو آهي، چاڪاڻ تہ مکڻ شري ڪرشن ڀڳوان جو پسنديده کاڌو آهي. ان ڏينهن گهرن ۽ مندرن کي گلن سان سينگاريو ويندو آهي. بهترين کاڌا تيار ٿيندا آهن ۽ مٺايون ورهايون وينديون آهن. ڀڳوان جي پوڄا لاءِ گيت ڳايا ويندا آهن ۽ شريمد ڀڳوت گيتا پڙهي ويندي آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. جنم اشٽمي جو ڏڻ ڇو ۽ ڪڏهن ملهايو ويندو آهي؟
2. جنم اشٽمي واري ڏينهن ڪهڙا ڪم ڪيا ويندا آهن؟
3. جنم اشٽمي ڏڻ جي تيارين بابت مختصر نوٽ لکو.
4. جنم اشٽمي هَوَن جو مطلب ڇا آهي؟
5. ڀڳوان شري ڪرشن جو استقبال ڪيئن ڪيو ويندو آهي؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:

1. شري ڪرشن جي جي ماءُ جو نالو هو:

(الف) ميران ٻائي (ب) راڌا
(ج) لتا (د) ديوڪي

2. هندو عقيدي مطابق ”وِشنو“:

(الف) پاليندو آهي (ب) پيدا ڪندو آهي
(ج) ماريندو آهي (د) ٻيهر زنده ڪندو آهي

3. ڀڳوان شري ڪرشن جي مورتين ڪي پاڻياٺ سان وهنجارڻ ڪي ڇئبو آهي:

(الف) پوڄا (ب) ساڌنا
(ج) آرتي (د) ابيشڪا

4. جنم اشٽمي جي ڏينهن سنياسي يوڳي ۽ گياني تعليم تي روشني وجهندا آهن:

(الف) سائنس جي (ب) فلڪيات جي
(ج) ڀڳوان جي (د) اهي سڀ

5. جنم اشٽمي ڪان اڳ جاپ پڙهبو آهي:

(الف) 2 ڏينهن (ب) 4 ڏينهن
(ج) 6 ڏينهن (د) 8 ڏينهن

(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:

1. هندن جو مقدس ڪتاب ______ آهي.
2. جنم اشٽمي ______ جو جنم ڏينهن آهي.
3. اهو ڏڻ ______ مهيني ۾ ملهايو ويندو آهي.

4. شري ڪرشن ڀڳوان جي جو من پسند ڪاڌو ______ آهي.
5. شري ڪرشن ڀڳوان جي ______ جي طرفان جنگ وڙهي، کين ڪاميابي ڏياري.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. جنم اشٽمي جي ڏينهن ورت رکيو ويندو آهي. | | |
| 2. شري ڪرشن ڀڳوان جو لقب رام آهي. | | |
| 3. ڀڳوان شري ڪرشن وشنو جو ٽيون نمبر اوتار آهي. | | |
| 4. شري ڪرشن ڀڳوان مترا ۾ پيدا ٿيو. | | |
| 5. جنم اشٽمي جي تقريبن جي شروعات ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ٿيندي آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون هيٺين اصطلاحن جو مطلب مختصر طور لکن:
* گوپال * اپيشڪا * جنم اشٽمي هَوَن

## استادن لاءِ هدايتون

جنم اشٽمي جي موقعي تي پڙهيو ويندڙ جاپ "ॐ نمو ڀڳوتي واسو ديوايہ" مڪمل طور شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٻڌائي کين ان جي سمجهاڻي ڏني وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڪيرتن | اهي گيت جن ۾ مالڪِ حقيقيءَ جي تعريف هجي. |
| ايِيشڪا | اها تقريب، جنهن ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي ننڍپڻ جي مورتي سنواري ماڻهن سامهون پيش ڪبي آهي. |
| مالا جپڻ | شري ڀڳوان جي نالي جو تمام گهڻو ذڪر ڪرڻ |
| گوپيڪا گيتم | گوپين جو اهو گيت جيڪو هنن شري ڪرشن ڀڳوان لاءِ ڳايو. اهو گيت ”شريمد ڀاڳوت مها پُراڻ“ ۾ موجود آهي. |
| تاريڪ پاک | هندي ۾ مهيني جي اڌ کي ”پاک“ چوندا آهن. مهيني جي پهرين اڌ ۾ چنڊ ننڍڙو هوندو آهي، ان ڪري اهي راتيون اونداهيون هونديون آهن. |
| نِراڪار | بي جسم، غيرمادي، نوراني |
| نِرگُن | پورو |
| يوگ مايا | طاقت، ٻَل |
| مکيه | اهم، بنيادي |
| مالا | هار، مالها |

# ويساکي

(هڪ مذهبي ڏڻ)

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون ان قابل ٿيندا ته اهي:

- ويساکي جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- ڄاڻي سگهندا ته سال جي ڪهڙي تاريخ ۾ ويساکي جو مذهبي ڏڻ جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو آهي.
- ڄاڻندا ته ان ڏڻ کي پنجاب جو "لاباري وارو ڏڻ" به سڏيو ويندو آهي.
- ڄاڻندا ته ان ڏينهن کان سکن جو نئون سال شروع ٿئي ٿو.
- ان ڳالهه کي ساراهيندا ته اهو هڪ اهڙو موقعو آهي جنهن ۾ سيئي ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن.
- ان ڏينهن تي ڳائڻ، نچڻ ۽ خوشي ملهائڻ واري جذبي پنيان پس منظر تي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهندا.



"ويساک" کي "بيساک" به چوندا آهن، ويساکي هندوستاني ۽ پاڪستاني پنجاب ۾ بهار جي موسم جو ميلو آهي، جيڪو هندي ڪيلينڊر جي ٻئي مهيني "ويساک" جي پهرين تاريخ ملهائبو آهي. ان مناسبت سان ماڻهو ان کي ويساکي پڙهندا ۽ لکندا آهن. انگريزي ڪيلينڊر جي حساب سان "ويساکي ڏهاڙو" 14 کان 16 اپريل جي وچ ۾ ڪنهن ڏينهن اچي ٿو. هاري فصل لهڻ جي خوشيءَ ۾ اهو ڏينهن ملهائيندا آهن جنهن ڪري ان کي "لاباري وارو ڏڻ" به چوندا آهن ۽ پنجاب وارن وٽ اهو صرف موسمي ڏڻ آهي، پر سکن لاءِ اهو ڏهاڙو مذهبي اهميت رکي ٿو. تنهن ڪري اُهي اهو ڏڻ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائيندا آهن.

اهو ٻڌائڻ مشڪل آهي ته ويساکيءَ جي شروعات ڪڏهن ٿي ۽ ان جي شروعات هڪ ثقافتي ڏڻ جي حيثيت سان ٿي يا اهو ڏهاڙو شروع کان ئي مذهبي ڏڻ طور ملهائجي ٿو. پر اها ڳالهه طي آهي ته هندوستان جي ورهاڱي کان پوءِ به پاڪستاني پنجاب جا هاري

ويساکي جوش جذبي سان ملهائيندا تا اچن. انهن وٽ هيءُ هڪ ثقافتي ڏهاڙو آهي. اسان اوهان کي ويساکيءَ جي مذهبي حيثيت بابت معلومات ڏينداسين.

سک مت ۾ ويساکيءَ جي آڪاٽي انهن جي تعليم مطابق گرو تيغ بهادر جي جي شهادت کان شروع ٿئي ٿي. پاڻ سک مت جو نائون گرو هو، مغل بادشاهه اورنگزيب جي حڪم سان سندس سرعام سر قلم ڪيو ويو هو. تيغ بهادرجي هندن ۽ سکن جي حقن لاءِ اٿيو هو. سو اورنگزيب ان کي پنهنجي لاءِ خطرو پئي سمجهيو. تيغ بهادرجي جي شهادت کان پوءِ سندس پٽ گرو گوبند سنگهه جي سِکن جو ڏهون گرو مقرر ٿيو. گرو گوبند سنگهه جي پنهنجي ماڻهن ۾ قرباني ڏيڻ جي همت ۽ حوصلو وڌائڻ پئي چاهيو، ان خواب کي عملي جامو پارائڻ لاءِ پاڻ 30 مارچ 1699ع تي ويساکي واري ڏهاڙي تي هڪ تاريخي اجتماع منعقد ڪرايائين.

جڏهن هزارين ماڻهن جو ميڙ گڏ ٿي پيو تہ گرو گوبند سنگهه جي هڪ اگهاڙي تلوار ساڻ ڪري، هجوم جي سامهون بيٺو ۽ جوشيلي انداز ۾ تقرير ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن کان پڇيائين تہ ڪير آهي جيڪو قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي؟ هجوم مان هڪ شخص پنهنجو هٿ مٿي ڪيو. گرو ان کي پاڻ سان پنهنجي خيمي اندر وٺي ويو، جڏهن واپس ٿيو تہ سندس تلوار رت سان رڱيل هئي. گروءَ وري اچي پڇيو تہ: قرباني لاءِ ٻيو ڪير تيار آهي؟ هڪ رضاڪار وري تيار ٿيو. اهو سلسلو پنج دفعا ورجايو ويو، هر دفعي جڏهن بہ گرو خيمي مان واپس پئي آيو تہ سندس تلوار مان رت پئي ٽميو. ماڻهو سمجهي رهيا هئا تہ گرو خيمي اندر انهن ماڻهن کي قتل ڪري رهيو آهي. ٿوري دير کان پوءِ جڏهن اهي پنج همراهہ خيمي مان ٻاهر نڪتا تہ سندن ڪپڙن کي رت نہ، پر ڳاڙهو رنگ لڳل هو ۽ هو سڀ صحيح سلامت هئا. سک مذهب جا اهي پنج ئي دلير بعد ۾ "پنج پيارا" لقب سان مشهور ٿيا. انهن جا نالا هن ريت هئا: ڀائي ديا سنگهہ، ڀائي ڌرم سنگهہ، ڀائي مکم سنگهہ، ڀائي همت سنگهہ ۽ ڀائي صاحب سنگهہ.

ان تقريب ۾ گروءَ انهن پنجن ئي ماڻهن کي امرت پيارڻ کان پوءِ پاڻ بہ پيتو ۽ پوءِ سيني ماڻهن کي امرت پيارايائين. ان تقريب ۾ جيڪي ماڻهو موجود هئا، انهن کي "خالص پنٿ" يعني "پاڪ ماڻهن جو طبقو" چئجي ٿو. ان پروگرام ۾ هر قوم جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. پر گرو گوبند سنگهہ جي ڪين سمجهايو تہ پنهنجي ذات پات کي وساري هڪ ٿي وڃو. پاڻ هر هڪ کي "سنگهہ" يعني "شينهن" جو لقب ڏنائين. سندس اهڙي تعليم جي ڪري هڪ انقلاب برپا ٿي ويو، ڇاڪاڻ تہ ان زماني ۾ سماج، ذات پات، امير غريب جهڙن

مسئلن ۾ ورهايل هو، پر سڀ ڳالهيون وساري متحد ٿي ويا. اهڙي طرح 1699ع ۾ ويساکي هڪ مذهبي اهميت حاصل ڪري ورتي، هاڻي بہ پوري دنيا ۾ سک ويساکي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهائين ٿا.

## ويساکيءَ جون تقريبون:

ويساکيءَ واري ڏينهن "نگر ڪيرتن" جا جلوس ڪڍيا ويندا آهن. "نگر" معنيٰ ڳوٺ ۽ "ڪيرتن" حمديہ گيتن کي چئبو آهي. ماڻهو جلوس جي صورت ۾ اهي گيت ڳائيندا هلندا آهن. اهي تعريفي گيت سک مذهب جي مقدس ڪتاب گروگرنٿ صاحب مان ورتل آهن. جلوس جي اڳواڻي "پنج پيارا" جو حليو رکندڙ ماڻهو ڪندا آهن ۽ جلوس سان گرو گرنٿ صاحب کي بہ مٿاهين ۽ اوچي هنڌ رکي گڏ کڻبو آهي.

ويساکي رنگارنگي ڏڻ آهي، ان ڏينهن خاص چمڪندڙ پڪي رنگ جا ڪپڙا پهري "ڀنگڙا" ۽ "گدا" ناچ ڪيا ويندا آهن. سرنهن جو ساڳ، مڪئيءَ جي ماني، تهري ۽ ٻيا انيڪ مزيدار کاڌا تيار ڪيا ويندا آهن. ان ڏينهن گردوارن ۾ ايندڙ سيني ماڻهن کي "ڪڙا پرساد" ڏنو ويندو آهي، جيڪو اٽي، کنڊ ۽ گِيهہ مان ٺهيل کاڌو آهي، ان کي "گروءَ جو پرساد" بہ چيو ويندو آهي، چاڪاڻ تہ ويساکي واري ڏينهن گرو گوبند سنگهہ جي "خالص پنٿ" جنم ورتو هو. جيئن تہ هيءُ هڪ مقدس پرساد آهي، ان ڪري اهو پرساد وٺندڙ گوڏن ڀر ويهي ٻڪ جهلي وڏي عقيدت سان اهو پرساد حاصل ڪندا آهن.

ويساکي اڄ بہ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي ويندي آهي. ماڻهو ويساکي جا ميلا لڳائيندا آهن، جن ۾ هر قسم جا دڪان هوندا آهن، ڳوٺاڻن کي ويساکي جي ميلي جو شدت سان انتظار رهندو آهي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

پنجاب وارن لاءِ ويساکي هڪ موسمي ڏڻ آهي، جڏهن تہ سکن لاءِ اهو هڪ مذهبي ڏهاڙي جي حيثيت رکي ٿو. ويساکي هندي ڪئلينڊر مطابق ويساک مهيني جي پهرئين تاريخ تي ملهايو ويندو آهي. گروگوبند سنگهہ جي 30 مارچ 1699ع تي هڪ ويساکيءَ جو مذهبي اجتماع منعقد ڪيو هو، جنهن ۾ هن درس ڏنو تہ سڀ ماڻهو پنهنجي ذات پات وساري، هڪ ٿي وڃو. ان ڏينهن "خالص پنٿ" جنم ورتو ۽ اهڙيءَ ريت ويساکيءَ کي هڪ مذهبي حيثيت حاصل ٿي. ويساکيءَ واري ڏينهن شوخ رنگ جا نوان ڪپڙا پائي، جلوس ڪڍيا ويندا آهن. گدا ۽ ڀنگڙا ناچ ڪيو ويندو آهي. ڪيرتن ڳايا ويندا آهن. سرنهن جو ساڳ،

مڪئيءَ جي ماني ۽ تهريءَ سميت طرحين طرحين جا کاڌا تيار ڪيا ويندا آهن. جڏهن تہ گردوارن ۾ ڪڙا پرساد ورهائبو آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. ويساکي جي مذهبي حيثيت سان ابتدا ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي؟
2. ويساکي ڏهاڙو ڇو ملهائبو آهي؟
3. ويساکيءَ جون تقريبون ڪهڙي طرح ملهائبيون آهن؟
4. پنج پيارا ڪير آهن، مٿن اهو لقب ڪيئن پيو؟
5. ويساکي جو لباس ڪهڙو آهي؟

(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. انگريزي ڪيلينڊر جي حساب سان ويساکي ملهائبي آهي:

(الف) مارچ ۾ (ب) اپريل ۾
(ج) جون ۾ (د) آگسٽ ۾

2. "سنگهہ" لقب جي معنيٰ آهي:

(الف) هاٿي (ب) بهادر
(ج) بادشاهہ (د) شينهن

3. ويساکي هاري خوشي ۾ ملهائيندا آهن:

(الف) گل پوکڻ جي (ب) ڀاڄيون پوکڻ جي
(ج) فصل لهڻ جي (د) شادي جي

4. "نگر" معنيٰ آهي:

(الف) گهر (ب) پاڙو
(ج) ڳوٺ (د) شهر

5. ويساکيءَ مذهبي حيثيت حاصل ڪري ورتي:

(الف) 1666ع ۾ (ب) 1699ع ۾
(ج) 1799ع ۾ (د) 1999ع ۾

(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:

1. ويساکيءَ جو ميلو ______ جي موسم ۾ ملهائبو آهي.
2. سک مذهب جو ڏهون نمبر گرو ______ آهي.
3. گرو گوبند سنگهه جي ______ تاريخ تي ويساکي جو تاريخي اجتماع منعقد ڪرايو هو.
4. اجتماع ۾ موجود سڀني ماڻهن تي ______ نالو پئجي ويو.
5. ڪيرتن ______ کي چئبو آهي.

(د) هيٺين جملن ۾ صحيح تي ☑ ۽ غلط تي ☒ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. بيسڻ مان ٺهيل لڏون کي ”ڪڙا پرساد“ چئبو آهي. | | |
| 2. سک مذهب جو مقدس ڪتاب گرو گرنٿ صاحب آهي. | | |
| 3. ”خالص پنٿ“ جي معنيٰ آهي دلير ماڻهن جو طبقو. | | |
| 4. ويساکي جو ڏڻ آگسٽ مهيني ۾ ملهائبو آهي. | | |
| 5. گرو گوبند سنگهه جي سکن جو ڏهون گرو مقرر ٿيو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون ويساکي جون رسمون، ڪاڏا ۽ راڳ روپ تي مختصر نوٽ لکي استاد کي ڏيکارين.

## استادن لاءِ هدايتون

انٽرنيٽ جي مدد سان شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سک مذهب جي طرفان خدمتِ خلق لاءِ تيار ڪرايو وينڊز لنگر بابت ڄاڻ ڏني وڃي ۽ ان جي فائدن کان آگاهه ڪيو وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| معنیٰ | لفظ |
| --- | --- |
| سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ، ماري ڇڏڻ | سر قلم ڪرڻ |
| هڪ مُقدّس پاڻي، جنهن لاءِ تصور آهي تہ هن کي پيئڻ سان انسان سدائين زنده رهندو آهي. | امرت |
| عبادت ڪرڻ کان پوءِ ڪاڏي جي ڪا شيءِ ورهائڻ کي ”پرساد“ چوندا آهن. | پرساد |
| سکن جي عبادت گاهہ | گرد وارو |
| فصل جي ڪٽائي | لابارو |
| جلسو، گڏجاڻي | اجتماع |
| سائي ڀاڄي | ساڳ |
| ڳُڙ ۾ تيار ٿيل منا چانور | تهري |
| مهانڊو، شڪل | حُليو |